کلام الحسین

ترجمہ

بلاغت الحسین

مترجم

سید حاکم علی شاہ کربلائی اکوی

بسم الله الرحمن الرحیم

کلام الحسین

ترجمہ

بلاغت الحسین

اصل تالیف

استاد المصطفی الحسین الموسوی

مترجم

حقیر سید حاکم علی شاہ کربلائی لکوی

قیمت ۲-۰-۰

چھاپنیندڑ

سید حاکم علی شاہ کربلائی لکوی

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

تعارف

انساني زندگيءَ ۾ بعضي اهڙا موقع اچن ٿا جنهن ۾ ڪا ننڍي يا وڏي لهرڪ انقلاب جو سبب بڻجو هوي. ڪنهن نيڪ انسان جي صحبت يا ڪا اهڙي تصنيف ۽ تاليف بلڪ بعضي ڏٺو ويو آهي ته ڪي معمولي فقرا يا جملا جي هر وقت ڳالهايا وڃن يا ٻڌا وڃن ٿا، ڪن وقتن تي انساني زندگيءَ ۽ ذهنيت ۾ انقلاب آڻڻ جا پيش خيمه بڻيا آهن. هڪ بزرگ (غالباً شاهه گودڙيو اولياءَ) جي ذهني انقلاب جي ڳالهه ڪندا آهن ته اصل هو هڪ زبردست جابر بادشاهه هو. سندس محلات خاص ۾ هڪ ٻانهي جنهن جو خاص ڪم هو بادشاهه جي بستري کي روزانو بدلائي صاف ڪري وڇائڻ ۽ پوءِ شاهي لوازمن خوشبوئن وغيره سان معطر ڪري سينگارڻ، جيئن بادشاه سلامت ان بستر راحت تي آرام ڪري. روزانو ان ٻانهيءَ جو اهوئي خاص ڪم هو ۽ انهيءَ ڪم لاءِ هو مستعد رهندي هئي. هڪ ڏينهن ان ٻانهيءَ کي

انساني خواهش، جا هر انسان کي قدرت کان عطا ٿيل آهي، مجبور ڪيو تہ جنھن بستري کي روزانہ بادشاهہ لاءِ سينگاريندي آهي ڪجھہ وقت ان ۾ سمهي ڏسي ۽ لطف حاصل ڪري. دل جي خواهش دماغ تي قابض ٿي ۽ نيت ان پنھنجي خواهش جي لعمل ۾ بادشاهہ جي روزانہ محلات ۾ اچڻ واري وقت کان ڪجھہ وقت اڳ ۾ سينگاريل بستري تي دراز ٿي. معمولي گودڙين تي رات بسر ڪندڙ ٻانهي جڏهن اهڙي ۽ لطيف نرم بستري، جنھن کي اهڙين خاص خوشبوئن سان معطر ڪيو ويندو هو جي مٿس تي خمار پيدا ڪري جلد ننڊ آڻيندڙ هيون، ٻانهي سمهڻ سان غافل ٿي وئي جڻ مري وئي. ايستائين جو بادشاهہ پنھنجي مقرر وقت تي محلات ۾ آرام ڪرڻ لاءِ وارد ٿيو ۽ پنھنجي خاص بستري تي ٻانهيءَ کي ستل ڏٺائين. بادشاهہ جي غصہ کي انتها بلنديءَ تي آڻڻ لاءِ هي ڪافي سبب هو. بادشاهہ غضبناڪ ٿي هنٽر سان ٻانهيءَ کي مارڻ شروع ڪيو. پهرين ته ڏک سان ٻانهي دانھون ڪري اٿي. هنٽر کائيندي ۽ دانهون ڪندي رهي. ڪجھہ وقت بعد مار کائيندي ٻانهي روئڻ ۽ دانهون بند ڪري يڪلخت وڏا ٽهڪ ڏئي کلڻ شروع ڪيو. خلاف عمل ٻانهيءَ جي کلڻ تي بادشاهہ حيران ٿي ٻانهيءَ کي ڏک هڻڻ بند ڪري کيس هڪ وڏي عجب سان نهارڻ لڳو.

ٿوري عرصي بعد ٻانهيءَ نه ڪاڻ بند ڪيو. نيٺ بادشاهه ڪائونس پڇيو ته اي بي ادب ٻانهي تنهنجي عمل توکي موت لائق پهچايو آهي. ٿوري عرصي اندر تنهنجي عبرتناڪ موت مان خلق نصيحت حاصل ڪندي. مگر آخرين طرح پنهنجي ڪاڻ واري راز کان مونکي آگاهه ڪر. ٻانهي ٿورو توقف ڪري بي ڊپ ٿي ڳالهائڻ شروع ڪيو (جنهن کي پنهنجي موت جي يقين دلير بڻائي ڇڏيو هو) ته اي بادشاهه! پڻ روزانو منهنجو مقرر فرض هو ته تنهنجو بسترو تيار ڪريان. انهيءَ فرض ادا ڪندي اڄ مونکي پنهنجي دل ۾ خواهش پيدا ٿي ته تنهنجي بستري تي سمهيس ۽ ان خيال سان ته تنهنجي اچڻ کان اڳ اٿندس. مگر مونکي ته تنهنجي بستري جي سمهڻ يڪدم غافل ڪري ڇڏيو. تنهنجي هٿان جي تڪليف سان سڄاڳ ٿيس. زماني جي رسمن ۽ رواجن موجب ته عظيم گناه مونکان ٿيو. پاڻ جهڙي انسان، مگر دنيا جي هڪ جابر بادشاهه جي بي ادبي ڪئي هيم. معمولي طرح موت جي سزا ته منهنجي لاءِ ملڪي قانون ۾ هلڪي سزا آهي مگر فطرت انساني، ڏکن لڳڻ جي ايذاءَ کان مون رنو ۽ دانهون ڪندي خيال آيو ته مونکي ان بستري تي ٿوري وقت سمهڻ ڪري هي سزا ملي رهي آهي ۽ آئينده ملندڙ سزا جو تصور پڻ اڳيان آيو. وري منهنجي خيال پيو پهلو اختيار ڪيو ته

مون جهڙو انسان جو هميشه انهيءَ بستري تي سمهي ٿو سو مونکان وڌيڪ سزا جو مستحق ڇو نه ٿيڻ گهرجي. ان سبب مون کليو ۽ زور سان کليو اي بادشاه تنهنجي سزا جو تصور آهي. انهن جملن ٻڌندي بادشاه جي ذهن ۾ زلزلي طرح انقلاب اچي ويو. هن جي ڪائنات ۾ اٿل پٿل آئي، روحانيت نفسانيت تي فتح حاصل ڪئي. ٻانهيءَ کي راز دار بڻائي، بادشاهي پوشاڪ لاهي ٻيا معمولي ڪپڙا پائي بادشاه هميشه لاءِ بادشاهي ترڪ ڪري رات جي پردي ۾ ڪنهن طرف روانو ٿيو جو وري ان بادشاهي ۾ نه آيو.

اهڙا ذهني انقلاب جا گهڻا مثال ملندا. ڪربلا جي جنگ ۾ حر لشڪر يزيد جي هڪ دستي جو سردار هو جو حضرت امام حسين کي عملا نظر بند ڪري ميدان ڪربلا ۾ آڻيندڙ هو. مگر عاشوره جي ڏينهن عمر بن سعد[1] جي شقاوت قلبي ڏسي ۽ حضرت امام حسين جون قربانيون ٻڌي ۽ سندس عمل ڏسي، اهڙي انقلاب ۾ آيو جو جنهن لشڪر جو ڪنهن درجي تي سردار هو ان سان لڙندي شهيد ٿي ويو. اهڙا مثال زماني ۽ تاريخ ۾ تمام گهڻا آهن. مگر اسان پنهنجي موضوع جي طرف ايندي، عرض گذار آهيون ته- ڪتاب بلاغة الحسين ١٩٥٢ع جو ڇپيل جو اسانکي اوچتو خوشبختيءَ سبب مطالع

١- ڪربلا جي جنگ ۾ يزيدي لشڪر جو سپه سالار هو.

لاءِ پنھنجي فرزند سعيد حڪيم سيد عطا حسين شاهه
طول عمره، (انچارج لکوي اسپتال ڪنڊيارو ضلع نوابشاهه)
وٽان مليو جو ھڪ ڀيري سيد صاحب کان ورتل ھو.
ڪتاب تي سرسري نظر وجھڻ سان مونکي ائين محسوس
ٿيو جڻ تہ ڪونين جا خزانا قدرت کان عطا ٿيا آھن.
ڪتاب کڻي ڳوٺ آيس. ڪتاب جي مطالع سچ پچ
مونتي جادو جھڙو اثر وڌو. ڇا الفاظن جي موزونيت
ڇا طرز بيان جي نزاڪت ڇا مطلب ۽ معنيٰ جي بلندي
۽ موافقت ڇا استعارن ۽ تشبيھن جي لطافت ۽ نزاڪت.
مون نھج البلاغت جو اردو ترجمہ نيرنگ فصاحت
(حضرت عليءَ جي ڪلام جو مجموعو) بہ چڱي طرح
پڙھيو آھي، جنھن کي عالمن امام الڪلام جو خطاب
ڏنو آھي ۽ قرآن پاڪ جو ترجمو بہ ھميشہ جي وظائف
۾ داخل آھي. منھنجي اندازي موجب ۽ معلومات
موجب قرآن پاڪ کان بعد نھج البلاغت جي مقابلي ۾
بلاغت الحسين کي ٿي آڻي سگھجي ٿو. بنھي ۾ ڪنھن
ھڪ کي مقدم ۽ ٻئي کي موخر سمجھڻ اساجي عملي
استعدا کان بلند آھي. بلاغت الحسين جي اعليٰ خوبين
جي خزانن مونکي ترجمہ ڪرڻ لاءِ اڀاريو. آءٌ ھڪ
غير تجربہ ڪار ان عليم الخبير جي آسري تي ھن نيڪ
ڪم کي شروع ڪيو جو بخير ۽ خوبي اختتام پذير ٿيو.
الحمد لله. بلاغت الحسين ۾ ادبي اعليٰ خوبين کان

سواءِ معنوي خوبين جا بي بها خزانا جي ڪلام امام ۾ موجود آهن سي هر ذهني ۽ اخلاقي مذهبي ۽ سياسي (در حقيقت مذهب ۽ سياست هڪ آهن) انقلاب لاءِ ڀرپور ۽ ڀوپور سبق آهن. جيئن امام حسين انقلاب جو امام آهي تيئن سندس ڪلام به انقلابي لٽريچر جو امام آهي. سندس ڪلام جي گلزار ۾ هر نموني ۽ هرقسم ۽ رنگن جا گل آهن. آلهيات سان گڏ اخلاقيات ۽ مساوات موجود. وري وحدانيت سان، سخاوت، عدالت شجاعت. عبادت. رياضت ۽ مروت جا گران قدر ۽ انمول موتي ستارن مثل ڪتريا پيئا آهن. امام حسين ۽ سندس شريڪ ڪار اهلبيت پنهنجي خطبن، تقريرن ۽ ڪلام سان انهن فقط نالي جي دعويدارن اسلام (جن اسلام جو ليبل فقط دنيائي فائدن ۽ سلطنت هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻ تي لڳايو هو) جن اسلام جي ظاهر ۽ باطن کي اهڙو مسخ ڪري ڇڏيو هو جو داعي اسلام حضرت سرور ڪائنات جي محنت ۽ مشقت رائگان ٿيندي نظر ٿي آئي جا پاڻ سڀوڙن اسلام يا انسانيت جي پيغام ۽ تعليم ڏيڻ تي صرف ڪئي هئائون.

قرآن ۽ ان جي ڪيل اعلانن تي تمسخر ڪيو ويندو هو. مسند خلافت تي قابض ٿيل خلفائي اسلام سڏائيندڙ زنا ۽ شراب، ناحق ۽ قتل غارتگري، واعدي خلافي ۽ دوکي بازي، ناچ گانا ۽ جوا، مطلب ته هر هڪ لهو لعب

ڪي (جنهن کي اسلام سختي سان بند ڪيو هو) فخريه ۽ علانيه اختيار ڪري عين اسلام جي رڪن ۾ شمار ڪرڻ شروع ڪيو هو. سچائي ۽ حسن اخلاق گذريل ڪهاڻيون ٿي چڪيون هيون. عين انهيءَ ماحول ۽ وقت ۾ حضرت امام حسين ۽ سندس اهلبيت جي قربانين ۽ ٿورين سان زماني ۾ هڪ عظيم انقلاب آيو جنهن جي سيلاب ۾ اسلام جي مٿان آيل ڪفر ۽ ضلالت جا گرد و غبار جي داعي اسلام جي وفات بعد اسلام جي سينگاريل زمين تي ته بته جمايا ويا هئا، انهن ڌوپي ۽ صاف ٿي ويا ۽ اسلام جي حقيقي ضيا پاشي زماني ۾ چمڪي جنهن کي زمانو اڳ حاصل - وحي محمد مصطفيٰ صل الله عليه و آله وسلم جي وقت ۾ پرلو ڦڪن هئي. هن دنيا ۾ انقلاب آيا ۽ ايندا رهندا. انقلابن جي رهنمائن جدا جدا آوازن سان، جدا جدا مقصدن کي نصب العين ڪري زماني ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ دنيا وارن جو توجه ڇڪايو. ابراهيم لنڪن آمريڪا مان غلامانه رسم بند ڪرڻ لاءِ انقلاب آندو، لينن روس ۾ مساوات ۽ معاشيات تي انقلاب آڻڻ لاءِ عمر گنوائي مگر حسين عليه السلام ساري انسانيت جي هر هڪ پهلوءَ کي اجاگر ڪرڻ لاءِ انقلاب آندو. يعني اسلام ۽ انسانيت ٻه جدا صورتون نه آهن. حقيقي اسلام حقيقي انسانيت آهي. اسلام دنيا ۾ آيو ئي ان لاءِ ته اولاد آدم کي

صحيح انسان بڻائي - اسلام جا قوانين قرآن جا احڪام ۽ سرور ڪائنات جي طرز زندگي صحيح انسانيت سوڪارڻ لاءِ دنيا ۾ مشعل راه هئي. مگر انسانيت جي ذاتي عدو (دشمن) عزازيل پنهنجي خالق سان ڪيل واعدي موجب اولاد آدم کي انسانيت کان هٽائڻ لاءِ جي ڪوششون وقت بوقت ڪيون، انهن ۾ هو گهڻي قدر ڪامياب به ٿيو. آخرين نبي رحمت العالمين جي آخرين خدائي پيغام کي بي اثر ڪندي عزازيل پنهنجو مضبوط لشڪر ڪيو جو اسلام ۽ انسانيت جي پوشاڪ ۾ سڄي دنيا تي ڇانئجڻ لاءِ هر طرح ۽ هر پهلو ليار، مڪمل ۽ مضبوط ٿي يزيد جي اڳواڻي هيٺ باقي رهيل نشان انسانيت جي مٽائڻ لاءِ، جو اڃا هڪ گهر ۾ موجود هو، ڪوشان ٿيو.

اولاد آدم کي صحيح انسان بڻائيندڙن جو هڪ فرد اڃا هن دنيا ۾ موجود هو جنهن کان ئي شيطانيت کي خطرو هو. فقط ان هڪ هستيءَ جي خاتمي لئي ئي هميشه لاءِ شيطانيت بي معنيٰ ۾ يزيديت جي يقيني فتح هئي. عزازيل کي اها پڪ هئي ته خاتم النبيين جو زمانو ختم ٿي چڪو، آئينده صحيح انسانيت جو ڪو به علمبردار (نبي يا پيغمبر) دنيا ۾ اچڻو ڪونه آهي. باقي هڪ حسين عليه السلام آهي جنهن کي ختم

ڪرڻ سان ئي شيطانيت هميشه لاءِ سرخرو رهندي.
رحمانيت ۽ انسانيت جي شڪست لاءِ هي اهڙو پروگرام
هو جو ان شڪست کي فتح ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ان
خالق کي وري ٻي دنيا خلقي ان ۾ عزازيل جو مقابلو
ڪرڻو پوي ها. مگر حسين جنهن رحمت اللعالمين جي
زبان چوسي پنهنجي خوراڪ حاصل ڪئي، جنهن جي جسم
جي هرهڪ جزي ۾ محمد صلي الله عليه و سلم جو خون ۽
اوصاف هئا ۽ جو هڪ صحيح ۽ ڪامل انسان ۽ انسانيت جي
پيغام ڏيندڙ گهر جو خاص رڪن هو سو شيطانيت يا
يزيديت کي فالج ٿيندو ڏسي ها ته اهو ناممڪن هو.
نبي جي زبان مبارڪ سان لقب مليل انا من الحسين-
وارو هينئن اڳتي آيو. پنهنجي ۽ پنهنجي اولاد،
عزيزن ۽ معتقدن جي جان، عزت، مال، اسلام ۽
انسانيت جي مٿان قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿيو، مگر ان
قرباني لاءِ حسين هڪ اهڙو پروگرام تيار ڪيو،
جنهن کان دنيا اڳ ۾ واقف نه هئي. هي دنيا
۾ انسانيت ۽ شيطانيت جي آخرين جنگ هئي. حسين
سيني خود ايجاد ڪيل انقلابي هٿيارن سان مقابلي ۾
آيو. (١) قلم سان خطوطن رستي (٢) مدينه کان مڪه
۽ مڪه کان عين حج کان هڪ ڏينهن اڳ حج ادا ڪرڻ
کان سواءِ ڪوچ، دنياءِ اسلام خواه عام دنيا جي ڌيان

ڇڪائڻ لاءِ (ته رسول جو ديندار نواسو جنهن جي عبادت ۽ رياضت جو مثال ان وقت دنيا ۾ ڪونه هو سو حج لاءِ مڪي ۾ آيل مڪي مان حج ادا ڪرڻ کان اڳ ۾ روانو ٿي ويو.) هي ٻه وڌندڙ يزيديت لاءِ ڪاري ضرب هئي. (٣) پنهنجي قافلي ۾ ضعيف پيرن، ڪير ننڍڙا ٻارن ۽ پرده دار عورتن کي ساڻ کڻڻ (ان رمز جهاد کي محمد بن حنفيه ۽ عبدالله بن عباس جهڙا داناءُ به نه سمجهي سگهيا جنهن سبب کان انهن امام حسين کي پرده دار عيال ساڻ کڻڻ کان منع ڪئي). (٤) رستي ۾ دليري هرهڪ منزل تي انقلاب انگيز تقريرون ۽ خاص ڪربلا جو بيابان ان مقابلي لاءِ مقرر ڪرڻ. (٥) عزيزن، اولاد ۽ اصحابن جي شهادت بعد ڇهن مهينن جي فرزند جي قرباني ۽ ان بعد پنهنجي قرباني ڏيڻ سندس هرهڪ عمل ۽ زبان مان نڪتل هر لفظ شيطانيت ۽ يزيديت کي نابود ڪرڻ ۽ اسلام ۽ انسانيت کي سرخرو ڪرڻ لاءِ بي مثال انقلابي حملو هو. سندن شهادت بعد ڪربلا جي ميدان مان قيدين جي حالت ۾ سندن اهلبيت به حسيني مشن کي ڪامياب ۽ مڪمل ڪرڻ لاءِ. ضعيف پرده دار عورتن جا اوصاف ڇا ڪري شيردل بي مثال بهادرن جان ڪوفه ۽ شام جي بازارين ۽ درٻارين ۾ جي انقلاب انگيز تقريرون ڪيون جي قيامت تائين دنيا کان

داد الحسين نذر ۾ وقف ٿينديون رهنديون انهن ۾ آهي باقي
يزيديت کي دنيا ۾ اهڙو بدنام ۽ رسوا ڪيو جو قيامت
تائين يادگار رهندو. (اهو ئي راز هو پرده دارن کي
ساڻ نه کڻڻ جو) وقت بوقت جڏهن به شيطانيت يا
يزيديت شرارت ڪري انسانيت کي مٽائڻ لاءِ ڪوشش
ڪري ته حسين جي انهن ڪم آئندل فتح مندي جي
هٿيارن مان هڪ ڪي ئي ڪم آڻڻ سان شيطانيت
مغلوب ٿيندي رهندي. حسين جي عطا ڪيل عملي ۽
لساني سبقن کي دهرائڻ سان ئي انسانيت دنيا ۾ ئي
جاڳندي سگهي ٿي. هيءُ ئي آخرين طرح رسالت جون
ذميداريون هيون جي حسين پنهنجي نانا جي طرفان
سندس نائب ۽ خليفي هجڻ جي حيثيت ۾ پوريون
ڪري رسول جي قول انا من الحسين کي سچو
ثابت ڪيو.

حقا ڪه بنائي لا اله هست حسين.

منهنجي دلي جذبات جا هن تاليف بلاغت الحسين
جي مطالع ڪندي ايتري اٿيا مونکي ڪجهه لکڻ
لئي آماده ڪيو ورنه منهنجو ارادو ايتري لکڻ لئي نه
هو. بلاغت الحسين اها گران قدر تاليف آهي جو
جيڪڏهن پوري دلچسپيءَ سان ڪنهن به مذهب وارو
فقط عام انساني حيثيت ۾ هن جو مطالع ڪندو ته مٿس

هڪ ڪيف ۽ سرور جي حالت ڇانئجي ويندي ۽ ان اثر کان پڙهندڙ پاڻ کي هڪ نئين دنيا ۾ محسوس ڪندو جا اعليٰ انسانيت واري دنيا آهي جنهن ۾ نه مڪر ۽ فريب نه دغابازي ۽ نه بي ايماني، نه ظلم ۽ زبردستي نه غرور ۽ تڪبر نه شهوانيت ۽ شيطانيت، نه حق غصبي ۽ احسان فراموشي وغيره آهي. فقط ان دنيا ۾ سچائي ۽ ايمانداري، خلوص ۽ مروت، حق شناسي ۽ احسانمندي، پرهيزگاري ۽ پاڪبازي، رحم ۽ ڪرم، رحمانيت ۽ حسينيت نظر ايندي ۽ اها دنيا ٻين لفظن ۾ جنت آهي. حسين جي پيغام کي هر انسان تائين پهچائڻ موجوده دور ۾ اهڙو ضروري آهي جهڙوڪ ڪربلا جي واقع واري زماني ۾ ضروري هو. اڄ به يزيديت يا شيطانيت پنهنجي ڪٽيل ۽ ٽٽل شڪست خورده هٿيارن ۽ ذهنيت کي مجتمع ڪري، رحمانيت ۽ حسينيت، يا اسلاميت ۽ انسانيت جي مقابلي ۾ صف آرا ٿي چڪي آهي. اڄ اشد ضرورت آهي ته حسين جي ڏنل سبقن تي عمل ڪري انسانيت شيطانيت جي مقابلي ۾ اچي ته فتح يقيني آهي. ساڳي ان سياه يزيدي دور وانگر اڄ به انسانيت تي حيوانيت قابض ٿيندي ٿي وڃي. اڄ جي نالي جي انسان کي حيوانيت ئي مرغوب آهي. حرام ۽ حلال جو امتياز مٽجي چڪو آهي. اڄوڪي انسان جو مقصد زندگي آهي کائڻ، پيئڻ، عيش ۽ عشرت.

جن کي انهن حاصل ڪرڻ جا وسيلا (پئسا) آهن سي اهي خوب دل کولي انهن ڳالهين مان مستفيض ٿي رهيا آهن. پيا جن کي اهي ميسر نه آهن سي انهن جي ٿي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ۽ حسرت ۽ تمنا رکن ٿا. روحانيت قريب المرگ آهي. ان مرض جو علاج فقط حسينيت جو پيغام آهي جو گهر گهر، شهر شهر ۽ ملڪ ملڪ ۾ پهچايو وڃي ته اهي روحانيت ۽ انسانيت جا ستل جذبا دلين ۾ جاڳي اٿن- جو اهو پيغام پڙهي سو حر ۽ حبيب بڻجي وڃي. جيڪڏهن هلندڙ دنيا جي عظيم تعداد انسانن مان فقط ڪي چند ظهير ابن قين ۽ مختار ابن عبيده ثقفي پيدا ٿي پون ته دنيا حسينيت ۽ انسانيت جي تصوير بڻجي پوي- انهي جذبي مونکي بلاغ الحسين کي پنهنجي مادري زبان سنڌي ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ اڀاريو ۽ ان جو نتيجو بحمدالله ناظرين جي اڳيان آهي- آءٌ عالم يا مفڪر، مصنف يا مؤلف نه آهيان. منهنجو تعلق خانداني طرح طبي لائين سان آهي- مگر علم، خصوصا اهلبيت محمد صلي الله عليه وسلم جي علم جو شيدائي آهيان- ڪم علم يا ڪم تجربي سبب ترجمي ۾ جيڪڏهن ڪي خاميون، غلطيون يا فروگذاشتون هجن ته صاحبان علم کي گذارش آهي ته ان جي اصلاح لاءِ مونکي مطلع ڪن ته انشاءالله ٻيءَ ايڊيشن ۾ سڌارو ڪيو ويندو. اصل تاليف جي اڳيان يعني حضرت امام جي خطبن کان

۽ اڳ شروع ڪتاب ۾ ڪلام امام تي ڪجهه روشني شيخ ممتاز حسين ۽ مولانا سيد سبط الحسن صاحب جي طرفان تحرير ٿيل شامل ڪتاب آهي جا ڪافي سمجهي ناظرين کي خود ان فيض جي درياه مان موتي چونڊي پنهنجي ايماني خزاني کي ڀرڻ لاءِ آزاد ڇڏيو وڃي ٿو ۽ ضرورت آهي ته انسانيت دوست مخير اصحاب اصل عربي تاليف بلاغة الحسين کي دنيا جي ٻين زبانن ۾ ترجمو ڪرائي ڪلام امام سان دنيا وارن کي روشناس ڪرائين ته جيئن دنيا انسانيت ڏانهن قدم وڌائي سگهي. امن ۽ عافيت دنيا ۾ اچي. فقط رضائي اهلبيت محمد (جا حقيقت ۾ رضائي خداوند عالمين آهي) حاصل ڪرڻ خاطر هي خدمت ڪيل آهي جا ڪنهن به مذهبي ۽ فرقي دارانه تفريق کانسواءِ انسانيت کي هڪ ڪامل انسان جي پيغام کان واقف ڪرڻ لاءِ آهي ۽ جيڪڏهن موجوده دور ۾ حسين جي قول ۽ عمل کي دنيا سمجهي ۽ ان جي نقش قدم تي هلڻ لاءِ ڪوشش ڪري ته هي دنيا هڪ جنت بڻجي پوي. قاضي الحاجات و مجيب الدعوات کان بطفيل محمد و آل محمد دست بدعا آهيان ته منهنجي هي ناچيز ادا ڪيل خدمت کي قبوليت جو شرف عنايت ڪري جيئن سنڌس ڪثير تعداد بندا هن ترجمي مان فيض ياب

تین. آمین - والسلام من اتبع الهدا - اللهم صل علی سید نا
محمد و آل محمد.

حسینیت زنده باد

اسلامیت پاینده باد

خاکسار (حکیم سید) حاکم علي شاه

ابن

حضرت مسیح دوران حکیم سید غلام محمد شاه مرحوم

موضع لکي ضلع سکر

مورخ ۷ جنوري ۱۹۵۵ع

٧٨٦

مقدمه

(از جناب شيخ ممتاز حسين صاحب جونپوري)

اڄ زير نظر ڪتاب بلاغة الحسين جي روشنيءَ ۾ واقعه ڪربلا ۽ حضرت امام حسين عليه السلام کي هن مقدمي ۾ ننڍي عنوان سان پيش ڪرڻ گهرون ٿا.

ابتدائي آفرينش کان هن وقت تائين اقوام عالم ۽ تمام ملتن جي تمدن ۽ ترقي جي رفتار ۽ تاريخ تي نظر ڪئي وڃي ۽ خود اها بلند پايه چيز جنهن جو نالو ۽ مفهوم انسانيت آهي، ان تي گهرو تاريخي تبصرو ڪيو وڃي ۽ ان سان گڏ هر زماني ۾ هر جڳهه ۽ هر سر زمين تي جي بلند هستيون عالم وجود ۾ اينديون رهيون ۽ جي تڪميل انسانيت لاءِ سرگردان رهيون انهن جي ڪردار ۽ عمل کي ڏٺو وڃي ته هڪ وڏي راز جو پتو لڳي ٿو ته جنهن مرتبي ۽ معراج تي انسانيت کي پهچڻ گهرجي، ان حد تائين انسانيت اڃا تائين

ٿيڻي آهي. رسول ۽ خاندان اهلبيت جا منتخب فرد
بذات خود ان بلند ٿائي تي افضال خداوندي سان
خاڻو هئا ۽ دنيا وارن کي انهي تعليم ڏيندا رهيا ۽
تڪميل انسانيت لاءِ ڪوشان هئا- مگر زماني انهن
جو ساٿ نه ڏنو ۽ انهن جي قدرائي بلند معيار کي
دنيا سمجهي نه سگهي ۽ اهي منتخب هستيون جي
يادگار نقش عمل ڇڏي ويون يا دنيا جا بعضي حڪما
مثلا سقراط وغيره وحدانيت ۽ انسانيت جي ترقي لاءِ
جو ڪجهه ڪيو ان نظريه تي هزارها سال اڳي اچڻ
واري زماني کان بعد شايد دنيا وارن جي نظر ٿيڻي
۽ انتي عمل ٿئي نه ٿئي-

ان ڪمال انسانيت جو اهو راز! جو توحيد ۽
وحدانيت جي ويس ۾ واقعه ڪربلا ۽ امام حسين جي
ڪردار ۽ سيرت ۾ ڇپي اهي ڪري رهجي ويو
جو ڪربلا جي جنگ فتح ڪرڻ لاءِ جيتريون مصيبتون
خود امام حسين ۽ ان جي خاندان ۽ ٻارڙن سٺيون، اهي
ايتريون دردناڪ ۽ انسانيت سوز هيون جو دنيا خود
ان جي بار ۽ غم جي دٻاءَ کان اڀري نه سگهي ۽ ڪربلا
جي واقعي جي خاص خصوصيت ۽ امام حسين جي
بلند ۽ برتر ۽ غيرفاني ڪردار جو قدر ڪرڻ ڀلجي
ويئي- ان ڪري واقعه ڪربلا ۽ امام حسين کي انسان
دنيا جي سامهون خام انسانيت جي روشني ۾ پيش

نه ڪري سگھيا سون ۽ خود امام حسين جا علمي ۽ عملي ڪمالات ۽ ڪردار ۽ گھٽائي محاسن ظاهر روشن ٿي نه سگھيا.

يورپ جا مصنف مسو ماربين ۽ جوزف پنھنجي پنھنجي تصنيفن ۾ صرف ايترو اشارو ڪري ويا ته امام حسين پنھنجي زماني جو سڀ کان وڏو سخي ۽ وڏو زبردست سياست دان ۽ سڀ کان وڏو بهادر هو. ڪنھن صبر ۽ استقلال ۽ همت جي تعريف ڪندي - مؤرخين ۽ حديثن ۾ امام حسين ٻيءَ طرح پيش ٿيو.

نظر کان گھٽو دور ۽ سون سالن جي وات طي ڪري نظر اچڻ واري انسانيت جي جلون کي جو هراهين زماني ۾ نظر ايندا، ڪنھن طرح به ڪوئي ڏيکاري نه سگھيو ۽ يورپ وارن يا دين جي اهل علم ۽ ادب انسانن لاءِ امام حسين جو ڪوئي لٽريچر (علمي ذخيرو) سامهون نه هيو، انڪري مدت کان دل ترقي ٿي ته علم ۽ ادب اخلاقيات ۽ ٻين ڪمالات انساني جي اعلى ترقي جو جلوه ڪربلا ۾ امام حسين جي ذات کان ڏيکاريو وڃي مگر اهڙو سامان نه ٿيو.

جناب جوش مليح آبادي شاعري جي لحاظ سان انطرف مٽاڇري نظر دوڙ ٿي آهي يعني انسانيت اڇا سڀ منزلون طي ڪري ان منزل تي ڪاڻ پهتي

آهي جتي حسين رهي ڪارنمايان ڪري ويو- انطرفه
هيٺين اشارو ڪيائين.

انسان کو بيدار تو هو لينے دو
هر قوم پکاريگي هماري هين حسين.
انسان کي جاڳڻ ته ڏيو
هر قوم پڪاريندي حسين اسانجو آهي.

خدا ڀلو ڪري علامه دوران عالم بتبحر جناب مولانا
حڪيم سيد علي اظهر قبله جي پوٽي مولوي سيد
محمد باقر صاحب، مولوي فاضل، صدرالافاضل کجوي
جو جنهن صاحب حضرت امام حسين جا چند فصيح
۽ بليغ خطبا، خطوط ۽ مختصر حڪيمانه ڪلمات ان
تاليف مان ترجمه ڪري پيش ڪيا جا جناب علامه
مصطفيٰ محسن الموسوي الدائري صاحب گڏ ڪئي
آهي ۽ ڪربلا جي حسيني عمل جي انهن قولن سان
مطابقت جو ادبي مواد ان طرح فراهم ڪي ويو- حقيقتا
هي گهڻو وڏي خدمت آهي جا پنهنجي پنهنجي
زبانن جي ادب ۽ علم ۽ انسانيت جي لاء انهن حضراتن
ڪئي آهي- هن لٽريچر امام حسين جي بلند ۽ عالمانه
هستي جو شان پيش ڪيو آهي جو ڪنهن قدر مختي هيو-
توصيف ڪلام، هي تصنيف بلاغت الحسين پنهنجي
جاء تي ادبي خوبين، انسانيت، وحدانيت، دين
۽ دنيا جي تعليم جي لاء هڪ انسائڪلوپيڊيا آهي جنهن

جو مثال هن وقت شايد دنيا جي ترقي يافته ملڪن ۾ ملڻ مشڪل آهي. خصوصا توحيد جي تعريف ۾ ته اسانجو خيال آهي ته اهڙو تورن لفظن ۾ عام فهم لٽريچر ڪٿي نه ملي سگهندو. ان دعوا ۾ شڪ هجي ته روسي. جرمني. انگريزي. پورتگالي ۽ ٻين زبانن ۾ ان جو ترجمون ڪرائي بازار تمدن ۽ تهذيب جي تمام تصنيفن جي مقابلي ۾ رکي زمانو خود اطمينان ڪري. ايتري اختصار ايتري ڀر مطلب، ايترا ادبي محاسن ۽ ايتري زور ۽ طاقت وارا ڪلمات ادا ٿيڻ جيڪي ڪلام امام ۾ آهي، جيڪڏهن هر اديب لاءِ ناممڪن نه آهي ته آسان به نه آهي. هن ۾ توحيد جو خطبو واقع ڪربلا جي جسم لاءِ بمنزل روح جي آهي. امام جي لٽريچر جي زور ۽ نثر ۾ نظم جي مدد ڄڙڻ (لاهه چاڙهه) جي ڪيفيت کي واضع ڪرڻ جي غرض کان ۽ صرف سمجهائڻ خاطر هي چئي سگهجي ٿو ته شيڪسپيئر. انيس فردوسي. ڪاليداس ۽ هومر وغيره جي ڪلام ۽ خيالات جي ادا ڪجڻ جي تعريف ان ڪري ڪئي ويندي آهي جو تخيل، ادبي محاسن ۽ ادائي ڪلام جو طريقو ايترو مڪمل آهي ۽ ايترو مختصر ۽ تمام حدن کان درست آهي جو اها ڳالهه هر انسان جي وس جي نه آهي پر الهه سيني ادبن جو حڪيم روحاني سان ڪهڙو مقابلو. ڪٿي دنيائي ۽ علم ڪٿي روحاني فيض جو اثر.

بلاغت الحسين جي نثر ۾ تمام محاسن کي گهري تنقيدي نظر سان ڳولهيون تہ هي معلوم ٿئي ٿو جو هڪ درياهہ آهي جو زبردست تيز رواني سان وهندو رهي ٿو ۽ ادبي جواهر پارا ۽ موتي هر موج سان پاسا بدلائيندا رڙهندا ۽ ڏٺي پاٺي وهندا رهن ٿا.

ٻن لفظن ۾ جا ڳالهہ ٻاڻ ادا فرمائي اٿن اها صفحن ۾ ادا ٿي نٿي سگهي. امام حسين جو قول آهي الصدق عز سچائي عزت آهي. السر امانۃ. راز امانت آهي. الخلق الحسن عبادۃ. سٺو خلق عبادت آهي. انهن جملن جي تشريح سرفراز پريس جي ڇپيل ڪتاب (انوار حڪمت) جي ڏسڻ سان امام حسين جي ايجاز ۽ اختصار جي جوهر کان واقف ٿي سگهجي ٿو.

(بلاغت الحسين جي اصل عبارت عربي ۾ جي ادبي خوبيون سمايل آهن اهي ترجمہ در ترجمہ ۾ اچڻ تمام مشڪل آهن، ان هوندي بہ مطالب ۽ موزونيت جي جهلڪ جا هڪ مطالع ڪندڙ جي ذهن ۾ ٻرندو فڪر ڏيندي اها ڪنهن ٻئي اديب ۽ فلسفي جي ڪلام مان ٿيڻ مشڪل آهي. حاکم علي.

سند ۽ ثبوت معتبر. ڪتاب هي ڪلام مليو ۽ برابر هي امام حسين عليہ السلام جو ڪلام بہ آهي يا نہ ان جون سندون گڏ ڪرڻ، ثبوت ۽ دليل مهيا ڪرڻ جا سڀ اسباب موجود آهن مگر سلسلہ بسلسلہ ان کي

هن جاءِ لکڻ ۾ طوالت آهي. هڪ سڀ کان اهم وڏو ۽ ناقابل ترديد جو ثبوت آهي اهو ادبي عنوان ۽ ذوق سليم جي ذريعي ملي ٿو ۽ اُن جو انهن وڏن وڏن اديبن ۽ عربي دانن کان معلوم ڪيو ويو آهي جن جون زندگيون تعليم، تحصيل، ادبي ۽ مذهبي شغل ۾ هت ۽ عرب ملڪ ۾ فقيهن ۽ اديبن جي صحبتن ۾ گذريون آهن ۽ اها هي ڳالهه آهي ته اهلبيت عليهم السلام جي هڪ خاص زبان آهي ۽ حضرت علي عليه السلام جا خطبات نهج البلاغه، صحيفه علويه ۽ ٻيا اقوال ۽ امام چهارم حضرت امام زين العابدين عليه السلام جي دعائن صحيفه ڪامله سان امام حسين جي ڪلام بلاغت نظام جي عنوان جي پوري پوري مماثلت ٿئي ٿي. امام عالي مقام جي عهد جي جا زبان آهي، خاندان اهلبيت جو جيڪو طرز بيان آهي ۽ ادائي خيال جو جيڪو عنوان آهي سڀ اُن ڪلام ۾ موجود آهي. امام حسين علم ۽ ڪمال جو اهو منور آفتاب آهن جو رسول صلعم، فاطمه، علي ۽ حسن عليهم السلام جهڙن آفتاب ۽ ماهتاب کان ضياگير (روشني وٺندڙ) ۽ خود ضيا پاش آهن. اُن جي نور جو پرتو امام چهارم جهڙو اديب ڪامل آهي. جنهن جي صحيفه ڪامله ۾ ڪيترن علومن جا مسائل اهڙي طرح حل ٿي ويا آهن، جيئن گهٽيون دوائون هڪ ٻئي سان ملي ويون هجن. ساڳيون ڳالهيون بلاغة الحسين ۾ به آهن

جو قرآن جي فصاحت نهج البلاغت جو زور بيان، جو قدر شناس هوندو، اهو ئي بلاغت الحسين جي ڪلام جو سچو قدر ڪري سگهندو. بلاغت الحسين ۾ حسن بصري جهڙي عالم جي استفسار جي جواب ۾ قدر جي تفسير ۽ مطالب کي جنهن طرح حضرت امام حسين بي تڪلف بيان فرمايو آهي ۽ ان سان علم ڪلام جي مشڪل مسائلن کي حل ڪيو آهي. ان مان نه فقط امام حسين جي ذاتي ۽ خانداني ادبي ۽ وهبي ڪمال جو اظهار ٿئي ٿو بلڪ حسن بصري جهڙي عالم جو اعتقاد جو امام حسين کان استفسار ڪري اطمينان حاصل ڪرڻ جي متعلق آهي ان جو به ثبوت ملي ٿو. تمام متقدمين ۽ متاخرين علماء السلام جا تفسير ڪٿي مقابلو ڪبو وڃي ۽ ٻين قومن ۽ ملتن جي اهل علم جي ڪمالاتن تي نظر ڪئي وڃي ته هي پتو لڳي ٿو ته امام حسين جي علم ۾ ڪو اهڙو شان آهي جو ٻيءَ جاءِ تي نٿو ملي ۽ ان جو وڏو سبب اهو آهي جو خانداني صحبت ۽ تعليم جنهن جو واسطو عالم قدس ۽ درسگاهه خداوندي سان آهي ان جي فيوض سان امام جو سينو پربل آهي. خاندان اهلبيت جي بيان جو هيءُ به خاص شان آهي جو سچ ڳالهه چوڻ ۾ هدايت ۽ نصيحت ڪرڻ ۽ عيبن کان خبردار ڪرڻ ۾ جنهن اخلاقي جرائت جي ضرورت سمجهندا هئا ان جي اظهار ۾ ڪڏهن خوف ۽ دٻپ نه فرمائيندا هئا. هي

خانداني ۽ روايتي شان هن ڪتاب جي ان خطبي کان ظاهر آهي جيڪو يزيد جي لاءِ بيعت حاصل ڪرڻ جي ارادي جي متعلق معاويه کي لکي امام حسين ظاهر فرمايو آهي. هي ڳالهيون امام جي ڪلام هجڻ جو مضبوط ثبوت آهن.

ڪربلا ۽ ڪربلا وارو حسين - ڪربلا جي جنگ جي نوعيت سمجهڻ ۾ دنيا وارن خصوصا يورپ جي مورخن ۽ علماء وڏيون غلطيون ڪيون آهن. ان غلطي جو نتيجو اهو معرڪت الارا انگريزي جو مضمون به آهي جو يورپ جي مشهور ڪتاب (اٺوينهن صدي ۽ مابعد) ۾ ڇپيو هو جنهن ۾ چرچ اور اسٽيٽ يعني دنياوي سلطنت ۽ مذهبي حڪومت تي الڳ الڳ نظر ڪري اسلام ۽ امام حسين جي جنگ ڪربلا تي غلط فهمي سبب اعتراض ڪيو ويو هو. حقيقتا ڪربلا جي جنگ ۽ امام حسين کي سمجهڻ لاءِ ايام جاهليت بلڪ جهان جي پيدائش کان صدر السلام تائين تهذيب انساني رسول ص جي تعليم ۽ صرف خاندان اهلبيت جي ذميدار هستين جي ڪردار کي سمجهڻ جي ضرورت آهي.

ڪربلا جي جنگ جي علت غائي (اندروني سبب)

جو ڪجهه تڪميل انسانيت ۾ آهي اهو توحيد جي تعليم ۾ آهي ۽ دنيا جا تمام موحد اوتار، پيغمبر، رسول ۽ بزرگان قوم جنهن توحيد ۽ انسانيت جي تعليم دو

ٻو اثر سبق نه ڏني سگهيا، ان توحيد جو عملي سبق ڪربلا جي جنگ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو ۽ هن ڪتاب بلاغت الحسين جي پوئين خطبي ۾ جو محض توحيد تي آهي ان جو ثبوت ملي ٿو ته توحيد جو سمجهڻ نه صرف ذات خداوندي جو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ آهي بلڪ عين انسانيت جي جوهر لطيف جو سمجهڻ ۽ سمجهائڻ آهي ۽ دنيا ۾ تمام خرابين ۽ بدڪردارين جي جڙ اهائي غلط فهمي آهي. توحيد جو پرچار ۽ سبق جنهن طرح ڪربلا ۾ ڏنو ويو جنهنڪري ان نظريه کي صحيح طور سمجهڻو هجي ته اهو خود امام حسين جي نظريه زبان مبارڪ مان ادا ٿيڻ واري ان خطبي کي ڏسي جو بلاغت الحسين ۾ آهي ۽ ان جي هڪ ڏڙي صمد جي نظريه جي توضيح آهي جو بصري جي صاحبان بصيرت جي استفسار جي جواب ۾ امام پيش فرمايو. ڪربلا جي تمام شهيدن جو هڪ هڪ وار، هڪ هڪ حملو انهن خطبات ۽ اقوال حسيني جو هڪ هڪ جملو ۽ هڪ هڪ فقرو آهي- ڪربلا جي جنگ جو صحيح منظر ۽ مفهوم جنهن کي سمجهڻو ۽ ڏسڻو هجي اهو امام جي ڪلام کي، ڏسي جو بقائي دوام جي سند ذات واجب الوجود جي قدامت سان توحيد ۽ صمد مندرجه بالا بلاغت الحسين سان وٺي آيو آهي.

امام حسين جو مفهوم- اسان امام حسين کي

ڪربلا جو فاتح، صابر، شاڪر، بهادر، شجاع ۽ سر زمين نينوا جي هيرو جي حيثيت سان ڄاڻون ٿا. مگر بلاغت الحسين ۾ علمي، فلسفيانه، ادبي ۽ حڪيمانه نظريه سان پڙهڻ جي ڪلمات نظر اچن ٿا، انهن دنيا جون اکيون کولي ڇڏيون. گويا اهو حضرت علي فصاحت ۽ بلاغت جي ميدان جو هيرو آهي. اسان ته جيڪڏهن ان بلاغت الحسين کي هٿ ۾ کڻي نه صرف ترقي يافته يورپ بلڪه تمام دنيا کي سمجهايون ته امام حسين ڪيترو زبردست اديب، کهڙو عديم المثال عالم، حڪيم، فقيه ۽ قادرالڪلام هو ۽ ڪربلا جي اهڙي مشهور عديم المثال ڪارنامي ۽ ڪارنامن جي سبق ڏيڻ واري شهدائي ڪربلا کي اسان پڙهي به وڃون ۽ هڪ عالم با عمل ۽ معلم توحيد جي نظريه سان حسين جي ذات گرامي تي نظر ڪريون ته حسين جو مثال ملڻ آسان نه ٿيندو ۽ پوري طرح سمجهه ۾ اچي ويندو ته ڪربلا ۾ توحيد جي جنگ جو مفهوم حسن ۽ حسين جي عديم المثال روحانيت ۽ ڪمالات انسانيت جي مادي تصوير ڪربلا جي جنگ آهي ۽ اهوئي نڪتو آهي جنهن جي روشني جو پرتوو هن ڪتاب سان پئجي رهيو آهي ۽ هن مقدمي جي ابتدا ۾ ان جي اظهار جو واعدو ڪيو ويو هو.

هي مقدمو صرف مختصر اشارات جي لاءِ آهي. هن جو مقصد ڪلام امام جي تشريح نه آهي ۽ نه تشريح

ممڪن آهي - ان ڪري چند ڳالهيون جي بطور نمونه پيش ڪيون ويون ان جا مثال هر ذوق وارو هن مختصر مجموعي ۾ خود تلاش ڪري سگهي ٿو ۽ پاڻ کان وڌيڪ بهتر اهل علم ۽ اهل ذوق کان تلاش ڪرائي سگهي ٿو.

ممتاز حسن جونپوري
١٠- آگسٽ ١٩٥٢ع

باسمہ سبحانہ

مقدمہ بلاغت الحسین

(از:- خامہ حضرت مولانا سید سبط الحسن صاحب فاضل ھنسوي دام فیوضھم

لمعتہ من بلاغت الحسین- اسان جي دانشمند دوست آقائي مصطفيٰ محسن الموسوي الحائري (آل اعتماد) بلاغت الحسین کي مرتب فرمائي دوستداران حسین ۽ شيدايان علم ۽ ادب جي اڳيان بطور ارمغان جي پيش فرمايو. ھي تحفہ ھندستان و پاکستان ۾ پھتو مگر عربيت کان دور ھجڻ سبب انجي ضرورت محسوس ٿي ۽ انجو اردو ترجمہ بہ ھجي. قابل تمجيد آھي مولانا سيد محمد باقر النقوي صدرالافاضل (آل فخرالحکما) جو موصوف تمام جلد ان جو ترجمو فرمائي قوم ۽ ملک جي اڳيان پيش فرمايو. بلاغت الحسین، ڇا آھي، ھي ٽائيٽل مان ئي ظاھر آھي. ”حسین بن علي شھيد کربلا سيدالشھدا. سبط محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہ وسلم

مشهور ۽ معروف ذات جي خطبات ورسائل وڪلمات جو هڪ مختصر مجموعو آهي، جنهن جي متعلق استاد حسن احمد لطيفي البيروني لکي ٿو،

”حسين بن علي - نبوت جي اهڙي گهر ۾ جنمي مثاله، انسانيت منور ۽ روشن آهي. ۽ جنهن گهر جو رابطو وحي خداوندي جي ذريعي عرش الاهي سان وابسته آهي. علي ابن ابي طالب جنهن جو والد جو نه صرف تاريخ عرب ۾ ٿي بلڪ تاريخ انسانيت ۾ بي مثل علم ۽ شجاعت آهي. ۽ فاطمه زهرا بنت محمد مصطفيٰ جنهن جي والده جا روح محمد ۽ نور رسالت جو هڪ درخشان ٽڪرو آهي. انهن مثالي ٻنهي ذاتن مان تاريخ ٽين شعبان المعظم سنه ۴ هه هڪ فرزند تولد ٿيو، هي ٻار معمولي ۽ عام ٻارن وانگر نه هو. بلڪ انسانيت کي شرف بخشڻ وارو ۽ معنيٰ الوهيت جو مظهر هو. هي اهو ٻار آهي جو ”حسين“ جي نالي سان مشهور ٿيو.“

اهو حسين جنهن جي متعلق مشهور ترڪي مولف قاضي محمد بهلول بهجت زنگه زوري آفندي مولف ڪتاب مغيثه الفقيهه لکي ٿو:- ”اسانکي ڪافي آهي جو زماني جي اک مثل علي ابن ابيطالب والد ۽ فاطمه والده ۽ مثل حسين بن علي ذات باشرافت کو ڏٺو نه ڏٺو“

ذاتي ۽ اضافي **خصوصيات**. اهو حسين جو انهنجي ذاتي ۽ اضافي خصوصيات جي بنا تي ڪائنات

۾ پنهنجو مٽ نه رکي. ذاتي خصوصيتون اهڙيون جو
سيد المرسلين وخاتم النبين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله
عليه وآله وسلم انا[١] من الحسين فرمائي پاڻ کي حسين جي
طرف منسوب ڪيو. نسلي خصوصيت جو بيان اهو
آهي، اشرف اولاد آدم، سيد العرب والعجم ان اعتبار
سان ٻه حسنين کي امام بني آدم ۽ خيرالناس ٻڌائين ٿا.
جيئن ته ابوالموئد الموفق بن احمد المڪي اخطب
خوارزم لکي ٿو ته هڪڙي ڏينهن حضرت رسالتماب
خطبي ۾ ارشاد فرمايو، اي گروه مسلمين ڇا آءٌ توهانکي
ٻڌايان ته سيني ماڻهن ۾ سڀ کان افضل ناني ۽ نانيءَ
جي لحاظ سان ڪير آهن. ماڻهن چيو يا رسول الله
ضرور ٻڌايو پوءِ ارشاد فرمايائون حسن ۽ حسين آهن.
ڇالاءِ جو انهن جو جد آءٌ محمد ۽ جده خديجه آهي،
جا جنت جي عورتن جي سردار آهي، جنهن سڀ کان
پهرين منهنجي تصديق ۽ الله ۽ رسول تي ايمان آندو.
پڻ فرمايائون ته اي مسلمانو آءٌ اوهانکي ٻڌايان ته پيءُ ماءُ
جي سبب کان برتر ڪير آهي. سيني عرض ڪيو ته
ضرور ٻڌايو. فرمايائون حسن ۽ حسين آهن. ڇالاءِ جو
انهن جو والد علي ابن ابيطالب آهي. جو الله ۽ رسول
کي دوست رکي ٿو ۽ خود الله ۽ رسول ان کي دوست
رکن ٿا ۽ انهن جي والده فاطمه بنت رسول الله آهي،

١- الحسين مني وانا من الحسين (حديث)

جنهنکي خدا تمام ڪائنات ۾ برگزيده فرمايو آهي. پوءِ فرمايائون اي مسلمانو آءٌ اوهانکي ٻڌايان ته ماميءَ ۽ ماسيءَ جي طرفان ڪير بهتر آهي. ماڻهن چيو ها ضرور ٻڌايو. فرمايائون حسن، ۽ حسين جنهنجو مامو قاسم فرزند رسول ۽ ماسي زينب بنت رسول الله آهي ۽ وري فرمايائون اوهانکي ٻڌايان سڀ کان بهتر چاچو ۽ ڦڦي ڪنهن جي آهي. ماڻهن چيو ٻڌايو. ارشاد فرمايائون اهي ئي حسن ۽ حسين جن جو چاچو جعفر ذوالجناحين آهي، جو فرشتن سان جنت ۾ پرواز ڪندڙ آهي، ۽ ڦڦي امهاني بنت ابوطالب آهي. انکان بعد آن حضرت فرمايو خداوندا تون ڄاڻين ٿو ته حسن ۽ حسين ۽ انجو ڏاڏو- ڏاڏي- والد- والده- مامو- ماسي- چاچو- ڦڦي- سيئي سمورا بهشتي آهن ۽ جو انهن ٻنهي کي دوست رکندو آهي، اهو به جنت ۾ هوندو. ۽ جيڪڏهن اهو جو هنن کي دشمن رکندو، اهو جهنم ۾ هوندو.

(مقتل الخوارزمي الجزء الاول صفحه ١١٢-١١٣ طبع عراق)

خصوصيت شهادت و امامت. اهو حسين جو پنهنجي ذاتي خصوصيت ۽ شهادت جي بنا تي تمام عالم ۾ ممتاز آهي جنهن ته موجوده زماني جي مشهور مورخ اديب ۽ نقاد استاد عباس محمود العقاد لکيو آهي.

تمام عالم ۾ شهيدن جو ڪوئي خاندان حسين شهيد جي گهراڻي کان زياده شرف ۽ مرتبو نٿو رکي- يا ان

اعتبار ڪان نہ جنھن جي شھيدن جو تعداد زياده ھجي ۽ جنھن جي شھادت جو اثر ۽ اقتدار تمام عالم تي ڇانئجل ھجي ۽ جنھن جو ذڪر شھادت ۾ عام طور ڪيو وڃي بس ھي ڇوڻ ڪافي ٿيندو تہ دنيا جي تاريخ ۾ صرف حسين جي ئي ذات آھي جو پاڻ شھيد، شھيد جو فرزند ۽ شھيد جو پاءُ ۽ صدين تائين شھيد ھجڻ وارن جو ماءُ آھي.

(ابوالشھدا صفحہ ٢٣٠ طبع مصر)

جيڪڏھن ھڪ طرف حضرت امام حسين جي شھادت جو خاص شرف ھي آھي، جو کين سيدالشھدا جو مرتبو حاصل آھي تہ ٻئي طرف کين ھي خصوصيت بہ حاصل آھي جو حضرت خود امام، امام جو فرزند، امام جو برادر ۽ پنھنجي اچڻ وارن قيامت تائين امامن برحق جو والد آھي- ان طرح کين سرداري امامن سبب سيد الاوصيائي بہ حاصل آھي. ھاڻي دنيا ۾ ڪير آھي جو حسين جو مثل ۽ نظير ھجي؟

لما نظرا مثلا ولا وجدنا

حسين جامع ڪمالات ۽ عالم رباني ھو

حسين جا اخلاق فاضلہ ۽ مڪارم نفسي- سڪڻ ۽ سيکارڻ سان تعلق نٿا رکن سندن خوبيون ۽ اخلاق کين الله جي طرفان عطا ٿيل ھيون- علامہ شيخ عبدالله بن محمد بن عامر الشبراوي الشافعي ۽ علامہ شھاب الدين احمد بن

عبدالقادرالحنظي العجاي الشافعي تحرير ڪن ٿا-
اهلبيت ۽ آل محمد جميع فضائل علم، حلم، فصاحت،
ذڪاوت، سخاوت، شجاعت غرض ته سڀني فضايل ۽
مڪارم تي حاوي ۽ فائز آهن- هو محتاج تفڪر ۽ تدبر
نه آهن ۽ نه انهن جا علم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ، بحث ۽ تڪرار
تي موقوف آهن ۽ نه ائين آهي ته ڪالهه هو نه ڄاڻندا
هئا ۽ اڄ معلوم ڪيائون ۽ ان طرح انهن جي علم ۾
اضافو ٿيو- درحقيقت هي خدا جا بخشيل ڪمالات آهن
جي اهلبيت کي خصوصيت سان عطا ٿيا آهن. جو شخص
ان امر جو انڪار ڪري يا ان کي لڪائي اهو ائين
آهي جيئن سج کي جهان کان لڪائڻ جي ڪوشش
ڪري- خصوصا اهلبيت رسالت ۾ امام حسين فضائل ۽
مڪارم جي ان بلند ترين جاء تي فائز آهي جو ثريا
به باوجود پنهنجي بلندي جي سندن اوج فضل ۽ اعلى
ڪمال جو درڪ نٿي ڪري سگهي- جڏهن فضائل ۽
مڪارم جي دولت کي قسام ازل تقسيم فرمايو ته سڀ
کان زياده حصو کين ئي عطا ٿيو-

(ڪتاب الاتحاف علامه شبرادي صفحه ١٩، طبع مصر)

حسين جي ذات کان علم ۽ معارف پکڙيا

اهوئي سبب آهي جنهن طرح باب مدينة العلم علي ابن
ابيطالب کان اسلامي علوم ۽ ادبيات منقول آهن-
ساڳي طرح امام حسين کان به معارف علمي ۽ لطائف

حڪمي نقل ڪيا ويندا. علامه شيخ عبدالله العلايلي لکي ٿو ته ان امر خاص ۾ امام حسين جي لاءِ ڪثرت سان روايتون آهن جن جو شمار ٿي نه ٿو سگهي- سندن علمي ڪارناما ۽ فتوائون دنيا کي مدهوش ڪرڻ واريون آهن- ابن عباسؓ جو عبدالله بن عمر سندن لاءِ چوندو هو ته غذائي علم کي خوب پيءُ ڪري حاصل ڪيو اٿن.

(سموالمعنى في سموالذات صفحه ۴۴ طبع بيروت)

علوم عربيه ۽ دين علمن ۽ فنن ۾ سندن جواب نه هو- هڪ مثال سان اچو پنهنجي مطلب کي واضح ڪريان- تواريخ نويس جو بيان آهي ته جناب حسنين عليهم السلام مسجد نبوي ۾ تشريف فرما هئا ته هڪ ڳوٺاڻو اعرابي مسجد ۾ داخل ٿيو- ان امام حسين جي طرف اشارو ڪري پڇيو ته هي ڪير آهي- ماڻهن ٻڌايو ته هي حسن بن علي بن ابيطالب آهي- هي ٻڌي اعرابي چيو ته مونکي ته انهن سان مطلب هو- ڪنهن پڇيو ته انهن سان ڪهڙو مطلب اٿئي- جواب ڏنائين- مون ٻڌو آهي هي خاندان وڏو فصيح- بليغ ۽ ماهر زبان عرب آهن- آءٌ صحرا- بيابان- پهاڙ ۽ گهاٽيون کي طي ڪري دور دراز کان هتي صرف ان لاءِ آيو آهيان جو انهن سان ادبي مباحثو ڪريان ۽ مغلق[1] ڪلام

۱- مغلق معنيٰ

عرب دريافت ڪري انهن جو امتحان وٺان- هي ٻڌي
هڪ صاحب امام حسن جي طرف اشارو ڪري چيو،
پهريان هن نوجوان کان پڇو. پوءِ ان جي بزرگن کان
دريافت ڪرڻ جو حوصلو ڪر. اعرابي وڌي امام
حسن جو سلام ڪيو. پاڻ پڇيائون تون ڪٿان آيو آهين-
ان جواب ڏنو- اني جئتک من الهرقل والجعل و الايتم
والهمم- اعرابي جي ان ڪلام کي ٻڌي حضرت مسڪرائي
فرمايو اي اعرابي تو اهڙو ڪلام ڪيو جنهن کي علما
کان سواءِ ڪوئي نٿو سمجهي سگهي- ان چيو جي هان،
آءٌ اهڙوئي ڪلام مغلق ۽ الفاظ غريب ڳالهائڻ جو عادي
آهيان- ڇا اوهان اسانجي اندازه ڪلام جي مطابق انهيءَ
ساڳي طرز ۾ مونکي جواب ڏئي سگهو ٿا؟ حضرت
ارشاد فرمايو چڱو تون ڪلام ڪر آءٌ اهڙوئي جواب
ڏيندس- چوڻ لڳو ته اوهان ڄاڻو ٿا ته آءٌ بدوي
آهيان ۽ اسان ماڻهن جو اڪثر ڳالهائڻ شعرئي هوندو
آهي- حضرت فرمايو نظم جي پابندي ئي سهي- شعر
۾ئي ڪلام ڪر آءٌ به انهيءَ طرز ۽ اسلوب جي شعر ۾
توکي جواب ڏيندس- هي ٻڌي اعرابي نو شعر پڙهيا-
جنهن جو پهريون شعر هي آهي- هفا قلبي الي اللهو
و قد ودع شرخه- اڃان اهو اعرابي شعر ختم به نه ڪري
سگهيو هو جو حضرت امام حسن فوراً بغير فڪر جي
في البديهه نو شعر ساڳي وزن ۽ قافيه ۽ معنيٰ ۽ مطلب

جي پابنديءَ سان چيا جنهن جو ٻهريون شعر آهي فما
رسم شجاني قد محت ايات رسميه- ان کان بعد حضرت
جن ان اعرابي جي ٻهرين جملي جو شرح فرمايو ته هرقل
شاهه روم جو نالو آهي ليڪن اعرابي ان مان زمين
روم مراد ورتي آهي- الجعلل- کجور جي ننڍي ٻوٽي
کي چوندا آهن ۽- الاينم- هڪ قسم جو گاهه آهي جو
سر زمين روم ۾ بڪثرت هوندو آهي- الهمر- اهو کوهه
جنهن ۾ گهڻو پاڻي هجي- اهڙا کوهه زمين روم ۾ گهڻا
آهن. پاڻ فرمايائون ته اعرابي جو هي مطلب هو ته آءٌ
سر زمين روم کان آيو آهيان جتان جون طبعي خصوصيتون
هي آهن جو اتي کجي جا ننڍا ننڍا وڻ گهڻا ٿيندا آهن-
اينم- گاهه تمام گهڻون پيدا ٿيندو آهي ۽ اونهي پاڻيءَ
جا کوهه گهڻا هوندا آهن- هي ٻڌي اعرابي چوڻ لڳو-
مان اڄ تائين مثل هن نوجوان جي ڪنهن کي به ايترو
فصيح اللسان- عربي زبان تي قدرت رکڻ وارو نه ڏٺو-
هي ٻڌي حضرت امام حسن ارشاد فرمايو- چو نه هجي-
تون ڄاڻين تو جو هي ڪير نوجوان آهي ۽ پاڻ حضرت
حسن به چار شعر ساڳي قافيه ۽ وزن ۾ چيا جنهن جو
ٻهريون شعر آهي- غلام ڪرم الرحمان بالتطهير جديد-
اعرابي هي ٻڌي وجد ڪرڻ لڳو ۽ مسرور ٿي چوڻ
لڳو اوهان ٻنهي ڀائرن جي مثل آڻڻ کان دنيا عاجز
آهي- خدا جو قسم هاڻي آءٌ ٻنهي صاحبن جو شيدائي

ٿي واهس وڃي رهيو آهيان. (مطالب السئول محمد بن طلحة الشافعي صفحه ۲۳۸ ۽ ۲۰۹ طبع لکنو. ابوالشهدا صفحه ۶۸-۶۹ طبع مصر. سرالمعني صفحه ۱۴۱-۱۴۲ طبع بيروت) آءٌ عرض ڪندس ته اعرابي صرف هي سمجهيو ته حضرت کي زبان عرب تي اقتدار پورو حاصل آهي ۽ هر غريب ۽ غير واقف لغت کي چڱي طرح سمجهن ٿا ۽ فن شعر ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۾ سندن ڪوئي جواب نه آهي يعني علمن ادبيه ۾ پاڻ سڀني کان افضل ۽ برتر آهن ليڪن غالبا او هي نه سمجهي سگهيو ته حضرت ان جي ٻئين جملي جي تشريح فرمائي هي ثابت ڪري ڇڏيو ته طبعي جاگرافي ۽ نيچرل هسٽري جي علمن ۾ به ڪمن رسوخ پورو حاصل هو، تڏهن نه اعرابي جي ان جملي کي ٻڌي حضرت جن فرمايو هو ته تو اهو ڪلام ڪيو آهي جنهن کي سوائي عالم جي ٻيو ڪو نٿو سمجهي سگهي. حضرت ڪڏهن سر زمين روم نه ويا هئا ۽ اتان جي خصوصيات زمين کان واقف نه هئا. انڪري انهن الفاظن مان ڪوئي ماهر لغت روم جو ملڪ معني نه ڪڍي سگهي ها. زياده کان زياده لغوي مفهوم کي سمجهي ها پر حقيقي مفهوم جي طرف ڪڏهن به متوجه نٿي سگهي ها جيستائين طبعي جاگرافي ۽ نيچرل هسٽريءَ جو پورو پورو علم ان کي نه هجي ها. مگر اج کان تيرهن سو ورهيه اڳ عرب ۾ انهن علمن کان

ڪير واقف ٿي سگھيو ٿي سوائي اھڙي عالمان رباني
جي جن کي خود خدا تعليم ڪري ھدايت خلق لاء
موڪليو. صرف ھي ۽ ھڪ واقعو ئي نہ آھي بلڪ سندن
ھر ڪلام ان امر جو ثبوت آھي تہ حضرت افصح العرب
واعلم الناس ھئا. ڪتاب بلاغة الحسين. اوھانجي اڳيان
موجود آھي جنھن جو ھر ھڪ جملو پڪاري پڪاري
چئي رھيو آھي تہ سوائي خاندان رسالت جي ڪٿي
بہ ھن جو جواب اٿو ملي سگھي. ڪنھن بليغ ۾ ھي
قدرت آھي جو ننڍن ننڍن جملن ۾ معنيٰ جو درياھ
سمائي سگھي. مثلا عرض آھي انھي ۽ ڪتاب بلاغة الحسين
۾ لفظ صمد جي تفسير کي ملاحظہ ڪريو جو سندن
مڪتوبات ۾ موجود آھي. ان ۾ صرف الھيات وما
بعدالطبيعات کي روشن نہ ڪيل آھي بلڪ طبيعات ۽
ڪيميا جي ماھرن لاء بہ دعوت فڪر آھي. ولا ڪما يخرج
الاشياء اللطيفہ من مراڪزھا. معنيٰ. جنھن طرح لطيف
شيون پنھنجي مرڪزن کان نڪرنديون آھن. بظاھر تہ
ھي ھڪ مختصر جملو آھي. ليڪن سائنسي تحقيقات
جي دنيا آھي جا ھن ۾ پوشيده آھي. حضرت مراڪز
الاشياء اللطيفہ. جي طرف متوجہ فرمائي علمائي طبيعين
کي دعوت فڪر ۽ عمل ڏني جنھن جي نتيجي ۾ اڄ
سائنس جي دنيا ۾ ماھرين طبيعات مراڪز الاشياء اللطيفہ
کي ڳولي ڪڍيو ۽ ايجاد ۽ اختراع جي دنيا ۾ مختلف

اشياءِ ڪثيف جي ترڪيب ۽ امتزاج برق و نور وحدت ۽ حرڪت کي پيدا ڪري فوٽو گراف، بيٽري، ريڊيو، لاسلڪي وغيره کي انسان جي اڳيان پيش ڪيو.

فصاحت ۽ بلاغت ۾ ٻئي معيارالڪلام هئا

دراصل حضرت امام حسين جو ڪلام ڪمال فصاحت سان انتهائي بليغ به آهي. جنهن ۾ صاحبان بصيرت جي لاءِ معنيٰ جا چشما جوش ماريندا نظر ۾ اچن ٿا ۽ غور ڪرڻ وارا حضرت جي ڪلام ۾ اونها وڃي معنائن جا موتي پنهنجي دامن ۾ ڀري وٺن ٿا. علامه محمد بن طلحة الشافعي لکي ٿو ته حضرت پنهنجي زماني ۾ هر ڳالهائيندڙ کان وڌيڪ فصيح هئا. فصاحت سندن فرمانبردار هئي ۽ بلاغت سندن مطيع هئي ۽ حضرت جا شعر انمول جواهر ۽ ناياب موتي آهن ۽ خوبيءَ ۾ مثل ان چادر جي آهن جا پنهنجي نقش نگار ۾ پنهنجو جواب نه رکي (مطالب السئول ٤٩ طبع لکهنو).

لهٰذا حضرت پنهنجي زماني ۾ شاعرن ۽ فصيحن لاءِ معيار الڪلام هئا. سندن ڪنهن شاعر جي ڪلام کي فقط پڙهڻ ئي ان جي لاءِ سبب شرف ۽ فخر هوندو هو ۽ اهو سمجهندو هو ته استادي جي سند ملي. ان ڪري هر شاعر ڪين پنهنجي ڪلام پڙهڻ لاءِ حاض

رهندو هو. عباس محمود العقاد ئو لکي، چوتہ حضرت ڪلام عرب جا ماهر خبير هئا ۽ سندن فصاحت ڪلام جي شهرت عام هئي، ان ڪري شاعر سندن عطا ۽ بخشش جي حاصل ڪرڻ کان وڌيڪ ان ڳالهہ جا خواهشمند هوندا هئا تہ ٻڌڻ انهن جو ڪلام بدڻ فرمائين (ابو الشهداء صفحہ ٧٠ طبع مصر).

عديم النظير خطيب

حضرت صرف افصح العرب ۽ معيار الڪلام ئي نہ هئا بلڪ عديم النظير خطيب بہ هئا. اديب نقاد استاد محمود العقاد ئو لکي، قدرت حضرت جن کي اهڙو ملڪو خطابت عطا فرمايو هيو جنهن ۾ طلاقت زبان- حسن بيان، صدق، حسن ۽ حسين اشارا سڀ موجود آهن. (ابو الشهدا ٦٤ طبع مصر)

يعني هڪ باڪمال خطيب ۾ جن جن صفتن جي ضرورت آهي اهي تمام صفتون حضرت ۾ موجود هيون ۽ ڪامل بلنديءَ تي. اوهان جي اڳيان بلاغت الحسين آهي. خطبن کي پڙهو، انهن معلوم ٿيندو جڻ لفظ ڳالهائي رهيا آهن، تہ حسن بيان جلوه نما آهي. الفاظ جي ترنم جو جادو هلي رهيو آهي. اشارن جون بجليون ڏکي رکي چمڪي رهيون آهن جن ۾

هڪ تڙپ ۽ زندگي آهي، ڪهڙي خوبي آهي جا حضرت جي ڪلام ۾ اعليٰ ۽ افضل صورت ۾ نه ملي ٿي خوب چيو آهي سيد محمد اطهر زائد:-

وهي ڪلام وهي لهجه لسان الله،
هر ايک لفظ ميں قرآن کي جلالت هے.

نثار کوثر و تسنيم و سلسبيل کا حسن،
عجيب روح فصاحت عجب بلاغت هے.

تپے تلے هوئے الفاظ وه معاني خيز،
کہ جيسے وحي کي پابند لب کي حرکت هے.

نبوت اور امامت کے علم کا تيور،
علي کا رعب محمد کي شان و شوکت هے.

يهي تها رمز نبي کے زبان چسانے ميں
زبان حسين کي گويا زبان قدرت هے.

معنويت ڪلام ۽ سندن سيرت

ذرا حضرت جي ان ڪلام تي به نظر ڪريو جو پاڪ انقلاب دوست، مساوات پسند ۽ برق خرمن سرمايه داري حضرت ابو ذر غفاري کي اهڙي موقع تي ارشاد فرمايو هو، جڏهن رسول الله جو هي پيارو اصحابي شام کان مدينه ۽ مدينه کان ربذه ڏي وسي جي حالت ۾ جلاوطن ڪيو ويو ۽ حڪومت هي حڪم ڏنو ته ڪوئي به هن مقدس ۽ سچ ڳالهائيندڙ اصحابي کي رخصت

ڪرڻ لاءِ بہ نہ ويو. ليڪن جوان سال حسين پنهنجي ضعيف ۽ مظلوم والد علي ابن ابيطالب ساڻ قانون حڪومت جي شڪني ڪري ابوذر کي رخصت ڪرڻ جي لاءِ مدينہ کان ٻاهر تائين تشريف وٺي ويا ۽ وداع ڪرڻ وقت ڪمل هوش ابوذر غفاري کي فرمايائون.

اوهان مشاهدو ڪيو تہ هن مختصر ڪلام ۾ جو نوجوان حسين پنهنجي والد جي روبرو رسول جي پوڙهي اصحابي جنهن تي سختيون حڪومت جي طرفان ٿي رهيون هيون ان کي نصيحت فرمايون- ان ۾ حضرت ابوذر جي پوري مجاهدانہ زندگي جي تصوير چٽي ان جي اقدام ۽ اعمال جي سچائي تي مهر تصديق لڳائي ۽ حڪومت وقت جي سرڪشي ۽ ان جي جبر ۽ ظلم جو نقشو چٽي ان ڳالھ کي روشن ڪيو تہ حڪومت قانون اسلام سان بغاوت ڪئي آهي- صرف اهو نہ بلڪ مصائب تي صبر جي تلقين، روٽ پٽڻ جي ممانعت، قناعت جي تعليم ۽ موت کان بي خوفي ۽ ان سان بي ڏڪ مقابلي ڪرڻ جو سبق ڏنو. ڏسو الفاظ جي پردي ۾ خود ڳالھائيندڙ يعني حسين جي تصوير بہ نمايان ڏسجي ٿي. جي ماڻهو ڪنهن شخصيت کي ان جي ڪلام سان معلوم ڪندا آهن اهي هي چوڻ لاءِ

مجبور ٿيندا، هي نصيحت نہ آهي بلڪ حسين جي زندگي
جو شعار آهي. جيئن عباس المحمود العقاد لکي ٿو ته
گويا انهن ڪلمات ۾ امام حسين پنهنجي پوري
زندگي کي پنهنجي ولادت کان وٺي شهادت تائين
حالات کي گڏ ڪيو آهي ۽ سندس لاءِ هي ڪلمات
شعار حيات آهن. (ابوالشهدا ص٦٤ طبع مصر).

جنهن طرح حسين بي ڊپائي ۽ بي پرواهي سان جابر
حڪومت کي ٽوڪيو ۽ ان جي بداعمالين کي ان جي
سامهون پيش ڪيو ان طرح ڪو به تاريخ عالم ۾ نٿو ملي.
ڪنهن عام مطلق (ڊڪٽيٽر) يا سلطان جابر جي روبرو
ڪنهن جي مجال آهي جو ان جي ڪاري اعمال نامي
کي پيش ڪرڻ جي جرات ڪري جڏهن آزادي فڪر
جي زماني ۾ موجوده جمهوري حڪومتن ۾ به بي
خوفي سان فرضي جمهوري نظام جي سياهڪارين جي
خلاف اڄ ڪوئي آواز بلند ڪري نہ سگهندو، پر حسين
جي همت ۽ جرات کي ملاحظو ڪريو تہ پاڻ معاويہ جي
خلاف ان جي ظلمن لي کهڙي بيباڪي سان احتجاج
فرمايو اٿن. هي خط پڙهڻ لائق آهي جو تاريخ اسلام
جي هڪ تاريڪ دور ظلم کي نگاهن جي سامهون
آڻي ٿو (بلاغت حسين مڪتوب نمبر ٤) حسين کان
سواءِ ڪير آهي جو اهڙي جرات ڪري سگهي ها
جڏهن ڊپلوميٽ پيءُ اهڙو هيو تہ ان جو پٽ يزيد

ظلم جي سرڪشي ۽ اسلام سان بغاوت ڪرڻ جي انتها ٿيا هوندي! مختصر هيءَ ته جامعه اسلاميه ۾ دور جاهليت جا آداب ۽ رسمون رائج ٿي ويون هيون- ان ڪري حضرت امام حسين هي چئي، ان ڪان دين محمد لم يستقم الا بقتلي يا سيوف خذيني.

معني (جيڪڏهن منهنجي نانا جو دين ان وقت تائين برقرار نٿو رهي سگهي جيستائين منهنجي رڳ حيات قطع نه ٿئي ته اي خون آشام تلوارا اچ هي جسم حاظر آهي) هڪ ختم ڪندڙ ۽ آخرين جنگ ڪرڻ لاءِ ميدان جهاد ۾ اچي ويا-

علامه شيخ عبدالله العلايلي البيروني بلڪل صحيح لکيو آهي ته ان ڪان اڳ حسين جي جد پيغمبر اسلام فڪر ۽ ذهنيت بت پرستي جي خلاف جنگ ڪري ان کي مٽايو. ليڪن حسين سبط رسول الله سماجي بت پرستي جي خلاف جنگ فرمائي. (ايام الحسين صفحه ٧٣ طبع بيروت) امام عليه السلام جنهن مقصد جي تحت اقدام جهاد فرمايو هو ان کي پاڻ پهرين ڏينهن ئي مدينه طيبه ۾ انهن الفاظن ۾ ظاهر فرمايو هو. منهنجو هي قدم شر ۽ فساد، جهالت سرڪشي، ظلم ۽ زياد تي جي ماتحت نه آهي بلڪ آءٌ پنهنجي نانا جي امت جي اصلاح ۽ پنهنجي والد جي شيعن جي فلاح لاءِ نڪتو

آهيان. (بلاغت الحسين مڪتوب نمبر ١٠)

ايضا- آءُ توهان ماڻهن کي معالم حق کي زنده ڪرڻ ۽ بدعت کي مٽائڻ جي طرف دعوت ڏيان ٿو. جيڪڏهن توهان انکي قبول ڪيو ته راه هدايت تي آيو. (بلاغت الحسين مڪتوب نمبر ١٢)

حضرت امام حسين پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيا ۽ اسلام کي فنا ٿيڻ کان بچايائون. شيخ عبدالله العلايلي چوي ٿو، انهيءَ ڪري حسين ان جو مستحق آهي جو پنهنجي جد محمد مصطفيٰ کان بعد کين بيو معمار دين ۽ باني اسلام جو لقب ڏنو وڃي ۽ عمارت توحيد جو کين مجدد سمجهيو وڃي.

(سموالمعني في سموالذات صفحه ١١٣ طبع بيروت)

حضرت معين الدين اجميري چشتي فرمائي ٿو:-

شاهه ست حسين شهنشاه ست حسين
دين ست حسين دين پناه ست حسين
سرداد نه داد دست در دست يزيد
حقا که بنائے لااله ست حسين

حسين پنهنجي ترار ۽ زبان ٽيغ سان آزادي جي راه ڏيکاري

علامه علايلي هي ڳالهه به بلڪل درست چئي آهي ته حسين سماجي بت پرستيءَ سان لڙڻ جو رستو ڏيکاريو ۽ جنگ آزاديءَ جي جائز طريقي کي عملا

ٻڌايو (ايام حسين ١٧٣ طبع بيروت) اوهان بلاغت الحسين کي خود سان ڏسو ان مان معلوم ٿي ويندو ته ان جنگ کي کهڙين حالتن ۾ ڪيئن لڙي سگهجي ٿو، ڪيستائين درگذر ڪرڻ گهرجي ۽ ڪهڙي حد تائين برداشت ڪرڻ بعد معروف جنگ، هڻڻ کپي. انهن سڀني حالتن ۾ اوهان امام حسين کي ڏسندو ته تلوار سان ڪڏ گڏ ٻاڻ خداداد خطابت کان ڪيتري قدر ڪم ورتو. اوهان تاريخ عالم جي ورق گرداني ڪريو ته اوهانکي اهڙو ٻيو ڪو به مجاهد خطيب نه ملندو سواء حسين بن علي ابي طالب جي. ڏهين محرم سنه ٦١ هه جڏهن مخالف لشڪر ۾ حسين جي آواز کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وئي. شور ۽ غل ٻپاهو. جنگي باجا وڄي رهيا هئا، سوارن جي اچ وڃ ۽ انهن جي گهوڙن جي هڻڻ جي آواز کان ڪربلا جو بيابان گونجي رهيو هو. مگر هي حسين جي ئي آواز ۾ قوت هئي جنهن اوچتو يڪدم سڀني کي خاموش ڪري ڇڏيو ۽ انهن تي معلوم ٿيو جڻ صحرا ۾ ڪوئي نه آهي. ويجهي ۽ دور هر متنفس حسين جي تقرير کي ٻڌو ۽ سمجهو. لشڪر يزيدي ۾ ڪوئي هيءُ نه چئي سگهيو ته حسين جي خطبن کي نه ٻڌو ويو. (ابوالشهداء للعقي صفحه ١٧٣ طبع مصر)

حسين فصاحت ۽ بلاغت جي گود ۾ پليو هو.

بيشڪ حسين اهڙي گهر ۾ پليو هو جتي فصاحت

۽ بلاغت، خطابت ۽ طلاقت، ميراث ۾ ورثي ۾ ورا هيو هئي.
استاد احمد زکي صفدت لکي ٿو ته دراصل فصاحت ۽
بلاغت اهلبيت جي فطرت ۽ طبيعت ۾ داخل آهي
۽ هيءَ شيءِ انهن کي ميراث ۾ ملي هئي. زمانه
جاهليت ۽ عهد اسلام هر دور ۾ هي خاندان ان ۾
ممتاز رهيو آهي. زماني جاهليت کان ئي هاشمي گهراڻو
فصاحت ۽ بلاغت جو شهرين ۽ خوشگوار چشمو رهيو
آهي. سندن جد اعليٰ ڪعب بن لوئي جو حضرت
علي ۽ رسول الله جي ستين پيڙهي ۾ آهي عرب جي
خطيبن ۾ سڀ کان مقدم آهن. جڏهن انهن جو انتقال
ٿيو ته عربن ان جي وفات کي هڪ وڏو سانحو سمجهيو ۽
۽ بطور يادگار ان جي سال رحلت کان عام الفيل جي
زماني تائين ان کان تاريخ جو شمار ڪندا رهيا. ان
طرح سندن اجداد ۾ قصي، هاشم، عبدالمطلب، ابوطالب
(۽ سندن والد حضرت علي جو تمام عرب ۾ عام طور
امام الخطباء آهن) انهن سڀني جو شمار خطبا ۽ عرب
۾ آهي. (ترجمه علي ابن ابيطالب الاستاد احمد زکي صفحه
١٠٧ طبع مصر) حضرت جو جد نامدار جناب رسالت مآب
صلي الله عليه وآله وسلم افصح من نطق بالضاد. وافصح
الخلق علي الاطلاق هئا. (المزهر جلال الدين سيوطي
جلد اول ص ١٠٣ طبع مصر) ۽ سندن والد بزرگوار
افصح الناس وافصح الخطباء علي الاطلاق بعد رسول الله

و امام الخطباء و اخطب المسلمين و امام المنشئين و المقدم في فنون البلاغه على بلغاء البدود الحضرهيا- (جواهر الادب لاحمد الهاشمي المصري جلد دوم ص ۴۴۸ طبع مصر وغيره) ۽ سندن والده گرامي جناب فاطمه زهرا جهڙي اعليٰ خطيبه جا معرفت قرآن بلاغت كلام ۽ فصاحت بيان جي اعتبار كان ائين تو معلوم ٿئي جو خود رسول الله ڳالهائي رهيا آهن (بلاغات النساء الابي الفضل احمد بن ظاهر متوفي ۲۸۰ ص ۲۵-۱۶۶ طبع قاهره و البلاغه الفاطمه اخطب فاطمه الزهرا طبع نجف) سندن برادر امام حسن اهڙا خطيب مضمع هئا جو دشمن به سندن كمال خطابت جو اعتراف كرڻ لاءِ مجبور آهن، (مقتل الحسين لابي الموئد الموفق احمد بن مكي اخطب خوارزوم جلد اول ص ۱۱۹ طبع عراق) سندن همشيرگان عالمه غير معلمه و فهمه غير مفهمه جناب زينب وام كلثوم بازار كوفه و شام ۽ دربار ابن زياد ۽ يزيد ۾ اهڙا پرزور خطبه ارشاد فرمايا جو ٻڌڻ وارا هي چوڻ تي مجبور ٿيا ته كانها تفرغ عن لسان امير المومنين (گويا علي جي شمشير زبان كم كري رهي آهي. (بلاغات النساء ۽ ٻيا كتاب) بازار كوفه ۾ جتي هزارن انسانن جي چيخ ۽ پكار شور ۽ غوغا كان ڪن تي آواز نه ٿي ٻڌڻ ۾ آيو اتي سندن ٿي كمال هو جو جڏهن اشارو كري

پاڻ خاموش رهڻ جو حڪم ڏنائون ته تمام آواز رڪجي ويا. ڪنهن ساهه به نه ٿي کنيو. هي معلوم ٿي ٿيو ڄڻ شهر ۽ بازار نه آهي بلڪ سنسان بيابان آهي. انهي خاموشي جي عالم ۾ پاڻ هڪ فصيح ۽ بليغ خطبو ارشاد ڪيائون جو الفاظ نه هئا بلڪ وڄ ۽ بجلي هئي جو ڪري ماڻهو کي بيجان بڻائي رهي هئي. ماڻهن پنهنجي هٿن سان منهن بند ڪري روئي رهيا هئا. حيران ۽ ششدر هئا. هيڏانهن پاڻ خطبو ختم ڪيائون ته هڪ پوڙهي وڏي چيو، اي آل محمد منهنجا ماءُ پيءُ فدا هجن اوهان جا ٻڍڙا بهترين ٻڍڙا آهن ۽ اوهان جا جوان بهترين جوان آهن ۽ اوهان جون عورتون بهترين عورتون آهن ۽ اوهانجو نسل بهترين نسل آهي. اوهان کي ڪوئي ذليل ۽ رسوا نٿو ڪري سگهي.

خطابت تي هي اقتدار حسين مظلوم عاشوره جي ڏينهن ڪربلا ۾ ڏيکاريو يا هاڻي انهن جون ڀينرون بازار ڪوفه ۽ دربار ۾ ان اقتدار کي دنيا جي سامهون پيش ڪري رهيون آهن. استاد عقاد بلڪل صحيح چيو آهي ته آفت ۽ مصيبت جي هن دردناڪ سفر ۾ جتي وڏن وڏن بهادر مردن جون همتون پست ٿي وينديون آهن جناب زينب پنهنجي نسب شريف جي خصوصيت کي جو محمد جي نواسي، علي جي نياڻي ۽ حسين جي ڀيڻ آهي پنهنجي بلندي همت ۽ شجاعت سان ظاهر ڪيو.

جناب زينب جو هي خطبو بلاغت النساء احمد بن طاهر البيان والتبيين - مقتل الحسين وغيره ۾ ملاحظ ڪري سگهجي ٿو، ساڳي طرح امام حسين جي فرزند علي بن حسين ۽ صاحبزادي بنت فاطمه، و سڪينه بنات الحسين جا زبردست خطبا آهن. ممالڪ يزيدي ۾ هڪ انقلاب پيدا ڪري ڇڏيو. (ملاحظه ڪيو ڪتاب تواريخ ۽ مقتل)

نسل حسيني جو تفوق - اسانجي ناظرين کي ياد هوندو جو مان هن کان اڳ ٻڌائي چڪو آهيان ته تاريخ عالم ۾ اڪيلو حسين جي ئي شخصيت آهي جو پاڻ شهيد، شهيد جو فرزند ۽ صدين تائين شهيد ٿيندڙن جو پيءُ آهي. ساڳي طرح تنها حسين جي ذات آهي جو پاڻ امام، امام جو فرزند، امام جو پيءُ ۽ پاڻ کان بعد قيامت تائين ٻارهن وارن امامن حق جا والد آهن، هاڻي اوهان هي به اضافو ڪيو ته تاريخ عالم ۾ صرف حسين ئي هڪ اهڙو عالم رباني، فصيح ۽ بليغ خطيب آهي جنهن جا آباءَ ۽ اجداد رباني عالم ۽ باڪمال خطيب هئا جن جي خاندان سان علم ۽ معرفت خطابت ۽ طلاقت جو رواج ٿيو، صرف هي نه بلڪ جن جي اولاد ۾ علماءِ رباني ۽ خطيب لاثاني جو هڪ مقدس سلسلو قائم آهي. دراصل نسل حسيني ۾ جهڙا عظيم المرتبه علماءَ ۽ فقهاءَ، ادبا، خطباءَ، فصحا ۽ بلغا ۽

مصنفين ۽ مفڪرين ۽ مصلحين ۽ قائدين پيدا ڪيا ۽ اڄ
به موجود آهن، دنيا ۾ ڪنهن ٻئي نسل ۾ نه ڏنا ويندا.
انهن ساڳ حضرت حسين، سندن برادر، سندن
جد، والد، والده ۽ اولاد جي بخشش ۽ انهنجي
نور معرفت کان قلب منور فرماء.

احقر الزمن

سيد سبط الحسين الهنسوي

محمود آباد ١٩- آگسٽ سنه ١٩٥٢ع

مطابق ٢٨ ذوالقعد سنه ١٣٧١ھ

٧٨٦

نذرانہ

بارگاھہ ۾ ان جي جنهن انسانيت کي گمراهي جي آڇهي کان ڇڏايو.

بارگاھہ ۾ ان جي جنهن جي مقدس جهاد جي روشني سان عالم نوراني ٿيو.

بارگاھہ ۾ ان جي جنهن آثار شريعت کي ان جي مضبوط بعد زندگي بخشي.

بارگاھہ ۾ ان جي جنهن دين جي زخمن جو پنهنجي پاڪيزه خون سان علاج ڪيو.

اوهان جي بارگاھہ ۾ اي نبوت جا روح ۽ خلافت ڪبرا جي جان هن ڪتاب جو نذرانو پيش ڪريان ٿو ۽ ان سان اوهانجي شفاعت ۽ رضامندي جو اميدوار آهيان.

مترجم

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

باب اول

١ توحيد جي متعلق سندن ارشاد گرامي

اي انسانو، انهن بيدين ماڻهن کان بچو جيڪي خدا کي پنهنجي نفس جهڙو سمجهندا آهن ۽ ڪفار اهل ڪتاب جهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن. پاڪ آهو الله آهي، جو ان جهڙي ڪا شي نه آهي. هو ڏسڻ وارو ۽ ٻڌڻ وارو آهي، نگاهون ان کي لهي نٿيون سگهن، مگر هو نگاهن کي ڏسي ٿو. هو مادي غلاظتن کان پاڪ ۽ وڏو باخبر آهي. اڪيلائي ۽ حڪومت کي ان پنهنجي لاءِ خاص رکيو آهي. پنهنجي خواهشن ۽ ارادن کي پوري ڪرڻ وارو، قدرت کي عمل ۾ آڻڻ وارو ۽ سڀ ڪنهن هجڻ واري ڳالهه جو ڄاڻندڙ آهي. ڪنهن شي جي لاءِ حڪم فرمائي ته ڪنهن کي دم هڻڻ جي مجال نه آهي. نڪي انجو ڪو همسر آهي جو برابري ڪري ۽ نه ڪو حريف آهي، جنهنکي مخالفت جي جرئت هجي نه ڪوئي انجو مثال آهي، جو ان وانگر هجڻ جي دعوي ڪري. نه ان لئي ڪي انقلاب

---

١ . لطف العقول

اچن ٿا ۽ نه ان جون حالتون بدلجن ٿيون. وصف بيان ڪرڻ وارا ان جي وڏائي بيان ڪرڻ تي قادر نه آهن. نه دليون اندازو لڳائي سگهن ٿيون ته هو ڪيتري قدرت وارو آهي. ڇالاءِ جو موجودات عالم ۾ ان جي درجي جهڙي ڪا شي نه آهي.

نه علماء پنهنجي معلومات سان غور ۽ فڪر ڪرڻ وارا پنهنجي غور ۽ فڪر سان ان کي سمجهي سگهن ٿا مگر ايترو جو سواءِ ڏسڻ جي عين حقيقت تي يقين ڪن. ڇالاءِ جو مخلوقات جي وصفن سان انجي تعريف ٿي ڪري سگهجي. هو واحد بي مثال ۽ بي نياز آهي. وهم ۽ گمان انجي لاءِ جيڪو خاڪو تيار ڪندو خداوند عالمين انجي خلاف هوندو.

خدا اهو نه آهي جو بار مصيبت جي هيٺان لاچار هجي ۽ معبود اهو نه آهي جو هوا يا غير هوا ڪنهن به جاءِ ۾ اڏو وڃي. هو سيني شين ۾ موجود آهي مگر اهڙو نه جو ان ۾ محدود ٿي وڃي ۽ سيني شين کان دور آهي مگر اهڙي دوري نه جنهنجي سبب کان بي تعلق ۽ بي خبر ٿي وڃي. قادر اهو ٿي نٿو سگهي جنهن جو همسر، ضد يا مثل هجي. هو زماني جي حدن ۾ گرفتار ۽ ڪنهن جاءِ جي پابندي ۾ بند نه هجي. هو جنهنطرح نگاهن کان لڪل آهي ته ساڳي طرح عقلن کان به مخفي آهي. ان جي وڏائي عزت ۽ انڪان دوري ذلت آهي.

ان سان (۾) جو لفظ (جو ڪنهن شيءِ ۾ هجڻ جو پتو ڏئي؛ ڳنڍڻ ٿي نٿو سگهي ۽ نه "جڏهن" جي لفظ سان ان کي ڪنهن وقت سان مخصوص ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ان جي وجود ۾ "اڳ" (جڏهن) جي گنجائش آهي.

بلندي انجي غير جسماني آهي ۽ متوجه هجڻ انجو بغير ڦيرائڻ جاءِ جي آهي. هو هستي کي نيستي ۽ نيستي کي هستي بڻائيندو آهي. ان کانسواءِ ٻي ڪنهن کي اهي ٻئي صفتون ڪنهن وقت به حاصل ٿي نٿيون سگهن. غور ۽ فڪر انجي موجود ذات تي ايمان رکي ٿو مگر انهيءَ وجود جنهن جو ايمان آڻي سگهجي ٿو انجي وصف بيان ٿي نٿي سگهي. جيتريون صفتون آهن انهن جو مفهوم ان ذات جي ذريعه سمجهه ۾ اچي ٿو. مگر ان جي ذات انهن وصفن سان سمجهه ۾ نه ايندي. سڀ سوال شيون ان جي معرفت انسان کي معلوم آهن مگر هو انهن شين سان سڃاتو نٿو وڃي. هيءُ ئي آهي الله جنهن جو ڪوئي هم نام نه آهي. هو هر عيب کان پاڪ ان جي مثل ڪا شيءِ نه آهي. هو ٻڌڻ وارو ۽ ڏسڻ وارو آهي.

حضرت جو ارشاد نافع بن ارزق کي [1]

نافع عبدالله بن عباس رضه کي چيو ته مونسان

١- تاريخ ابن عساڪر

پنهنجي پروردگار جنهن جي عبادت ڪريو تا بيان ڪر. ابن عباس عظمت الاهي جي احساس ڪان مٿو جهڪائي ڇڏيو (ڪجهه جواب نه ڏنو) انڪان پوءِ ابن ارزق امام حسين جي خدمت ۾ آيو. حضرت ڪيس فرمايو اي نافع جو پنهنجي مذهب جو بنياد قياس تي رکندو هميشه غوطا کائيندو رهندو. سڌي وات کان هٽيل گمراه ۽ اڻ لائق قولن جو ڳالهائيندڙ هوندو. اي ابن ارزق آءٌ پنهنجي خدا جي اها صفت پڌائي سگهان ٿو جا ان پاڻ بيان فرمائي آهي.

احساسات سان انهن معلوم ڪرڻ ممڪن نه آهي ۽ مخلوقات تي انجو قياس درست نه آهي هو نزديڪ آهي مگر جسماني طرح لڳل نه آهي ۽ دور آهي مگر جسماني طرح علحده نه آهي. هو هڪ آهي مگر ڪنهن مجموعي جو جز نه آهي. نشانين سان سڃاتل ۽ علامتن سان ساراهيل آهي. سوا ان بزرگ ۽ برتر جي ٻيو ڪوئي معبود برحق نه آهي.

هي ٻڌي ابن ارزق روئڻ لڳو ۽ چيائين ڪيترو سهڻو اوهانجو بيان آهي. حضرت فرمايو مونکي ته معلوم ٿيو آهي ته تون منهنجي والد بزرگوار ۽ پاڻ کي ۽ خود مونکي ڪافر سمجهندو آهين. (ان لئي هو شرمندو ٿيو) حضرت فرمايو ته آءٌ توکان فقط هڪ سوال ڪريان تو، ان جو جواب ڏي. حضرت جن هي آيت

ٿڙهي. جا حضرت خضر جي قصي ۾ آهي- قوله تعالى[1] واما الجدار لغلامين (اها ديوار ٻن يتيم ڇوڪرن جي هئي) ۽ فرمايائون ابن ارزق انهن يتيم ٻارن جي باري ۾ ڪنهن جي حقن جو خيال رکيو ويو- ابن ارزق چيو ته انهي پيءُ جي حقن جو. حضرت فرمايو سچ چئو انهن يتيمن جي پيءُ جو درجو بلند هو يا رسول خدا صلعم جو- ابن ارزق چيو ته توهان جي باري ۾ قرآن چيو آهي ته هي شخص وڏو بحث ڪرڻ وارا آهن.

حضرت جن جي احسان ڪرڻ ۽ حاجت روائي لاء خطبو[2]

انسانو- عزت ۽ نيڪنامي جي ڪمن ۾ پاڻ ۾ مقابلو ڪريو ۽ نفع حاصل ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳي وڌي وڃو- جنهن نيڪي ۾ اوهان پاڻ ئي ڪن ڪم ورتو آهي اها نيڪي شمار ۾ نه آڻيو- پنهنجي گهرج پوري ڪري لائق تعريف جا ٿجو ۽ ٽال مٽول ڪري ڏلاڙا نه ٿجو- جڏهن ڪوئي شخص ڪنهن تي احسان ڪري ۽ هيءُ سمجهي ته اهو شخص احسان جو شڪريو ادا نه ڪندو ته الله ان احسان جو بدلو ڏيندو ۽ اهو ته زياده وڏي انعام ۽ عوض ڏيڻ وارو آهي- هيءُ سمجهي ڇڏ ته ماڻهن جون حاجتون جي تو وٽ آنديون وڃن ٿيون اهي تنهنجي لاء خدا جون نعمتون آهن تنهنڪري انهن نعمتن کان بيزار دل نه ٿي نه ته اهي تنهنجي لاء بجاء نعمت جي وبال بڻجي وينديون-

---

١- پاره ١٦ سورة ڪهف

٢- ڪشف الغمہ

هيءَ به سمجهه ته انسان احسان ڪري تعريف ۽ عزت حاصل ڪندو آهي ۽ ٻيڻي ثواب به حاصل ڪندو آهي- جيڪڏهن توهان احسان کي انسان جي شڪل ۾ ڏسو ته يقينا هڪ حسين ۽ جميل انسان ڏسو جنهن کي ڏسي ڏسڻ وارا خوش ٿي وڃن ۽ جيڪڏهن بخل کي انسان جي صورت ۾ ڏسو ته بدصورت ۽ ٻڇڙو جنهن جي ڏسڻ سان اکين کي نفرت ۽ دل کي ڪراهت اچي. اي انسانو، جنهن بخشش ڪئي اهو سردار ٿيو، جنهن بخل ڪيو اهو رذيل ٿيو ۽ سڀ کان زياده فياض اهو آهي جو جنهن کي ڏئي ان کان ڪنهن عوض جي اميد نه رکي- ۽ انسان ۾ سڀ کان زياده در گذر ڪرڻ وارو اهو آهي جو باوجود قابض هجڻ جي معاف ڪري- ۽ سڀ کان زياده رحم ڪرڻ وارو اهو آهي جيڪو ان ماڻهوءَ سان رحم سان پيش اچي جنهن ساڻس بي رحمي ڪئي هجي- وڻ جون پاڙون انهنجي جمڻ جي جاءِ ۾ انهنجي شاخن سان ئي وڌنديون آهن. تنهنڪري جو شخص انهنجي ڀاءُ سان ڀلائي ڪرڻ ۾ جلدي ڪندو ته جڏهن پاڻ ڪنهن ضرورت کان مجبور ٿي ان وٽ ايندو ته انهنجي ڀلائيءَ کي موجود پائيندو- ۽ جو شخص انهنجي ڀاءُ تي احسان ڪري خدا کان اجر جو طالب ٿيندو ته خدا به ان جي ضرورت وقت ان جي احسان جو بدلو ڏيندو ۽ دنيا

جون ايتريون مصيبتون ان کان دور ڪندو جيتريون ان پنهنجي پاڻ کان دور ڪيون هونديون. جيڪو شخص ڪنهن مومن کي رنج کان ڇڏائيندو ته خدا دنيا ۽ آخرت جي رنج کان ان کي نجات ڏيندو. جيڪو شخص ٻين تي احسان ڪندو ته خدا ان تي احسان ڪندو ۽ الله احسان ڪرڻ وارن کي دوست رکندو آهي.

هڪ خطبي جو ڪجهه حصو[1]

بردباري زينت آهي، وفا انسانيت جي خصوصيت آهي، صله رحم نعمت آهي، وڏو ٿيڻ بي غيرتي آهي، تڪڙائپ ناداني آهي، حد کان لنگهي وڃڻ خطري جو سبب آهي، ڪميڻن جي صحبت بڇڙي ۽ فاسقن جي صحبت سبب تهمت ۽ بدنامي آهي.

سندن هڪ خطبي جو چونڊ حصو[2]

جو پاڻ پنهنجي والد بزرگوار جي جهاد-شام ڏانهن وڃڻ وقت جهاد جي ترغيب لاءِ فرمايائون ته پاڻ اٿي پهريائين خدا جي حمد ڪيائون ۽ ان جي شايان شان تعريف بيان ڪيائون پوءِ فرمايائون، اي اهل ڪوفه توهان باعزت دوست آهيو، اوهان جي محبت دلين سان آهي نه ظاهر سان، توهان ۾ جيڪا اختلاف جي باهه

١- ڪشف الغمه

٢- شرح نهج البلاغه ابن ابي الحديد.

پڙڪي الي آهي، ان جي وسائڻ ۽ توهان جي لاءِ جي مشڪلاتن دراهش آهن انهن کي درست ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪريو. توهان کي معلوم هجڻ گهرجي ته جنگ جا نتيجا گهڻو دور رس ۽ ان جو مزو گهڻو اڻ وڻندڙ هوندو آهي. توءِ جيڪي شخص ان لاءِ تيار ٿين ته انهن کي جنگ جي صدمن کان اڳ ۾ خبردار رهڻ گهرجي، انهن کي ٿي مرد ميدان ٿيو ۽ جيڪي شخص موقع جي اچڻ کان اڳ ۾ وقت کان اڳ ۾ جنگ ڇيڙڻ جي ڪڍ هجن اهي پنهنجي قوم کي نه ڪوبه فائدو پهچائي نه ٿا سگهن بلڪ پاڻ کي نقصان پهچائيندا.

اسان الله کان دعا گهرون ٿا ته اهو اوهان کي حق جي طرف رجوع ڪرڻ جي همت عطا فرمائي.

”جناب ابوذر رضه سان سندن گفتگو!

جڏهن خليفه عثمان جي حڪم سان ابوذر رضه

١- شرح نهج البلاغته ابن ابي الحديد، معاويه ۽ حضرت عثمان کي سندن خلاف سنت ۽ اسلامي غلطين ڏي هدايت ڪرڻ سبب حضرت ابوذر غفاري اصحابي کي گهڻيون تڪليفون ڏنيون ويون آخر ۾ ان کي جلاوطن ڪري، سندس جاءِ پيدائش ربزه ناالي ڳوٺ ۾ رهڻ لاءِ خلافت طرفان حڪم مليو. ان ڳوٺ ۾ غير مسلم رهندا هئا جن کي ابوذر جي اسلام آڻڻ سبب سا ئس دشمني هئي. ان سبب ابوذر کي ان ڳوٺ ۾ اچي جي رهڻ کان سخت نفرت هئي. ابوذر کي روحاني تڪليف ڏيڻ خاطر ئي اهو حڪم ڪيو ويو هو.

جلاوطن ٿي ربذه جي طرف وڃڻ لڳو ته پاڻ کيس فرمايائون ته اي چاچا صاحب، خداوند عالم انهن حالتن کي جيڪي اوهان ڏٺيون رهيا آهيو، بدلائڻ تي قادر آهي. هرهڪ ڏينهن انهيءَ پاڪ پروردگار جو نئون شان آهي. ماڻهن پنهنجي دنيا کي اوهان جي هٿ کان بچايو ۽ اوهان پنهنجي دين کي انهن کان بچايو، جنهن شي کي انهن اوهان کان بچايو ان مان اوهان جي بي نيازي ظاهر آهي پر اوهان جنهن شي کان انهن کي محروم ڪيو، اهي ان لاءِ گهڻو محتاج آهن. اوهان خدا کان صبر ۽ ڪاميابيءَ جي دعا گهرو فرياد ۽ واويلا کان پرهيز ڪريو ڇا لاءِ جو صبر دين جو رکن آهي ۽ بزرگي جي علامت ۽ لالچ رزق کي ويجهو نه ٿي آڻي سگهي ۽ نه فرياد واويلا موت کي ٽاري سگهندا.

سندن ڪلام مان ڪجهه[١]

آءُ اوهان کي هدايت ڪريان ٿو الله جي لحاظ ڪرڻ جي ۽ اوهان کي ڏيکارڻ چاهيان ٿو ان جي طرف جي انقلابن کان ۽ اوهان جي لاءِ بلند ڪرڻ گهران ٿو ان جي معرفت جي جهنڊن کي. اهو ڏينهن جنهن جو انديشو آهي ڇڻ اهو اچي ويو آهي پنهنجي

١- الوافي جلد ١٤.

خوفائتي آمدني ۽ نا پسند قيام ۽ اڻ وڻندڙ ذاتي سان ۽ چنبڙي ويو آهي اوهان جي نفس سان ۽ اوهان ۽ اوهان جي عملن جي وچ ۾ آڙ اچي ويو آهي. تنهنڪري جسماني صحت عمر جي ڪمائي ۾ ڪوشش ڪريو ۽ جلدائي ڪريو نيڪ عمل بجا آڻڻ ۾ ان ڏينهن جي مصيبتن جي اچڻ کان اڳ جو اوهان کي زمين جي پٺي کان قبرائي زمين جي پيٽ جي اندر ۽ ان جي بلندي کان هيٺائي هستي جي طرف ۽ ان جي انسپڻن کان الڳ ڪري پريشانين جي طرف ۽ روشنيءَ کان جدا ڪري اونداهي جي طرف ۽ ان جي ڪشادگي کان محروم ڪري تنگي جي طرف پهچائيندو. جتي ڪنهن دوست جي ملاقات نه ٿي ٿئي، نه ڪنهن بيمار جي عيادت ۽ نه ڪنهن فريادي جي فرياد رسي. الله اسان جي ۽ اوهان جي امداد ڪري، ان ڏينهن جي هولناڪ حالتن جي مقابلي لاءِ ۽ ان ڏينهن جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏئي ۽ اسان ۽ توهان لاءِ وڏي ثواب جو حقدار بنائي.

خدا جا بندو - جڏهن هي توهان جي منزل مقصود ۽ سفر جي انتها آهي ته پوءِ ان کان وڌيڪ فڪر ڪم ڪوڙ واري لاءِ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو جو ان جي تمام فڪرن تي غالب اچي ۽ ان کي دنيا کان غافل بنائي ۽ ڇوٽڪاري جي طلب ۾ ان ڪوشش کي زياده

ڪري، ڇا لاءِ جو هي ته معلوم آهي ته ان کان بعد
هو ان ڪوشش جي نتيجن ۾ گرفتار ٿي ويندو ۽ ان
سان ان جو حساب ٿيندو. ان وقت نه مددگار هوندو
جو ان جي حفاظت ڪري ۽ نه پشت پناهه هوندي
جو ان جي مصيبتن کي دفع ڪري. ان ڏينهن ڪنهن
کي جو پهريون ايمان نه آندو هوندائين يا جنهن پنهنجي
ايمان جي وقت ۾ نيڪ ڪم ڪونه ڪيا هوندا، ته
ايمان ڪو فائدو نه ڏيندو.[1] چؤ ته توهان انتظار
ڪريو، اسان به انتظار ڪري رهيا آهيون. آءٌ اوهان
کي هدايت ڪريان ٿو ته الله جي خاطر ۽ لحاظ ڪرڻ
جي آهي لاءِ ته الله ذميدار ٿيو آهي، ان شخص
جي لاءِ جيڪو الله جو لحاظ رکي انهيءَ لاءِ ته هو ان
کي ناپسند حالات کان ڦيرائي پسنديده حالات جي
طرف آڻي ۽ ان کي بي گمان رزق عطا فرمائيندو.
خبردار انهن ماڻهن مان نه هجو جيڪي بندن کان انهن
جي گناهن کان ڊڄن ۽ الله جي گناهه لاءِ سزا کان بي
خوف رهن. انهيءَ لاءِ خدا تعاليٰ کي فريب ڏئي
بهشت حاصل نه ڪري سگهجي ٿو ۽ جيڪا الله جي
نعمت آهي اها پوءِ ان جي اطاعت جي حاصل نه
ٿي سگهندي.

١- پاره ٨ سورت انعام. قل انتظروا انا منتظرون.

سندن ارشاد ١ دنيا کان پرهيز ڪرڻ جي متعلق

اي آدم جي اولاد. غور ڪريو ۽ ٻڌايو ته دنيا جا بادشاهه ۽ دنيا وارا ڪٿي آهن، ڪيڏانهن ويا اهي ماڻهو جن هن دنيا جي ويرانين کي آباد ڪيو، نهرون کوٽيون، وڻ پوکيا، شهرن کي آباد ڪيو. مگر اهي ماڻهو خواهش نه رکندي به هن دنيا کان جدا ٿي ويا ۽ انهن جي جاءِ تي ٻيا مالڪ بڻجي ويٺا ۽ اهي به ويا ۽ جلد اسين به انهن سان وڃي ملنداسون.

اي آدم جا فرزندو پنهنجي وڃڻ ۽ قبر ۾ ليٽڻ ۽ وري قيامت ۾ خداوند عالم جي سامهون اٿڻ کي ياد ڪريو جتي اوهان جا عضوا اوهان جي خلاف شاهدي ڏيندا. ان ڏينهن جڏهن قدم ٿڙڪندا ۽ دليون ٿڙيءَ لائين اچي وينديون، ڪن جا چهرا سفيد ۽ ڪن جا ڪارا هوندا ۽ لڪيل ڇپيل ڳالهيون ظاهر ٿي وينديون ۽ انصاف جي ترازي کڙي ڪئي ويندي. اي فرزند آدم پنهنجي پيءُ ڏاڏي ۽ پنهنجي اولاد جي مرڻ کي ياد ڪريو ته پهرين هو ڪٿي هئا ۽ هاڻي هو ڪٿي آهن ۽ اوهان به جلد انهن جي منزل ۾ پهچي ويندؤ ۽ ٻين جي عبرت حاصل ڪرڻ لاءِ نمونو بڻجي ويندؤ.

١- ارشاد ديلمي.

هن کان پوءِ پاڻ ڪجهه شعر پڙهيائون جن جو مطلب هيٺ آهي-
ڪٿي آهن اهي بادشاهه جي پنهنجي جانين بچائڻ کان غافل رهيا
ايستائين جو پيارڻ واري انهنکي موت جو جام پياريو
دنيا ۾ انهن جا شهر خالي آهين
۽ ويران تي رهيا آهن ۽ انهن جي ٻڏائڻ واري موت
جو مزو چکيو
اسان مال کي وارث هجڻوارن لاءِ گڏ ڪري رهيا آهيون
۽ پنهنجا گهر زماني جي برباد ين لاءِ بنائي رهيا آهيون

*سندن خطبه فضائل اهلبيت ۽ انهن جي اطاعت واجب هجڻ جي بيان ۾-

پاڻ حمد ۽ ثنا الاهي فرمايائون پوءِ پيغمبر تي درود موڪليائون- ان وقت تي هڪڙي شخص کان پاڻ پڇندي پڇائون ته "هيءَ ڪير تقرير ڪري رهيو آهي" پاڻ فرمايائون الله جا غلاب رهڻ وارا انسان- پيغمبر خدا جا تمام و ڏجها عزيز ۽ طيب طاهر اهل بيت † پڻ وڏي شان وارين شين مان هڪ آهن- اسانکي ٻي پيغمبر صلعم ڪتاب خدا جو ثاني مقرر فرمايو- اهو ڪتاب خدا جنهن ۾ هر چيز جو تفصيل موجود

* احتجاج طوسي ٣ اطيعوا الله واطيعوا الرسول و اولاامر منكم (قرآن پاره ٥ سوره نساءِ-)

† اني تارك فمن كم الثقلين كتاب الله وعترتي اهلبيتي- (حديث رسول)

آهي ۽ باطل جو ان جي آس پاس گذر نہ آهي. ڪلام مجيد جي تفسير ۾ اسان ڏي ڏي اعتبار ڪري سگهي ٿو، اسان ڪان ان جون ڏاو ڏلو ڳجهون نہ آهن بلڪ اسان ڏي ان جي حقيقتن جي پيروي ڪرڻ وارا آهيون. پوءِ اوهان اسان اسانجي تابعداري ڪريو جو اسانجي اطاعت فرض آهي. ڇا لاءِ جو خدا ۽ رسول جي اطاعت سان گڏو گڏ اسانجي اطاعت جو حڪم ڪيل آهي. جيئن جو ارشاد الاهي آهي. * خدا جي اطاعت ڪريو ۽ رسول جي، ۽ توهان مان جي حقدار حڪومت جا آهن انهن جي اطاعت ڪريو ۽ † جيڪڏهن اوهان ۾ ڪنهن ڳالهہ ۾ تڪرار ٿئي تہ الله ۽ ان جي رسول جي طرف رجوع ڏيو، هيءَ بہ خداوند عالمين جو ارشاد آهي. تہ جيڪڏهن توهان خدا ۽ رسول ۽ پنهنجي حقداران حڪومت جي طرف رجوع ڪريو ها تہ يقينا اهي شخص جي تحقيق ڪرڻ وارا آهن ان کي سمجهن ها ۽ جيڪڏهن خدا جو فضل ۽ ڪرم ۽ مهرباني توهان تي نہ هجي ها تہ ٿورن ڪانسواءِ اوهان سڀ شيطان جي پيروي ڪرڻ لڳو ها، آءٌ اوهانکي خبر دار ٿو ڪريان تہ شيطان جو

---

* اطيعو الله و اطيعوالرسول واولا مرمنكم-
(قرآن) پ ٥ ص من نساء)

† فان تنازعتم في شيءٍ فردو ولاالي و الرسوله
(قرآن پ ٥ من نساء)

اوهانجي ڪنن ۾ چوندو رهي ٿو ته ان جي چوڻ تي ڌيان نه ڏيو ڇالاءِ جو هو اوهانجو کليو دشمن آهي. جيڪڏهن اوهان ان جي ڳالهين کي ڪن ڏيندو ته ان جي مريدن وانگر ٿي ويندؤ جن کي شيطان چيو هو ته، "اڄوڪي ڏينهن اوهان تي ڪوئي غالب نه اچي سگهندو، مان جو اوهان سان آهيان. پر جڏهن ٻنهي جماعتن جو مقابلو ٿيو ته شيطان ٻوٽين ڀير ڀڄڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو ته، "مونکي اوهان سان ڪو واسطو نه آهي" نتيجو اهو ٿيندو جو توهان تيرن ۽ تلوارن، نيزن ۽ گرزن جي وار ۾ اچي ويندو ۽ هوءَ ان وقت ڪنهن شخص جو ايمان آڻڻ لائق قبول نه ٿيندو. ايستائين جو هو ٻڌائين ڪان ايمان نه آندل هجي ۽ عملي حيثيت سان پنهنجي ايمان جو ثبوت پيش ڪيل هجي.

امير المومنين هدايت جو شهر * آهن-

پاڻ حمد ۽ ثنا الاهي ۽ صلوات پيغمبر مٿان چئي ارشاد فرمايو ته اي حاضرين مان رسول کي پنهنجي ڪنن سان ارشاد فرمائيندي ٻڌو آهي ته † علي هدايت

---

* توحيد الصدوق

† سمعت رسول الله وهو يقول ان عليا هو مدينة هدي فمن دخلها نجي ومن تخلف عنها هلك. (حديث)

جو شهر آهي جو شخص ان شهر ۾ آيو ان نجات پاتي ۽ جنهن ان شهر ۾ اچڻ کان پاسو ڪيو اهو هلاڪ ٿيو.

سندن ان موقع جو خطبو جڏهن معاويه يزيد جي بيعت حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪيو.

(مدينه طيبه ۾ معاويه جي تقرير بعد بطور جواب)

حمد الهي ۽ صلوات حضرت رسالت پناهي مٿان چوڻ بعد فرمايائون اي معاويه هيستائين پيغمبر خدا جي وصفن جو تعلق آهي ڪوئي شخص ڪيترو به ڏگهو ڪري ته حضرت جي وصفن جو هڪ جزو به بيان نه ڪري سگهندو ۽ توکي معلوم آهي ته حضرت کان پوءِ ماڻهن ڪهڙي طرح نه حضرت جي وصفن ۽ ڪمالاتن جي بيان ۾ ڪمي ڪئي ۽ ساڻن جو الجام اطاعت ڪيو هئائون ان کان ڪهڙي طرح نه ڦري ويا. توبه - توبه!! اي معاويه!! صبح اولداهي رات کي رسوا ڪيو ۽ سج جي روشني ڏيئن کي بي نور ڪري ڇڏيو.

تو گهڻين ڳالهين جي بيان ۾ تفصيل کان ڪم ورتو آهي مگر حد کان وڌي ويو آهين ۽ طرفداري کان ڪم ورتو اٿئي ۽ انصاف جي حد کان لنگهي ويو آهين ۽ بعضي حق جي ڳالهين جي چوڻ کان بخل ڪيو اٿئي ۽

---

* الامامة والسياسة.

ظلم ۽ زبردستي ڪندڙ ۽ حد کان گذري چڙهيل،
حقدار کي ان جي حق جو ڪجهه حصو به تو نه ڏنو
ايستائين جو شيطان پورو حصو پنهنجو وٺي ڇڏيو ۽
هيڪي ڪجهه تو يزيد جي متعلق ڪمال ۽ سياست
داني جي تعريف ڪئي آهي ان کي مون سمجهيو. تون
گهرين ٿو ته يزيد جي باري ۾ ماڻهن کي دوکي ۾ رکان.
يزيد جي باري ۾ تو جو بيان ڪيو آهي سو ائين آهي
چڻ تو ڪنهن اڻ ڏٺل ماڻهو جون وصفون بيان ڪيون
آهن يا ڪائي اهڙي خبر ڪري رهيو آهين جنهن
کي تو خاص ذريعن سان حاصل ڪيو هجي. حالانڪ
يزيد پنهنجي افعالن سان پنهنجي سڃاڻپ پوري طرح
ڪرائي ڇڏي آهي. توکي لائق آهي ته يزيد کي
سندس اختيار ڪيل طرز زندگي جي حوالي ڪري ڇڏ
جيڪن جو ويڙهڻ لاءِ ڪتن جو پالڻ ۽ اڏائڻ لاءِ ڪبوترن
جو پالڻ ۽ ڳائڻ وڄائڻ وارين ۽ طرح طرح جا بيا
شيطاني ڪم. سو هو انهن ڪمن لاءِ موزون ۽ مناسب
آهي ۽ جو تون چاهين ٿو (يزيد کي خليفو رسول بڻائڻ)
ان کي ترڪ ڪر. آخر توکي ڪهڙي ضرورت آهي جو
سڄي خلق جو بار پنهنجي سر تي کڻين ان کان وڌيڪ

جيڪو اڳ تنھنجي مٿان آھي. خدا شاھد آھي جو تون برابر ظلم ۽ زبردستي مڪر ۽ حيلو ۽ ڪينہ پروري ڪندو رھيو آھين ايستائين جو بد عملن جو وڏو ذخيرو گڏ ڪيو اٿئي. ھاڻي تنھنجي ۽ موت جي وچ ۾ فقط اڪ ۔ بند ڪرڻ جيتري وٿي رھي آھي تنھنڪري اھڙا عمل نہ ڪر جي قيامت جي ڏينھن تنھنجي ڪم اچن ۽ ان ڏينھن کان ڇٽڻ ناممڪن آھي. آءٌ ڏسان ٿو تہ تون انھيءَ امر خلافت جو پاڻ کان ٻوءِ جي لاءِ بہ انتظام ڪري رھيو آھين ۽ اسانکي اسانجي آبا و اجداد جي ميراث کان ھميشہ جي لاءِ روڪي رھيو آھين. حالانڪ الله اسانکي نسلي طور تي ان جو وارث بڻايو آھي ۽ اسانجي واسطي حقيقت جو اھوئي دليل ڪافي آھي جيڪو اوھان پيغمبر خدا جي وفات بعد خلافت لاءِ ڪڙي ھڻڻ واري † جي خلافت استعمال ڪيو ھو ۽ ان کي سر جھڪائڻو (مڃڻو) پيو ھو ۽ انصاف جي تقاضا کي منظور ڪرڻو پيو ھو مگر ان کان پوءِ اوھان حيلہ گرين کي جائز بڻائي ڇڏيو ۽ طرح طرح

† سعد بن عبادہ جي خلافت لاءِ حجت ڪرڻ تي ڪيس اھو رد ڏنو ويو ھو تہ حضرت جي قريش مان آھن تنھنڪري خلافت بہ قريش جو حق آھي وغيرہ (تاريخ)

جي بد اعمالن جا مرتڪب ٿيو ايستائين جو معاملو تو تائين پهتو، اي معاويه! جا راه تنهنجي طرف کان بلڪل جدا هئي، هاڻي عبرت جو نظارو آهي جو اکين جي اڳيان ظاهر آهي ۽ تو شخص معلوم (ابوبڪر) جو رسول کان بعد اقتدار وارو ٿيڻ ۽ امير بڻائڻ جو، ذڪر ڪيو آهي مگر توکي معلوم آهي جو باوجوديڪ عمرو بن عاص کي صحبت رسول جي فضيلت حاصل هئي ۽ هو رسول جي بيعت به ڪري چڪو هو پوءِ به جڏهن هو امير بڻايو ويو ته مسلمانن ان جي حڪومت کي ناپسند ڪيو ۽ ان جي مخالفت لاءِ تيار ٿيا، ايستائين جو رسول خدا فرمايو ته اي مهاجرو سونکان پوءِ ڪنهن کي حق نه آهي جو توهان تي ڪنهن کي حاڪم مقرر ڪري، انهيءَ ڪري اهڙي دليل سان جنهن لاءِ پيغمبر منع ڪئي آهي ان لاءِ حجت ڪري پيش ڪرڻ ڪيتري قدر صحيح آهي. اهڙي حالت ۾ سڀ کان وڏي ضرورت هي آهي جو اهڙو طرز عمل اختيار ڪيو وڃي جنهن جي صحت تي زياده کان زياده ماڻهو متفق هجن. وري هيءُ جو تو اصحابن کي به ڇڏي (خلافت لاءِ) تابعي منتخب ڪرائڻ گهريو آهي ۽ تنهنجي چو ڦير سڀ اهڙا ماڻهو آهن جن جي صحبت تي ڀروسو نٿو ڪيو وڃي نه انهن جي قرابت ۽ ديانتداري جو اطمينان ٿي سگهي ٿو ۽ وري به تو

انهن کي به ڇڏي هڪ فاسق ۽ فاجر شخص کي مقرر ڪيو آهي ۽ چاهين ٿو ته ساڻهن کي شڪ ۽ شبهه ۾ گرفتار ڪرين، نتيجه اهو آهي جو جيڪري رهڻ وارو (يزيد) دنيا جا مزا وٺندو ۽ تو ان جي سبب ڪان آخرت ۾ برباد ٿيندين "وڏو گهاٽو آهي" آءُ پنهنجي لاءِ تنهنجي لاءِ مغفرت جي التجا رکان ٿو.

* سندن معاويه سان گفتگو جنهن ۾ پاڻ ڪيس سندس ڪرتن تي ڇت ڦت فرمايائون.

جڏهن جناب حجر بن عدي ۽ ان جي ٻين رفيقن کي معاويه شهيد ڪرايو ان بعد حضرت امام حسين کي معاويه چيو ته مان حجر ۽ ان جي دوستن ۽ پيروي ڪندڙن ۽ اوهانجي والد بزرگوار جي شيعن سان جيڪو ورتاءُ ڪيو اهو اوهان به ٻڌو! اسان انهن کي قتل ڪري ڇڏيو مگر انهن کي قتل ڪري ڪفن به پهرايو ۽ نماز جنازه به پڙهي، هي ٻڌي پاڻ ڪليا ۽ فرمايائون اي معاويه هي جماعت قيامت جي ڏينهن تنهنجو گريبان پڪڙيندي، خدا جو قسم آهي جيڪڏهن اسانکي تنهنجي پيروي ڪندڙن سان اهڙي ئي سلوڪ ڪرڻ جو موقع ملي ها ته اسان نه انهن کي ڪفن ڏيون ها ۽ نه نماز جنازه پڙهون ها، مونکي هي نه معلوم آهي ته

---

* الحسين - سيد علي جلال المصري.

ٽون منهنجي والد ماجد اميرالمومنين کي برو چوين ٿو ۽ عيب لڳائين ٿو ۽ بني هاشم جون برايون بيان ڪرين ٿو. خدا جو قسم آهي اي معاويه تو برائي ڪمان چڙهائي ۽ منهنجي نشان کان سواء ٻين نشانن ڏي تير هلايا ۽ دشمني ۽ عداوت جي سبب کان تو (حڪومت ۽ شهنشاهي) وڃهي هٿ ڪئي. تو اهڙي شخص جي اطاعت ڪئي جنهنجو نه ايمان قديم آهي نه اتفاق اٿون (عمرو بن عاص) جنهن تنهنجي ڪڏهن به خير خواهي نه ڪئي. هاڻي تون پنهنجي نيڪ بد سمجهه يا ان شخص کان قطع تعلق ڪر.

سندن * گفتگو پنهنجي اصحابن سان خدا جي معرفت جي بيان ۾.

اي انسانو. خدا بزرگ کان ڊڄو. ان ٻندن کي ان لاء پيدا ڪيو آهي ته ان کي سڃاڻن. جڏهن ٻندا ان کي سڃاڻي ويندا ته ان جي عبادت به ڪندا ۽ ان جي عبادت ڪرڻ بعد ان کان سواء ٻئي جي عبادت کان بي نياز ٿي ويندا. هڪ شخص چيو اي فرزند رسول معرفت خدا ڇا آهي! پاڻ فرمايائون هر زماني جي ماڻهن لاء معرفت جو ذريعو اهو امام آهي جنهن جي اطاعت انهن تي واجب آهي.

---

* علل الشرائع

مسجد نبوي ۾ عائشه رضه کي فرمايائون.

جڏهن امام حسن جي رحلت ٿي ۽ سندن جنازو تيار ٿيو ۽ نماز جنازه کان فراغت ٿي ته جنازه کڻي مسجد ۾ آندو ويو ۽ جڏهن قبر رسول جي ويجهو آڻي رکيو ويو ته (ڪن ماڻهن) اها خبر عائشه رضه کي پهچائي ته امام حسن جو جنازو رسول وٽ دفن ڪرڻ لاءِ آندو ويو آهي هيءَ ٻڌي عائشه رضه خچر تي زين ٻڌي سوار ٿي اچي پهتي (هيءَ اسلام ۾ پهرين عورت آهي جنهن زين تي سواري ڪئي) ۽ اچي چيو ته هن جنازي کي منهنجي گهر کان ڪڍي وڃو منهنجي گهر ۾ ڪوئي دفن ٿي نٿو سگهي ۽ پيغمبر جو پردو چاڪ نه ڪيو ويندو. ان تي امام حسين فرمايو ته تو ۽ تنهنجي پيءُ ته پهريان ئي پيغمبر جو پردو چاڪ ڪري ڇڏيو آهي ۽ پيغمبر جي گهر ۾ تو اهڙي کي جاءِ ڏني جنهن جي پيغمبر کي نزديڪي پسند نه هئي. انهيءَ لاءِ تو کان اي عائشه خدا ضرور پڇندو. مونکي منهنجي ڀاءُ حڪم ڏنو هو ته آءٌ سندس جنازي کي پدر بزرگوار پيغمبر خدا جي روضه وٽ وٺي هڪ دفعو زيارت ڪرايان، توکي معلوم هجڻ گهرجي ته منهنجو ڀاءُ سڀني ماڻهن کان زياده خدا ۽ رسول ۽ ڪتاب خدا جي معنيٰ ۽

---

* بحار الانوار جلد ١٠

مطلب جو علم رکندو هو. ان ڪري ممڪن آهي جو
هو هتڪ پيغمبر جو مرتڪب ٿئي ڇا لاءِ جو ارشاد
خداوند عالم آهي ته "اي* ايمان آڻڻ وارو جيستائين
پيغمبر اجازت نه ڏين پيغمبر جي گهر ۾ داخل نه ٿيو"
۽ تو اي عائشه بغير اجازت پيغمبر مردن کي پيغمبر
جي گهر ۾ داخل ڪيو ۽ هيءَ به خداوند عالم فرمايو
آهي ته "اي† ايمان وارا پيغمبر جي آواز تي پنهنجي
آواز کي بلند نه ڪريو." ۽ آءٌ پنهنجي زندگي جو قسم
کڻي چوان ٿو ته تو پنهنجي پيءُ ۽ ان جي رفيق خاص
فاروق جي لاءِ رسول جي ڪنن تي پاهوڙا هلايا آهن.
هي به خداوند عالم فرمايو آهي ته "اي‡ ماڻهو جي
رسول جي حضور ۾ پنهنجي آوازن کي آهسته ڪندا
آهن اهي اهڙا ماڻهو آهن جن جي دلين کي خدا تقوي
جي لاءِ آزمايو آهي." ۽ آءٌ قسم سان چوان ٿو ته هن
آيت جي برخلاف تنهنجي پيءُ ۽ ان جي خاص دوست

---

* يا ايها الذين آمنوا لاتدخلوا بيوت النبي الا ان يوذن لکم (پ ۲۲ ص احزاب)

† يا ايها الذين آمنوا لاترفعوا اصواتکم فوق صوت النبي (پ ۲۶ ص حجرات)

‡ ان الذين يغضون اصواتهم عند رسول الله اولئک امتحن الله قلوبهم للتقوي. (پ ۲۶ ص حجرات)

فاروق پنهنجي لڙڪيءَ سان رسول کي ايذاءُ پهچايو
۽ خدا هيڪي حق پيغمبر جا ٻنڌن تي لازم ڪيا آهن
انهن مان ڪوئي حق پورو نه ڪيو. خدا جيئرن جي
لاءِ جن ڳالهين کي حرام ڪيو آهي مئلن لاءِ به ساڳي
طرح حرام ڪيو آهي (جيئن ته گلا ۽ ايذاءُ پهچائڻ مؤمن
کي ان جي زندگي ۾ جائز نه آهي ته ان جي مرڻ بعد
به جائز نه آهي) ۽ خدا جو قسم اي عائشه هي ڪم
يعني امام حسن جو رسول وٽ دفن ڪرڻ جنهن کي
تون ناپسند ٿي ڪرين (حسن مجتبيٰ جي وصيعت جي
وسيلي) اسانجي لاءِ خدا ۽ اسانجي وچ ۾ جائز هجي
ها ته لوڪي معلوم ٿئي ها جو اهو دفن ٿي رهي ها
توڙيڪ توکي ڪيتري به تڪليف ٿئي ها ان کان بعد
محمد بن حنيفه چيو ته اي عائشه هڪ ڏينهن خچر تي
چڙهي آئي آهين ۽ هڪ ڏينهن اٺ تي چڙهي نڪتي
هئين نه ته تون پنهنجي نفس کي روڪي سگهين ٿي ۽
نه هڪ جاءِ تي وهي سگهين ٿي محض بني هاشم جي
عداوت ۽ دشمني جي سبب کان، عائشه چيو هيءَ
(امام حسين) ته فاطمه جو اولاد آهي ان ڪري
ڳالهائي رهيو آهي مگر تون ڇا لاءِ ٿو ڳالهائين- امام
حسين فرمايو ته محمد کي فاطمائن کان الڳ ڪرين ٿي
خدا جو قسم ته محمد بن حنيفه ٽن فاطمائن جو اولاد
آهي ا- فاطمه بنت عمران بن عائذ بن عمرو بن مخذوم

۽ ٢- فاطمه بنت اسد بن هاشم ۽ ٣- فاطمه بنت زائده بن الاصم بن رواحا ذ ، جهر بن حجيص بن عامر.

سندن* ڪلام حضرت امام حسين جي وفات جي تاثرات ۾.

اي ابو محمد تو تي الله پنهنجي رحمت نازل ڪري اوهان حق جي نقطي تي ڪامل بصيرت رکڻ وارا هئو ۽ حق ۽ باطل جي ڪشمڪش ۾ خون ۽ دهشت جي موقعن تي رضا الهي کي مقدم رکندا هئو ۽ دنيا جي وڏن وڏن فائدن تي حقارت جي نظر وجهندا هئو ۽ ڪائنات پنهنجي همت کي جو هميشه پاڪ ۽ صاف رهيو سوڙهو ڪندا هو ۽ اوهان مخالفن جي سختي ۽ ڪاوڙ کي آسانيءَ سان صبر ۽ تحمل سان برداشت ڪري ويندا هئو ائين ڇو نه هجي ها جو اوهان خاندان رسالت جا سپت ۽ حڪمت جي کير سان پليل هئو. اوهان کي راحت ۽ بهشت آخرت جو مبارڪ هجي ۽ الله اسانکي ۽ اوهانکي اي مسلمانو ان جي غم ۽ اجر ۽ ثواب جو مقدار بخشائي ۽ اسان سڀني کي صبر ۽ سڪون ڪرامت فرمائي.

سندن† ارشاد مروان بن حڪم جي مذمت ۾

مروان بن حڪم هڪ دفعه حضرت امام حسين کي

---

* عيون الاخبار ابن قتيبه † ناسخ التواريخ جلد ٦

ڇو ته هيڪڏهن جناب فاطمه جي سبب کان اوهانکي
فخر حاصل نہ هجي ها ته بہ ڳالهه ۾ اوهان اسان تي
فخر ڪريو ها. هي جملو ٻڌي پاڻ مروان تي ڇهڙپ
ڪيائون سندن ڪرامت نهايت سخت هوندي هئي
(اسد الله جو فرزند هو) پاڻ مروان جي گردن پڪڙي
زور سان دٻايائون ۽ سندس پڳ، سندس گردن ۾
وجهي اهڙو ته زور سان دٻايائون جو هو نيم بيهوش
ٿي ويو پوءِ پاڻ ان کي ڇڏي ڏنائون ۽ قريشين ڏانهن
مخاطب ٿي فرمايائون (جي اتي حاضر هيا) ته اوهان
کي خدا جو قسم ڏيان ٿو ته هيڪڏهن مان سچ چوان
ته توهان بہ تصديق ڪجو. ڇا توهان ڄاڻو ٿا ته روءِ
زمين تي اهڙو ڪو شخص آهي جنهن سان پيغمبر خدا
مون ۽ منهنجي پيءُ کان وڌيڪ محبت فرمائيندا هئا،
يا مون ۽ منهنجي پيءُ کانسواءِ دختر پيغمبر جو ڪوئي
فرزند آهي؟ سڀني حاضرين هڪ زبان ٿــي چيو ته
ڪوئي نہ. ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون ته مان نٿو ڄاڻان
ته روءِ زمين ڪوئي شخص اهڙو بہ آهــي جو پاڻ بہ
ملعون هجي ۽ ان جو پيءُ بہ ملعون هجي سواءِ هن
مروان جي جيڪو پاڻ بہ ملعون آهــي ۽ ان جو پيءُ
حڪم بہ ملعون هيو ۽ پيغمبر ان کي تڙائي ڪڍيو.
مشرق کان مغرب تائين ڳولڻ سان اهڙا بہ لڀي جا مسلمان
نہ ملندا جي اي مروان، تو ۽ تنهنجي پيءُ کان وڌيڪ

دشمن خدا ۽ رسول ۽ اهلبيت رسول جا هجن ۽ منهن جي ڳالهه جي سچائي جي ثابتي هي آهي هو جڏهن تون غصي ۾ ايندين ته تنهنجي چادر تنهنجي ڪلهن تان ڪري پوندي. راوي چوي ٿو ته خدا جو قسم جيئن مروان پنهنجي جاءِ تان غضبناڪ ٿي اٿيو ته ان جي چادر ان جي ڪلهن کان جدا ٿي ڪري پئي.

برسات ‡ جي طلب جي موقع تي سنڌن دعا.

پالڻ وارا اسانکي پورو پورو پاول ڪر اهڙو پوڻ هو ڪشادو. سکون وارو. عام فائدو پهچائيندڙ ۽ نقصان ڪار نه هجي. جو اسانجي شهر ۽ ڀرواري پني لاءِ هڪجهڙو مفيد ٿئي ۽ ان کي اسانجي رزق ۽ شڪر گذاري ۾ واڌاري جو سبب بڻاءِ، پالڻ وارا اسانکي ايمان جو رزق ۽ ايمان جي عطا مقرر ڪر. تنهنجي عطائن کان اسان ڪڏهن به محروم نه رهيا آهيون. پروردگار پاڻي وساءِ جو اسانجي زمينن کي آرام عطا ڪري ۽ ان مان زيتون ۽ ساوڪ ڦٽاءِ.

سنڌن † خطبہ منا جي جاءِ تي فرمايل.

ان خطبہ ۾ پنهنجي پدر بزرگوار حضرت اميرالمومنين جا اينترا فضائل ۽ مناقب بيان فرمايا آهن جو ڪنهن به خطبي ۾ نه ملندا.

---

‡ عيون الاخبار ابن قتيبہ.

† ڪتاب سليم بن قيس.

پاڻ سڀني بني هاشمين کي گڏ ڪيو. مردن عورتن ۽ انهن جي غلامن دوستن کي پيغمبر جي اصحابن کي انهن تابعين ۽ انصارن کي جن جي دينداري مشهور هئي، جن جو تعداد ستن سون کان زياده هو ۽ تابعين جو تعداد ٻن سون جي قريب هو جڏهن سڀ گڏ ٿيا ته پاڻ اٿي بيهي تقرير فرمايائون.

حمد ۽ ثنا الهي کان بعد فرمايائون، هي سرڪش (معاويه) هن اسان ۽ اسانجي شيعن سان جو سلوڪ ڪيو آهي توهان ڏٺو ڄاتو ۽ اکين سان مشاهدو ڪيو. مان چاهيان ٿو ته اوهان کان هڪ ڳالهه پڇان جيڪڏهن آءٌ سچ چوان ته تصديق ڪجو ۽ جيڪڏهن ڪوڙ چوان ته انڪار ڪجو. خدا ۽ رسول جو جيڪو حق توهان تي آهي ان جو واسطو ۽ پنهنجي قرابت جا مون کي پيغمبر سان آهي چوان ٿو ته اوهان منهنجي هن اٿي بيهڻ کي مخفي نه رکجو ۽ جيڪي آءٌ چئي رهيو آهيان ان کي پنهنجي شهرن ۾ پنهنجي قبيلن ۾ انهن ماڻهن سان جن تي اوهان کي ڀروسو هجي بيان ڪجو ۽ سڀني کي دعوت ڏجو، منهنجي گفتگو ٻڌو، منهنجون ڳالهيون لکو، پوءِ پنهنجي شهرن ۽ قبيلن جي طرف اپس وڃي انهن مان جن تي اوهان کي ڀروسو هجي انهن کي اسانجي حق جي دعوت ڏيو، جنهن کي نه ڄاڻندا هجو، مون کي خوف آهي ته هي معاملو

برباد نہ ٿي وڃي، حق زائل ۽ باطل غالب نہ اچي وڃي خداوند عالم پنهنجي نور کي درجي ڪمال تي پهچائڻ وارو آهي ڇاهي ڪافرن کي ناگوار ٿي ڇو نہ لڳي.

راوي سليم چوي ٿو تہ خداوند عالم اهلبيت جي شان ۾ جيتريون آيتون نازل فرمايون آهن پنهنجي تقدير ۾ آهي سڀ بيان فرمايون هرهڪ جو تفسير بيان ڪيائون اهڙي طرح حضرت سرور ڪائنات، سندن والد ماجد، ۽ پاڻ سندن مادر گرامي ۽ خود سندن لاءِ ۽ سندن اهلبيت لاءِ جي حديثون ارشاد فرمايون هيون اهي سڀ حديثون بہ پاڻ بيان ڪيائون. منبر ۾ جيترا اصحابي موجود هئا اهي هرهڪ آيت ۽ حديث تي چوندا ٿي رهيا تہ بيشڪ بيشڪ سان خود ٻڌو آهي ۽ اسان شاهد آهيون ۾ جيڪي تابع هئا انهن چيو ٿي تہ بيشڪ ان حديث کي فلاڻي اصحابي کان ٻڌو آهي جنهن جي سچائي لاءِ اسان اڳ ۾ اطمينان ڪيو آهي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ آءٌ اوهان کي قسم خدا جو ڏيان ٿو تہ اڄ جي گفتگو سنهنجي تقدير ۽ حاضرين جي تصديق) انهن سان بيان ڪجو جنهن جي دين تي اوهان کي ڀروسو هجي. پاڻ هيئين طرح تقرير فرمايائون تہ اوهان کي خدا جو قسم ڏئي پڇان ٿو تہ توهان کي

معلوم آهي علي بن ابي طالب رسول جو ڀاءُ هو * جڏهن
رسول پنهنجي اصحابن جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪيو تہ
ان وقت پنهنجي ۽ علي جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪيائون
۽ ارشاد فرمايائون تہ يا علي. تون منهنجو ڀاءُ آهين ۽ آءٌ
تنهنجو ڀاءُ آهيان دنيا ۽ آخرت ٻنهي ۾ سڀني مجموعي چيو
بيشڪ اسان کي خبر آهي اهو سچ آهي. وري فرمايائون
تہ اوهان کي معلوم آهي جو رسول مسجد † ۽ پنهنجي
حجري ٺاهڻ لاءِ زمين خريد ڪئي جنهن تي مسجد ۾ ڏهہ
ڪمرا ٺاهيا- نو پنهنجي ٻيبين لاءِ ۽ هڪ وچ وارو سنهنجي
والد ماجد لاءِ- ان کان بعد پيغمبر هيئن ڪيو جو جن
ماڻهن جي جاين جا دروازا مسجد جي طرف کلندڙ هئا
سڀ بند ڪرائي ڇڏيا صرف علي جو دروازو کليل رکيو-
ان تي هڪ ‡ صاحب پيغمبر کي گهٽو چيو مگر پيغمبر
جواب ڏنو تہ مان پنهنجي مرضيءَ سان توهان ماڻهن جا
دروازا بند ۽ علي جو دروازو کليل نہ رکيو آهي بلڪ
خدا وند عالم مون کي حڪم ڏنو آهي تہ سڀني جا دروازا
بند ڪيان فقط علي جو دروازو کليو رکان- پوءِ پيغمبر

---

* ڀائيچاري واري حديث (بخاري- صواعق محرقہ)

† مسجد طرف ٻين جا در دريون ۽ جارا بند ڪرڻ جو
حڪم سواءِ عليءَ جي (بخاري- صواعق)

‡ خليفي عمر اهو اعتراض ورتو هو.

منع ڪرائي ته ڪوئي مسجد ۾ نه سمهي سواءِ عليءَ جي ان جو گهر رسول جي گهر ۾ پيغمبر جي اولاد نواسا پيدا ٿيا. حاظرينن چيو بيشڪ اوهان صحيح فرمايو ٿا. ڀاڻ فرمايائون هيءَ به چاو ٿا ته عمر بن خطاب ڪي وڏي ڪوشش ڪئي ته اک جي مقدار جيترو ئي سوراخ مسجد جي طرف کولڻ جي اجزت ملي مگر رسول ان ڪان به صاف انڪار ڪيو ۽ فرمايائون ته مون ڪي خدا حڪم ڪيو آهي ته ڀاڪ ۽ صاف مسجد بڻايان جنهن ۾ سوائي منهنجي ڀاءُ ۽ ان جي ٻچن جي ڪوئي نه رهي سگهي- ماڻهن چيو ته بيشڪ توهان صحيح فرمايو ٿا.

* وري ڀاڻ فرمايائون اوهان ڪي خدا جو قسم آهي ته اهو اوهان ڪي معلوم آهي ته پيغمبر غديرخم جي موقع تي پنهنجي ڀاءُ عليءَ ڪي ڀاڻ سان گڏ بيهاري ان جي ولايت جو اعلان فرمايو ۽ انهن حاضرينن ڪي تاڪيد ڪيو ته هي حڪم حاضر غير حاضر ڪي پهچائين- سڀني تصديق ڪئي ته اسان چاڻون ٿا ته صحيح آهي.

تقرير فرمائيندي. حضرت امام حسين حاضرينن ڏانهن مخاطب تي فرمايو ته اوهان ڪي معلوم آهي ته جنگ تبوڪ † جي موقع تي حضرت پيغمبر عليءَ ڪي چيو ته

---

* من ڪنت مولا فهذا علي مولا الخ.

† يا عليءَ انت مني بمنزلت هارون من موسيٰ و نبي بعدي (بخاري صواعق)

توکي مون سان اها منزلت حاصل آهي جيڪا هارون کي
موسيٰ سان هئي ۽ تون مون کان بعد هر مومن جو ولي
آهين ۽ سيني چيو ته بيشڪ اسان کي معلوم آهي.
پاڻ فرمايائون ته اوهان کي خدا جو قسم وجهي پڇان
ٿو ته اوهان کي هي به معلوم آهي ته جڏهن * رسول
نجران جي نصارن کي مباهلي جي دعوت ڏني ته پيغمبر
ان موقع تي صرف علي ۽ ان جي زوجه جناب فاطمه ۽
بنهي فرزندن، امام حسن ۽ حسين کي وٺي ويو. سيني
چيو اسان ڄاڻون ٿا. پاڻ فرمايائون ڀلا هي به صحيح آهي
۽ معلوم اٿو ته جنگ خيبر * جي ڏينهن فوج جو علم
پيغمبر علي کي ڏي ڏنو ۽ پاڻ ان کان اڳ ۾ فرمائي
چڪا هئا جو آءٌ لشڪر جو علم سڀاڻي اهڙي مرد کي
ڏيندس جنهن کي خدا ۽ رسول دوست رکن ٿا ۽ هو به
خدا ۽ رسول کي دوست رکندو آهي. وڏي وڏي حملي
ڪرڻ وارو آهي ڀڄڻ وارو نه آهي خدا ان جي هٿ تي
خيبر جي فتح عنايت ڪندو ه سيني چيو بيشڪ اسان
ڄاڻون ٿا. وري فرمايائون ته:

* قل ندع ابناءنا الخ آيته مباهلي ۾ فقط پنجتن پاڪ ويا
هئا (صواعق محرقه)

* دفعها الي رجل يحبه الله ورسوله- كرار غير فرار يفتح الله
علي يديه (حواله)

توھانکي معلوم آھي پيغمبر † اميرالمومنين کي سورة برائت ڏئي موڪليو ھو ۽ روانه ڪرڻ وقت فرمايو ھو ته خدا جو پيغام پھچائڻ جو ڪم آءٌ ڪريان يا اھو جو مون منجھان ھجي. ماڻھن تصديق ڪئي. حضرت حسين حاضرين کي خطاب ڪندي فرمايو ته خدا کي خاطر ڄاڻي ٻڌايو ته اھا به خبر اٿو ته رسول تي جڏھن به ڪو سخت وقت پيو ته پاڻ علي کي ئي قابل اعتبار سمجھي اڳي وڌايو ۽ پاڻ علي کي ڪڏھن به ان جو نالو وٺي نه پڪاريو بلڪ اي منھنجا ڀاءُ چئي پڪاريو ۽ چيو ته منھنجي ڀاءُ کي سڏيو. ماڻھن چيو بيشڪ صحيح آھي. ان بعد فرمايائون ته ھي به معلوم اٿو ته پيغمبر علي جعفر ۽ زيد جي وچ ۾ فيصلو فرمايو ھو ۽ چيو ھو ته اي علي تون مون مان آھين ۽ آءٌ تو مان آھيان ۽ مون کان پوءِ تون ھر مومن جو ولي آھين ماڻھن چيو بيشڪ اسان ڄاڻون ٿا. پاڻ فرمايائون ھي به ڄاڻو ٿا ته حضرت علي سان سڀ ڪنھن ڏينھن پيغمبر خدا اڪيلائي ۾ مشورا فرمائيندو ھو ۽ ھر رات پيغمبر جي خدمت ۾ گذاريندو ھو ۽ جڏھن علي رسول کان ڪا ڳالھه پڇندو ھو ته پيغمبر يڪدم جواب ڏيندا ھئا ۽ جڏھن علي خاموش رھندو ھو ته پيغمبر خود گفتگو جي شروعات ڪندو ھو ماڻھن چيو برابر اھو

---

† ول رسول - ه بلغ اني اه انا جل مني (بخاري)

صحيح آهي. وري فرمايائون ته هيءَ به خبر اٿو ته
پيغمبر علي کي جعفر ۽ حمزه تي فضيلت ڏني هئي.
ٻئين جو پاڻ جناب ؏ فاطمه کي فرمايو هئائون ته مان
پنهنجي گهر جي بهترين فرد سان توکي شادي ڪرائي
آهي. جيڪو سڀ کان پهرين اسلام آڻيندڙ، سڀ کان
زياده حليم ۽ بردبار ۽ سڀ کان وڌيڪ عالم آهي.
حاضرين تصديق ڪئي برابر صحيح آهي. پاڻ فرمايائون
ته هي به ڄاڻو ٿا ته پيغمبر ارشاد فرمايو هو ته آءٌ
تمام بني آدم جو سردار آهيان ۽ منهنجو ڀاءُ علي سڄي
عرب جو سردار آهي ۽ فاطمه عورتن جي سردار آهي
۽ حسن حسين بهشت جي جوانن جا سردار آهن. ماڻهن
چيو بيشڪ ڄاڻون ٿا امام حسين آخر ۾ حاضرين
ڏانهن مخاطب ٿي فرمايو ته اوهان کي خبر آهي. ته
رسالت مآب پنهنجي آخرين خليفي خطبي ۾ فرمايو هو ته آءٌ
* اوهان ۾ ٻه وڏي مرتبي واريون شيون ڇڏي وڃان
ٿو انهن ٻنهي کي مضبوط جهلي رکو جيڪڏهن ائين
ڪندئو ته ڪڏهن گمراه نه ٿيندئو. ماڻهن چيو بيشڪ
اسان کي معلوم آهي. آخر ۾ پاڻ ماڻهن کي قسم ڏئي
پڇائون ته ڏهن پيغمبرن کان پڇڙو آهــي يا نــه. ته

* حاشيه صفحه ٧

آن † حضرت فرمايو ته جو شخص ھي دعوا ڪري ته ھو مونکي دوست رکي ٿو باوجوديڪ اھو علي کي دشمن رکندو ھجي ته اھو شخص ڪوڙو آھي. علي کي دشمن رکي مون سان محبت ٿو رکي سگھي ھڪ شخص چيو ته يا رسول الله اھو ڪيئن ته ھاڻ فرمايائون الھيءَ ڪري جو علي مون مان آھي ۽ آءٌ علي مان آھيان جيڪر علي کي دوست رکندا ته اھو مونکي به دوست رکندو ۽ جو علي کي دشمن رکندو اھو مونکي دشمن رکندو ۽ جنھن مونکي دشمن رکيو ان خدا کي دشمن رکيو. سڀني حاضرين چيو ته بيشڪ اسان اھا حديث ٻڌي آھي. ان ڪانپوءِ اھو مجموعو منتشر ٿي ويو.

برسات * جي طلب جي موقع تي سندن خطبه

ڪوفي جي ماڻھن حضرت اميرالمومنين جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڏڪر جي شڪايت ڪئي ۽ عرض ڪيائون ته بارش لاءِ دعا فرمايو اميرالمومنين امام حسين کي فرمايو ته اٿي باران رحمت لاءِ دعا گھرو. ھاڻ اٿيا حمد ثنا ذوالجلال رحمت العالمين تي درود چئي دعا گھريائون. اي معبود برحق تون ڀلايون بخشڻ وارو ۽ برڪتون نازل ڪرڻ وارو آھين اسان تي آسمان کان

† بحارالانوار جلد ١٠
* تحف العقول

پاڻي موڪل ۽ لڳو لڳ بارش سان اسان جي پياس لاهه.
اهڙي ڪلي بارش ٿئي جو زمين کي سرسبز بڻائي ۽ رستن
۽ ميدانن کي پري چڙهي. ان سان تون پنهنجي بندن
جون ڪمزوريون دفع ڪر ۽ مئلن زمين کي زنده فرماءِ.
آمين اي پروردگار عالمين.

سندن * ارشاد امربالمعروف ۽ نهي عن المنڪر جي متعلق.

اي انسانو! خداوند عالمين علماء يهود جي مذمت
فرمائي خاصان خدا کي جا نصيحت فرمائي آهي ان
مان سبق وٺو جيئن جو علمائي يهود جي متعلق هڪ
جاءِ تي ارشاد آهي- (الله † وارا ۽ عالماءَ) ڪوڙ ڳالهائڻ
۽ حرام خوري کان انهن کي ڇو نٿا روڪين." ٻيءَ
جاءِ تي ارشاد آهي. "بني اسرائيلن ‡ مان جي ڪافر هئا
تهن تي دائود ۽ عيسيٰ بن مريم جي زباني لعنت
ڪئي وئي." انهيءَ سبب کان جو انهن نافرماني

---

* يقول انه من زعم انه يحبني و يبغض عليا فقد كذب ليس يحبني و يبغض عليا الخ (حديث)

† لولا ينهاهم الربانيون و الاحبار (قرآن پ ٦ ص المائده)

‡ لعن الذين كفروا من بني اسرائيل الخ (قرآن پ ٦ ص المائده)

ڪئي ۽ هر معاملي ۾ حد کان وڌي ويا. ڪنهن بري ڪم کان باز نه ايندا هئا. ڪيترا برا انهن جا افعال هئا خداوند عالم علماء يهود جي مذمت ڇا لاءِ ڪئي انهي ڪري جو اهي علماءَ ماڻهن کي بيهودگي ۽ فتنه فساد جا ڪم ڪندا ڏسندا هئا مگر انهن کي روڪيندا هئا، ڇربون ته ان لالچ کان جي فائدا انهن وٽان حاصل ڪندا هئا يا انهن جي خوف کان. حالانڪ خداوند عالم فرمايو آهي.

ماڻهن کان * نه ڊڄو بلڪ مونکان ڊڄو ”وري بيءِ تي رشاد آهي“ مومنين † ۽ مومنات هڪ ٻئي جا دوست آهن چڱين ڳالهين جو حڪم ڏين ٿا ۽ برين ڳالهين کان روڪين ٿا. ان آيت ۾ خداند عالم ٻنهي فرض مومن لاءِ امر بالمعروف ۽ نهي عن المنڪر مقرر فرمايو آهي. ڇو لاءِ جو خداوند عالم چاهي ٿو ته جيڪڏهن هي فريضو ادا ٿيو ۽ ان حڪم جي پابندي ڪئي وئي ته سڀني فرضن سخت يا آسان جي خود بخود بجاآوري ٿي ويندي ۽ هي امر بالمعروف و نهي عن المنڪر حقيقت ۾ اسلام جي طرف سڏڻ ۽ ان

---

* فلا تخشوا الناس واخشون (قرآن پ ٦ ص المائده)

† المومنون و المومنات بعضهم اولياء بعض الخ (قرآن پ ١٠ ص توبه)

ساڻ ظلم جو رد ڪرڻ ۽ ظلم جي مخالفت ڪرڻ. ڍل ۽ مال غنيمت جي تقسيم. زڪواة مٿان ملڻ گهرجي اتان وصول ڪرڻ ۽ جتي ڏيڻ گهرجي اتي پهچائڻ به آهي.

اي جماعت! وارو اوهان جي جماعت علم جي ڪري مشهور آهي- ۽ نيڪنامي سان ياد ڪئي وڃي ٿي ۽ خير خواهي سان ان جي مشهوري آهي ۽ خدا جي سبب ڪان ماڻهن جي دلين ۾ اوهانجي هيبت آهي توهان ڪان شريف ڊڄي ٿو. ضعيف توهان جي عزت ڪري ٿو ۽ اهڙا شخص به جن تي اوهانکي مٿاهين حاصل نه آهي ۽ نه انهن تي توهانجو ڪو احسان آهي مگر اهي به اوهانکي پنهنجي مٿان مقدم سمجهن ٿا. حاجتمند جڏهن پنهنجي حاجتن حاصل ڪرڻ ۾ ناڪام ٿين ٿا ته اوهان جي سفارش سان انهن جي حاجت روائي ٿي. توهان شاهاڻي انداز ۽ وڏي بزرگن جي روب وانگر رستي مان گذرو ٿا. هي سڀ ڳالهيون اوهان انهيءَ ڪري حاصل ڪوله ڪيون جو توهان ڪان خدا جي حقن جي ادائگي جون اميدون ڳنڍيل هيون حالانڪ توهان گهڻو ڪري حق خدا جي پوراڻي ڪان قصر رهيا آهيو. توهان امامن جي حقن کي بي وزن سمجهي ڪمزورن جي حقن کي اوهان ضايع ڪيو ۽ پنهنجي دل گهرين حقن جا طلبگار رهيو. نه ته اوهان

ڪو سال خرچ ڪيو ۽ نہ جان کي خطري ۾ وڌو ان هي
خاطر جنهن اوهان کي پيدا ڪيو ۽ نہ اوهان الله جي
خاطر ڪنهن قوم سان دشمني رکي- پوءِ بہ توهان خدا
کان ان جي جنت ۽ ان جي رسولن جي همسائگي ۽ ان
جي عذاب ڪان امان جي تمنا ڪيو ٿا- مگر اي خدا کان
تمنا ڪرڻ وارئو مان ڊڄان ٿو تہ خـدا جي عذابن مان
ڪو عذاب نہ اوهان جي مٿان اچي وڃي ڇا لاءِ جو خدا
جي مهرباني جي سبب ڪان توهان اهڙي منزلت تي پهچي
چڪا آهيو جو سڀ تي اوهانکي فوقيت حاصل ٿي- الله
جي معرفت رکڻ واري انسان جي توهان عزت نٿا ڪريو
حالانڪ خدا جي ٻانهن ۾ خدا پرستي جي سبب اوهان جي
عزت ڪئي وڃي ٿي- توهان خدائي عهد پيمان ڀڃندا ڏسو ٿا
مگر توهان کي ان ڪان ڪا گهٻراهٽ ڪانہ ٿي ٿئي-
حالانڪ اوهان کي پنهنجي پيءُ ڏاڏي جي بعضي عهد ناسن ٽوڙي
ڇڏڻ تي وڏي بي چيني ٿي وڃي ٿي- پيغمبر خدا سان
جي انجام ۽ اقرار ٿيا هئا اهي توڙيا وڃن ٿا ۽ انڌا گونگا
۽ پنگلابي و سيلي حالت ۾ ڇڏيا وڃن ٿا توهان انهن تي
رحم نٿا ڪريو ۽ پنهنجي شان موافق انهن جي مدد نٿا
ڪريو ۽ ظالمن سان سٽيون سٽيون ڳالهون ڪري انهن
جي خطرن ڪان پاڻ کي بچايو ٿا- هي سڀ ڳالهيون اهي
هيون جن لاءِ اوهان کي هدايتون ٿيون ۽ جن ڪان منع

ڪيو ويو هو ۽ اوهان انهن سڀني حڪمن کان غفلت
ڪيو ٿا- سڀ کان وڏي آفت اوهان ۾ هي آهي جو
علماءِ دين جا حق اوهان وٽ ضبط ٿي ويا- ڪاش اوهان
ڪوشش ڪريو ها جو ڪمن جو انتظام ۽ حڪمن جي
پورائي خدا پرست علماء ۾ ان جي شريعت جي محافظن
جي هٿ تي ڏيندي رهي- مگر اها ڳالهه اوهانکان ويندي
رهي فقط انهيءَ ڪري جو توهان حق کان جدا ٿي ويو
۽ کليل دليلن جي هوندي سنت نبوي ۾ اختلاف ڪرڻ
لڳئو ۽ جيڪڏهن سختي برداشت ڪريو ها ۽ راه خدا ۾
زحمت ڪٽڻ لاءِ تيار ٿيو ها ته الاهي حڪمن جو اجر اوهان
۾ قائم رهي ها- ۽ اوهان ان جو مرڪز هجو ها. مگر
اوهان ظالمن کي پنهنجي مٿان قابو ڏنو ۽ خدا جي حڪمن
کي انهن جي حوالي ڪري ڇڏيو جو هو شڪ سان عمل
ڪندڙ ۽ نفساني خواهشن جي واٽ ۾ قدم وڌائيندڙ
آهن- انهن کي هي موقع سلي ويو- موت کان توهانجي
ڀڄڻ ۽ ان زندگي جي پسنديدگي سان جا بهر حال
اوهانکان رخصت هجڻ واري آهي- ان جو نتيجو هيءُ ٿيو
جو اوهان ڪمزورن کي انهنجي قبضي ۾ ڏئي ڇڏيو- پوءِ
انهن مان ڪو جلاوطن ڪيل مغلوب ۽ مقصود آهي
۽ ڪوئي اهڙو آهي جنهن جي روزگار جي ذريعي تي
ٻين جو قبضو آهي- هو پنهنجي ذاتي راءِ سان جو چاهن

ڪن ٿا ۽ پنھنجي خواھش نفساني سان بدنام ڪندڙ ڪم ڪن ٿا- شيرين جھڙيون ڳالھيون ڪندڙ ۽ خداء زبردست جي مقابلي ۾ جرئت ۽ ليئاٽپ ڪان ڪم وٺن ٿا ۽ ھر شھر جي منبر تي انھن جا واتوڙي چڙھيل آھن- انھن جي سبب ڪان زمين شرارتگاھ بڻجي وئي آھي ۽ انھن جون دراز دستيون جاري آھن ۽ ماڻھن انھن جا غلام پٽيل آھن ظلم جي ھٿ ڪي ھو ھٽائي نٿا سگھن- ھڪ طرف ڪوئي حاڪم آھي جو سرڪشي ڏيکاري ٿو ٻئي طرف ڪوئي طاقت ور آھي جو ڪمزورن تي ظلم ڪري ٿو دنيا ان جي اڳيان اطاعت ۾ سرنگون آھي ۽ ان کي پنھنجي خالق جو جيڪو وري جزا ۽ سزا لاءِ مرڻ ڪان بعد زنده ڪندو ڪڏھين خيال بہ نٿو ٿئي- تعجب آھي ۽ حقيقت ۾ تعجب ڏي ڪھڙو آھي ان اھل زمانہ ڪان ڪھڙا ڪھڙا ظلم ڪن ٿا ۽ خدا جي بندن تي ڪھڙيون نہ سختيون ڪن ٿا- مسلمانن جا حاڪم آھن مگر انھن تي ھرگز رحم نٿاڪن بس اللہ ئي فيصلي ڪرڻ وارو آھي انھيءَ جھڳڙي ۾ انھن ۽ اسان جي وچ تي•

خداوندا تون ڄاڻين ٿو تہ جيڪي اسان ڪيو اھو بادشاھي جي ھوس ۽ مال دنيا جي طلب لاءِ نہ ھو بلڪ صرف انھيءَ لاءِ تہ تنھنجي دين جا نشان ظاھر ھجن ۽ تنھنجي شھرن جو اصلاح ٿئي ۽ تنھنجي مظلوم بندن کي

اسن ۽ اطمينان نصيب ٿئي ۽ تنهنجي واجب ۽ سنت حڪمن تي عمل ٿئي. اي مسلمانو ياد رکو جيڪڏهن اسان جو ساٿ نه ڏيندؤ ۽ اسانجو حق ادا نه ڪندؤ ته ظالمن کي توهانتي قابو حاصل ٿي ويندو ۽ اهي توهانجي پيغمبر جي چراغ کي خاموش ڪرڻ جو ڪم ڪندا ۽ هونئن ته اسان لاءِ الله ڪافي آهي ۽ ان تي اسانجو ڀروسو آهي انهيءَ جي طرف لو لڳايون ٿا ۽ ان جي طرف وڃڻو آهي.

١ حضرت عمر بن خطاب سان سندن گفتگو

حضرت عمر منبر رسول تي پنهنجي خطبو پڙهندي هڪ جملو هي چيو ته مان مومنن جو مالڪ ۽ مولا آهيان ته پاڻ مسجد جي هڪ ڪنڊ کان پڪاري چيائون. اي ڪوڙا منهنجي پيءُ جي منبر تان لهي اچ هي تنهنجي پيءُ جو منبر نه آهي عمر چيو حسنين مونکي جان جو قسم آهي ته بيشڪ هي تنهنجي پيءُ جو منبر آهي مگر هي توکي ڪنهن سيکاريو آهي ڇا تنهنجي والد عليءَ هي ڳالهه سيکاري آهي. پاڻ جواب ڏنائون ته جيڪڏهين ٿين به هجي جو مان پنهنجي والد جي حڪم جي تعميل ڪئي هجي ته مونکي پنهنجي زندگي جو قسم هو هدايت ڪرڻ وارو آهي ۽ آءٌ ان کان هدايت پائڻ وارو آهيان ۽ ان

١ـ تاريخ ڪبير

جي بيعت جو ڳٽ ماڻهن جي گردنن ۾ زمانہ ١ رسول
کان پيل آهي- جنهن کي جبريل خدا وٽان کڻي آيو هو-
ان بيعت کان انڪار اهڙني ڪري سگهي ٿو جيڪو
ڪتاب خدا کان منڪر هجي- ماڻهو بيعت جو دل ۾ ته
يقين رکن ٿا مگر زبان سان انڪاري آهن- اسان اهلبيتن
جي حق کان جيڪو انڪاري ٿيندو ان لاءِ جهنم جو
عذاب آهي- قيامت جي ڏينهن پيغمبر انهن سان ڪهڙي
طرح ملاقات ڪندو- "گهڻي غضب ۽ سخت عذاب سان"

حضرت عمر ٢ چيو اي حسين تنهنجي والد جي حق
کان جيڪو به انڪار ڪري ان تي خدا جي لعنت هجي
(اسان ڇا ڪريون) اسان کي ماڻهن امير بڻايو مجبورا
اسان امير بڻياسون- جيڪڏهن ماڻهن توهان جي
والد کي بڻائن ها ته يقينا اسان ان جي اطاعت
ڪريون ها. پاڻ فرمايائون اي خطاب جا پٽ
توهان کي امير بڻايو ڪنهن- سڀ کان پهريان ته

---

١ غم غديد جو موقع تي رسول الله جو من ڪنت
مولا فهذا علي مولا فرمائڻ بعد اول حضرت عمر ۽ بعد
پين اصحابن جو اميرالمومنين جي بيعت ڪرڻ ۽
مبارڪ ڏيڻ.

٢- ابن عساڪر صاحبان فڪر لاءِ غور طلب.

تو ٿي ابوبڪر کي امير بڻايو ته جڏهن هو پنهنجي جاءِ خالي ڪري ته توکي امير مقرر ڪري وڃي. ان ۾ نه ته پيغمبر جي طرف کان ڪا تائيد حاصل هئي ۽ نه آل محمد ان تي راضي هئا گويا توهانجي پسنديدگي پيغمبر جي پسنديدگي سمجهي وڃي ۽ خود عقيدت پيغمبر جي پسند پيغمبر جي ناپسنديدگي جو سبب ٿئي. خدا ڄاڻندڙ آهي ته جيڪڏهن (مسلمانن جون) زبانون حق چوڻ جي جرئت ڪن ها ۽ هو اهڙو عمل اختيار ڪن ها جو ايمان وارن جي لائق آهي ته توهان انهيءَ طرح آل رسول جا حاڪم نه بڻجو ها جو انهن جي منبر تي چڙهو ٿا ۽ انهن تي حڪومت ڪريو ٿا انهيءَ ڪتاب (قرآن) تي عمل جي دعويٰ سان اهلبيتن جي باري ۾ نازل ٿيو آهي ۽ توهان ان کان مطلق ناواقف آهيو ۽ ان جي تاويل جي ڪا ڄاڻ نه اٿو مگر جيترو آواز ڪنن تائين پهچي ٿو ان ۾ تميز نٿا ڪري سگهو ته ڪير غلط ڪار ۽ ڪير صحيح خيال رکڻ وارو آهي. خدا توهان کي اهوئي بدلو ڏئي جنهن جا اوهين مستحق آهيو. ۽ توهان جي حرڪتون ڪيون آهن انهن جي متعلق توهان کان مناسب باز پرس ڪري.

(ايستائين حضرت امام حسين جي گفتگو ختم ٿئي ٿي اڳتي هلي راوي هلندڙ معاملي بنسبت حضرت عمر ۽ اميرالمومنين علي ابن ابي طالب جي وچ ۾ ٿيل گفتگو بيان ڪئي آهي جا اسان جي هن ڪتاب جي موضوع کان

جدا آهي- جنهن کي ڏسڻو آهي ته اهو تاريخ ابن عساڪر يا احتجاج طبرسي جو مطالع ڪري.)

روانگيءِ عراق جي وقت سندن خطبه

سڀ تعريفون الله جي لاءِ آهن جو جو چاهي ٿو سو ٿئي ٿو- بغير ان جي ڪنهن ۾ قوت نه آهي- موت اولاد آدم سان ائين گلوگير آهي جيئن جوان عورت جي گلي ۾ گلوبند. نه پڇو ته مون کي پنهنجي اسلاف سان شامل ٿيڻ جو ڪيترو اشتياق آهي- ايترو ٿي جيترو حضرت يعقوب کي يوسف جي ملڻ جو اشتياق هيو- منهنجي لاءِ موت جي جاءِ مقرر ٿي چڪي آهي ۽ آءٌ اتي پهچي ويندس- آءٌ ڄڻ پنهنجي جسم کي ڏسي رهيو آهيان جو نواويس ۽ ڪربلا جي وچ ۾ جهنگل جا بگهڙ (يعني فوج شام و ڪوفه) ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهيا آهن- ۽ ان سان پنهنجي بکايل پيٽ ۽ خالي توشدانن کي ڀري رهيا آهن- قدرت جي قلم موت لاءِ جو ڏينهن لکيو آهي ان کان ڇوٽڪارو نه آهي- اسان اهلبيتن جي اها مرضي آهي جنهن ۾ الله جي رضا هجي اسان ان جي آزمايش تي صبر ڪندا آهيون ۽ هو اسان کي صابرن جو پورو پورو ٢ اجر عنايت ڪندو-

---

١- لهوف.

٢- ولنبلونکم بشيءٍ من الخوف الآية (قرآن پ ٢ ص بقرا)

رسول ص جا ڏوابدار ڪائونس علحده نه ڪيا ويندا بلڪ سيئي خطيره قدس ۾ جمع ڪيا ويندا جن کي ڏسي سندن اکيون ٺڏيون ٿينديون ۽ پيغمبر انهن سان ڪيل واعدا پورا ڪندو. ڏسو جيڪو اسان لاءِ جان ڏيڻ تي تيار ۽ ديدار الاهي لاءِ پنهنجي نفس کي آماده ڪري چڪو هجي اهو اسان سان گڏ هلي آءٌ سڀاڻي صبح انشاء الله روانو ٿي ويندس.

١ عراق روانه ٿيڻ وقت سندن گفتگو

حضرت امام حسين ابن عباس رضه جي طرف مخاطب ٿي ارشاد فرمايو ان قوم جي متعلق ڇا چوين ٿو جنهن پنهنجي نبي ص جي نواسي کي ان جي وطن ان جي گهر ۽ سندس ناني جي مزار کان نڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هجي ۽ ان کي خائف ۽ مصيبت زدر بنائي ڇڏيو - نه ته ڪنهن جاءِ تي ٽڪي سگهي ٿو ۽ نه ڪنهن پاسي ۾ پناهه وٺي سگهي ٿو - هو چاهين ٿا ته ان کي قتل ڪن ۽ خون وهائن حالانڪ نه ان ذري برابر شرڪ ڪيو آهي ۽ نه ڪنهن ناپسنديده ڪم جو مرتڪب ٿيو آهي ۽ نه ان کان ڪو گناه ٿيو آهي.

ابن عباس چيو اي فرزند رسول ص منهنجي جان اوهان تي فدا هجي جيڪڏهن ڪوفه جي طرف وڃڻ

١- ذڪرالحسين

ٿي ضروري آهي ته عورتن ۽ ٻارن کي ته ساڻ نه نيو. پاڻ فرمايائون اي ابن عباس پيغمبر ﷺ کي خواب ۾ ڏٺو اٿم پاڻ جو حڪم موڪلي ڏنو اٿن ان جي ابتڙ ٿو ڪري سگهان پاڻ موڪلي حڪم ڪيو اٿن ته جيڪي مون سان آهن انهن کي پاڻ سان نيان.

فرزوق شاعر سان سندن * گفتگو

فرزوق ڪاٿون پڇيو ته اي فرزند رسول ايتري تڪڙ اوهان ڇو فرمائي جو حج کي ڇڏي ڏنو. پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن مان تڪڙائي نه ڪريان ها ته گرفتار ڪيو وڃان ها پوءِ فرزوق کان ڪوفه جي ماڻهن متعلق پڇيائون فرزوق عرض ڪيو ته سڀني جون تراريون اوهانجي خلاف کڙيون آهن.

پاڻ فرمايائون ته فيصلو خدا جي ئي هٿ ۾ آهي هو جو چاهيندو آهي ڪندو آهي ۽ اسانجو پروردگار هر ڏينهن نت نئين شان وارو آهي. جيڪڏهن تقدير الاهي اسانجي خواهش مطابق هجي ته اسان خدا جي نعمتن تي ان جا شڪرگذار آهيون ۽ شڪرگذاري ۾ اهو ئي مددگار آهي ۽ جيڪڏهن تقدير اسانجي ۽ اسانجي خواهش جي وچ ۾ اچي وڃي ته جنهن جي نيت حق هجي ۽ ضمير تقوا تي اهو ڪڏهن نامراد نه سمجهي سگهبو - پوءِ موڪلائي جي سلام بعد ڪاٿون جدا ٿيا.

*- مڪه معظمه ۾ (مقتل العوالم)

سندن * خطبو مقام ذي حسم تي

جڏهن حر امام حسين ۽ سندس اصحابن کي ڪوفي
جي طرف وڃڻ يا مديني واپس وڃڻ کان روڪيو ته ان
وقت پهريون حمد الاهي فرمائي بعد ۾ ارشاد فرمايائون
اي حاضرين آءٌ خدا سان به ۽ اوهانکي به پنهنجو عذر
بيان ڪرڻ چاهيان ٿو. مان پاڻ هن طرف ڪونه آيو
آهيان- بلڪ ان وقت آيس جڏهن توهانجا خط آيا
۽ توهانجا قاصد اوهان جا پيغام کڻي پهتا ته جلد
تشريف آڻيو جو اسان امام کان سواءِ آهيون- اميد
هي جو اوهانجي اچڻ بعد خدا اوهانجي ذريعي اسانکي
هدايت ۽ راه حق تي متفق ڪري، هاڻي جيڪڏهن
توهان پنهنجي ڳالهين تي قائم آهيو [۽ منهنجي ضرورت
سمجهو ٿا] ته مان اچي ويو آهيان مون سان انجام اقرار
قول ۽ قرار ڪيو ته مونکي اطمينان رهي جيڪڏهن
توهان ائين ڪرڻ نٿا چاهيو ۽ منهنجو اچڻ اوهانکي نا پسند
آهي ته آءٌ جتان آيو آهيان ان طرف واپس وڃان.

سندس † ٻيو خطبو ساڳي مٿين جاءِ تي

جڏهن امام حسين حر ۽ ان جي فوج کي نماز
پڙهائي (بعد نماز) حمد ۽ ثنا الاهي بعد ارشاد

---

*- تاريخ ڪامل جلد ۴ †- تاريخ ڪامل جلد ۴

فرمايائون، اي لوگو جيڪڏهن توهان خدا کان ڊڄو ۽ حقدار جي حق کي سڃاڻو ته انهيءَ سبب کان خدا اوهان کان خوشنود ٿيندو. اسان اهلبيت محمد اوهان جي سرداري ۽ اميري جا زياده لائق آهيون بنسبت انهن ڪوڙن دعويدارن جي جيڪي اوهان سان ظلم ۽ ستم سان پيش اچن ٿا، ۽ جيڪڏهن اوهان اسانکي نا پسند ٿي ڪريو ٿا ۽ اسانجي حق نه سڃاڻڻ تي ئي اوهانکي اصرار آهي ۽ هاڻي توهانجي رائي توهانجي انهن خطن ۽ قاصدن جي خلاف آهي جيڪي اسانوٽ توهانجا پيغام کڻي آيا هئا ته آءٌ واپس موٽي ويندس.

منزل* رهيمه تي سندن ارشاد گرامي

ابو هرم جڏهن ڪائن دريافت ڪيو ته فرزند رسول صه ڏاڏا جي قبر کان ڪهڙي شيءِ اوهانکي جدا ڪيو ته پاڻ جواب ۾ فرمايائون اي ابو هرم بني امين منهنجي منزلت گهٽائي مان صبر کان ڪم ورتم. منهنجو مال ورتائون ان تي به صبر ڪيم مگر هاڻي منهنجي جان جي پويان پيا آهن. مان جان بچائڻ خاطر

---

*- مقتل ابن نما

نڪتو آهيان- خدا جو قسم هو مونکي قتل ڪري ڇڏيندا جنهن جي سزا ۾ خدا انهن کي اهڙي ذلت ڏيندو جا سڀني تي شامل هوندي ۽ ويندڙ قرار جو مزو چکائيندو ۽ انهن تي اهڙي کي مسلط ڪندو جو انهن کي خوب ذليل ڪندو ايترو جو اهي قوم ا *سباجي ذلت کان وڌي ويندا.

منزل* زبالہ تي سنڌن هڪ تقرير

جنهن ۾ پاڻ اهل ڪوفہ جي بيوفائي بيان ڪيائون.

پاڻ اٿي پهرين حمد ثنا الاهي بجا آڻي پيغمبر جو ذڪر ڪيائون ۽ ان تي درود موڪلي ارشاد فرمايائون تہ اي حاضرين مان اوهانکي پاڻ سان رهڻ ڏنو هو انهن ظاهري حالتن جي آزادي تہ عراق منهنجي تابع حڪم ٿيندو پر اٿي مونکي پنهنجي ڀاءُ مسلم ع جي متعلق هولناڪ خبر ملي آهي جا ثابت ٿي ڪري تہ اسانکي گهرائڻ وارن اسان سان بي وفائي ڪئي- ان ڪري اوهان مان جيڪو قرار جي راهہ نبري هو

---

*- منتخب الطريحي

زخم سهي سگهي اهو ته اسان سان رهي ورنه خدا تي وجي

مقام* بيضه تي سندن تقرير

حر ۽ سندن ساٿين ڏانهن خطاب

بعد حمد و ثنا الاهي فرمايائون - پيغمبر خدا ارشاد فرمايو آهي ته جو شخص اهڙي بادشاه کي ڏسي جو ظالم ۽ حلال خدا کي حرام ۽ حرام خدا کي حلال سمجهڻ وارو، الهام ۽ قول خدا کي ٽوڙيندڙ، سنت رسول جو مخالف ۽ خدا جي بندن سان ظلم ۽ زبردستي جو برتاءُ ڪندڙ هجي ۽ اهڙي بادشاه کي ڏسڻ بعد قول يا فعل سان ان جي مخالفت نه ڪري ته خداوند عالم تي فرض آهي جو ان بادشاه (ظالم) جي جيڪا جاءِ (يعني جهنم) آهي ساڳي جاءِ ان ماڻهو جي به مقرر فرمائي - ڏسو هي شخص (بني اميه) انهن شيطان جي اطاعت پنهنجي لاءِ لازم ڪئي آهي ۽ خدا جي اطاعت کان منحرف ٿي چڪا آهن - فساد پکيڙيو - خدائي حدون معطل ڪري ڇڏيون - بادشاهي خراج پنهنجو خاص مال مقرر

---

* تاريخ طبري

ڪيو - حرام خدا کي حلال ۽ حلال خدا کي حرام ڪيو آهي - آءٌ انهن جي خلاف آواز بلند ڪرڻ جو سڀ کان زياده حقدار آهيان - ڇالاءِ جو مونکي پيغمبر خدا سان قرابت جو شرف حاصل آهي - مون وٽ توهان جا خط پهتا ۽ توهان جا قاصد هي پيغام کڻي آيا ته اوهان منهنجي بيعت ڪئي آهي - ان ڳالهه ۾ جيڪڏهن وفادار ٿيندءِ ته فائدي ۾ رهندءِ - آءٌ حسين ع آهيان علي ءَ جو فرزند ۽ فاطمه ع بنت پيغمبر جو لال - منهنجي جان توهان جي جان سان آهي - منهنجا اهل و عيال اوهانجي اهل و عيال سان آهن - توهانکي هر حال ۾ منهنجو شريڪ حال رهڻون ٿيندو - ۽ جيڪڏهن توهان ائين نه ڪيو ۽ اگر جيڪي عهد العام ڪيا اٿو انهن کي ٽوڙي ڇڏيو ۽ منهنجي بيعت کان ڦري ويو ته هي اوهان کان ڪجهه پري نه آهي اهڙوئي سلوڪ توهان منهنجي والد - منهن جي ڀاءُ ۽ منهنجي سوٽ جي ابن مسلم بن عقيل سان ڪري چڪا آهيو - دوکو کائڻ وارو آهي جو توهان جي دوکي ۾ اچي - توهان منهنجي فائدي تي لت هڻين - پنهنجي نصيب کي ضايع ڪيو ۽ جنهن واعده العام پيڳا ان پاڻ کي ئي نقصان پهچايو ۽ عنقريب خدا توهان کان بي نياز ڪندو توهانتي سلام ۽ خدا جي برڪت هجي ۽

* دنيا جي ڦري وڃڻ جي متعلق سندن خطبو

حمد ۽ ثنا الاهي بعد پاڻ فرمايائون. اسان تي جا
مصيبت اچي ٿي آهي اُها توهان ڏسو ٿا. دنيا
ڦري ڪئي آهي ۽ ناموافق ٿي وئي. ان جي ڀلائي اسان کان
منهن ڦيريو. هاڻي ان مان ايترو وڃي بچي رهيو آهي
جيترو برتڻ ۾ بچي رهڻ وارا چند قطرا ۽ اهڙي ذليل
زندگي جيترو اڻ لائق هضم گاهه. توهان نٿا ڏسو حق
کي جو ان تي عمل نٿو ڪيو وڃي ۽ باطل کي جو
ان کان پرهيز نٿي ڪئي وڃي. مومن کي گهرجي جو
لقاءِ الاهي جي سچي رغبت ڪري. آءٌ تہ هاڻي موت
کي سعادت سمجهان ٿو ۽ ظالمن سان گڏجي رهڻ کي
جان جو جنجال ڄاڻان ٿو.

زمين † ڪربلا تي پهچڻ وقت سندن دعا

پاڻ پنهنجي فرزندن، ڀائرن ۽ سيني گهر وارن کي
جمع ڪري انهن تي نظر ڪري ٿوري دير رئاءِ ۽ پوءِ
فرمايائون. اي پروردگار اسين تنهن جي پيغمبر محمد مصطفيٰ
جي عترت آهيون. اسان ستايا ويا آهيون. وطن کان
جدا ۽ پنهن جي ناني جي روضي کان ٻاهر ڪڍيو ويو

* حلية الاولياء ابن نعيم جلد ۴ † ناسخ التواريخ.

آهي. اسان تي ٻني اهڙو زيادتي ڪئي. معبود اسان جا توکي حق جو واسطو آهي تون اسانجي دستگيري فرماءِ ۽ ڪافرن جي قوم جي مقابل اسانجي مدد ڪر.

سندن گفتگو اصحابن * سان جنهن ۾ پنهنجي شهادت ۽ وري دنيا ۾ اچڻ جو ذڪر آهي

امام حسين فرمايو ته پيغمبر خدا مونکي فرمايو آهي ته اي منهنجا فرزند تون عنقريب سر زمين ڪربلا عراق جي طرف ڇڪي آندو ويندين. عراق جي سر زمين اها سر زمين آهي جنهن ۾ انبياء ع ۽ اوصياء ع مصيبتن جو مقابلو ڪيو هو سر زمين کي عمودار به چوندا آهن ۽ انهيءَ سر زمين تي تون درجو شهادت تي فائز ٿيندين ۽ توسان تنهنجي اصحابن جي هڪ جماعت به شهيد ٿيندي. ترار جي تڪليف انهن کي محسوس نه ٿيندي ۽ انهيءَ موقع تي پيغمبر ع خدا جي آيت تلاوت فرمائي قول † يانار ڪوني بردا وسلاما علي ابراهيم. اهڙيءَ طرح جنگ انهن ماڻهن جي صلح ۽ سلامتي جي طرح طبيعتن تي سهل ۽ آسان معلوم ٿيندي. اي منهنجا رفيقو توهانکي خوشخبري هجي جيڪڏهن انهن ماڻهن. اسان

---

* الخرائج والجرائح

† قرآن پاره ١٧ سوره انبيا

کي قتل ڪري ڇڏيو ته ڪوڙي ڀرواهه اسان پنهنجي
نبي ص جي خدمت ۾ پهتي ويندا سون ۽ اتي آءٌ جيستائين
خدا گهرندو رهندس پوءِ سڀ کان پهريون زمين مان
ٻاهر ايندس ۽ اهڙي طرح زمين کان نڪرندس جو
منهنجو نڪرڻ امير المومنين جي ٻاهر اچڻ ۽ اسانجي
قائم ع جي قيام ۽ پيغمبر ص جي زندگي سان گڏو گڏ ٿيندو
۽ پوءِ آسمان کان اسان وٽ ملائڪن جو اهڙو وفد
خدا جي طرفان پهچندو جي انهيءَ کان اڳ ڪڏهن زمين
تي نه آيا هوندا ۽ جبرئيل ميڪائيل ۽ اسرافيل ۽ ٻين
ملائڪن جون فوجون اينديون.” بيان ڪندي فرمايائون“
اسانجي شيعن مان ڪوئي شيعو به اهڙو باقي نه رهندو
جنهن وٽ خدا هڪ فرشتو نه موڪليندو جو ان وٽ
اچي سندس چهري کان مٽي ڇنڊيندو ۽ جنت ۾
جيڪا ان جي جاءِ هوندي ۽ جيڪي ان جون زالون
هونديون کيس ڏيکاريندو ۽ روءِ زمين تي نه ته ڪو
انڌو رهندو ۽ نه مصيبت جو ماريل مگر خدا وند عالم
اسان اهلبيت جي صدقي ۾ سڀ جون مصيبتون ۽ بلائون
دور فرمائيندو ۽ آسمان کان زمين تي برڪت نازل
ٿيندي. ايستائين جو وڻ خدائي ارادي موجب ميون
گهڻائي جي بار کان ٽٽي پوندا گرمي موافق ۾ سياري
جا ميوا ۽ سياري ۾ گرمي جا ميوا کائيندا. جنهن جو

خداوند عالمين فرمايو آهي قول * ولو ان اهل الكتاب آمنوا واتقوالفتحنا عليهم بركات من السماء والارض ولكن كذبوا فاخذنا هم بما كانوا يكسبون - پوء خداوند عالم اسان هي شيعن کي وڏي عزت بخشيندو ۽ اهو هي جو زمين جي اندر جيتريون شيون آهن انهن جو علم کين عنايت فرمائيندو - ايتائين جو ڪوئي شخص پنهنجي گهر وارن جي اندروني حالات جو علم حاصل ڪرڻ گهرندو ته هو بنا تڪليف ان کي انهن ڳالهين جي خبر ڏيندو جي فقط ان کي معلوم ٿي سگهنديون هجن.

† بيعت ٽوڙڻ متعلق سندن ارشاد گرامي

اي لوگو- هي سمجهي ڇڏيو ته اوهان هي معلوم ڪري مونسان گڏ نڪتا هيوءَ ته مان اهڙن ماڻهن وٽ وڃي رهيو آهيان جن زبان ۽ دل سان منهنجي بيعت ڪئي آهي مگر هاڻي معلومات ڪجهه پيا آهن- منهنجي

---

* معنوي آيت- جيڪڏهن اهل ڪتاب ايمان آڻن ها ۽ تقوا اختيار ڪن ها ته اسان زمين ۽ آسمان جي برڪتن جا دروازا انهن تي کولي ڇڏيون ها پر انهن جي عملن جي سزا ۾ انهن کي پنهنجي گرفت ۾ ورتو (عذاب ڏنو) قرآن پاره ٥ سوره

†- ناسخ التواريخ جلد ٦

گهرائڻ وارن تي شيطان غلبو ڪيو ۽ يا خدا انهن کان پلائي ڇڏي - هاڻي انهن جو مقصد فقط هي آهي ته مونکي ۽ منهنجي ساٿي مجاهدن کي قتل ڪن ۽ منهنجي حرم کي لٽڻ بعد قيدي بڻائن - مونکي انديشو آهي ته اٿين نه ٿئي جو توهان بي خبر رهو ۽ شرم کان مونکي به ڪجهه چئي نه سگهو - فريب اسان اهلبيتن جي نزديڪ جائز نه آهي - انهيءَ ڪري جيڪو منهنجو ساٿ ڏيڻ پسند نٿو ڪري اهو هليو وڃي - رات پرده پوش آهي - رستو به اهڙو خطرناڪ نه آهي ۽ اڃان وقت به آهي ۽ جيڪو اسانتي منهنجي جان قربان ڪندو اهو اسان سان گڏ جنت ۾ هوندو خدا جي غضب کان ان کي نجات حاصل رهندي منهنجي نانا پيغمبر خدا ارشاد فرمايو آهي ته منهنجو فرزند حسين ميدان ڪربلا ۾ غريب بي يار و مددگار ۽ پياسو قتل ٿيندو جيڪو انجي نصرت ڪندو ان منهنجي ۽ حسين جي فرزند قائم عليه جي مدد ڪئي ۽ جيڪڏهن ڪو فقط زبان سان ئي مدد ڪندو ته اهو به قيامت جي ڏينهن اسانجي جماعت ۾ هوندو .

* سنڌن ارشاد گرامي

دنيا جي انقلاب ۽ زوال هجڻ جي بيان ۾

اي انسانو- سمجهو ته دنيا فنا ۽ زوال جو گهر آهي دنيا وارن کي هڪ حال کان ٻئي حال تي ڦيرائڻ گهيرائڻ واري آهي- اوهان اسلام جي دستور کان واقف آهيو- قرآن به اوهان پڙهيو آهي ۽ هي به ڄاڻون ٿا ته حضرت محمد مصطفيٰ شهنشاه حقيقي جو پيغمبر آهي- انهن سڀني ڳالهين جي باوجود توهان ان پيغمبر جي فرزند کي ظلم ۽ ايذا جي رستي قتل ڪرڻ لاءِ سنڀريا آهيو- ڇا هن فرات جي مهندڙ پاڻي کي لٽا ڏسو جو نانگ جي پيٽ وانگر چمڪي رهيو آهي اهو فرات جو پاڻي يهود- نصارا پي سگهن ٿا حتيٰ ڪه ڪتا ۽ سوئرن کي به روڪ ٽوڪ نه آهي ۽ فقط پيغمبر جي آل پياس کان مري رهي آهي.

† سنڌن گفتگو پنهنجي اصحابن سان جنهن ۾ حضرت قائم عليه آل محمد جي ظهور جون علامتون بيان آهن-

ڏسو- آءٌ ڄاڻان ٿو ته اسانکي انهن دشمنن سان هڪ نه هڪ ڏينهن وڙهڻو آهي- آءٌ اوهان کي اجازت ڏيان

---

* ناسخ التواريخ جلد ٢

† الخرائج و الجرائح

ٿو اوهان سيئي هليا وڃون آءٌ اوهان لاءِ اهو مباح ڪريان ٿو- اصحابن يڪزبان چيو خدا جي پناه جو اسان اوهانکي ڇڏي هليا وڃون- پاڻ فرمايائون ته حضرت قائم عليه (مهدي آخرزمان) جي ظهور جون چند علامتون خدا مومنن لاءِ رکيون آهن چنانچه ارشاد خداوند عالم آهي. * ولنبلونڪم- اسان اوهانکي آزمائيندا اسون يعني قائم جي خروج کان پهرين مومنين کي آزمائينداسون- بشيء من الخوف- ڪجهه خوف سان يعني شاهان بني عباس جي خوف سان ان جي سلطنت جي آخري ڏينهن ۾- والجوع- ۽ بک سان يعني اَن جي گراني سان- ونقص من الاموال- ۽ مال جي ڪمي يعني واپار گهٽ ۽ برڪت نه هجڻ سان- والانفس- ۽ جانين جي ڪمي سان يعني عام موت سان والثمرات- ۽ ڦلن جي ڪمي سان يعني پيداوار جي ڪمي سان وبشرالصابرين- صبر ڪرڻ وارن لاءِ خوشخبري آهي جو ان وقت تمام جلد ئي قائم عليه خروج فرمائيندو ۽ حڪومت اهل بيت محمد جي ٿيندي- ان ڪري اوهان هاڻي خاموش ويهو ۽ ان وقت تائين انتظار ڪريو جيستائين اهي ذڪر ڪيل علامتون ظاهر نه ٿين- هان جنهن وقت روم ۽ ترڪ قومون توهان تي حملو آور ٿين ۽ فوجن جي چڙهائي هجي ۽ توهانجو حڪمران جو مال کي گڏ

---

* قرآن پاره ٢ سوره بقر

ڪندڙ هو سري وڃي ۽ ان کان بعد هڪ سخت شخص جي حڪومت هجي ۽ اهو ٻن ورهن بعد معزول ٿي وڃي ته ان وقت سمجهو ته ان جي حڪومت تباهه ٿيڻ واري آهــــي.

سندن * تقرير پنهنجي اصحابن جي وفائي متعلق

اي خدا جي مدح ڪريان ٿو بهترين مدح ۽ خوشحالي ۽ بدحالي ٻنهي حالتن ۾ ان جو حمد ۽ شڪر بجا آڻيان ٿو پروردگارا تنهنجي حمد ۽ شڪر ڪريان ٿو جو تو اسان کي نبوت جي ذريعي عزت بخشي- اسان کي قرآن جي تعليم ڏني دين جي سمجهه عنايت ڪئي- اسان کي ڪن ٻڌندڙ- اکيون ڏسندڙ ۽ دل حق آگاه عنايت فرمائي- اسان کي پنهنجي شڪر گذارن ۾ ئي قرار ڏي- اي ڪنهن جي اصحابن کي نه ڄاڻان جي منهنجي اصحابن کان زياده بهتر وفادار هجن ۽ نه ڪنهن جا اهلبيت اهڙا ڏسڻ ۾ آيا جهڙا منهنجا اهلبيت نيڪوڪار ۽ صله رحم ڪرڻ وارا آهن- توهان کي خداوند عالم منهنجي طرف کان جزائي بهترين عنايت فرمائي- ڏسو مون کي يقين

---

* تاريخ طبري جلد ۴

آهي ته اسان کي انهن ماڻهن سان سخت مقابلو درپيش ايندو- ڏسو آئون اوهان کي اجازت ڏئي رهيو آهيان- توهان سڀ هليا وڃو- توهان جي لاءِ هليو وڃڻ جائز ۽ مباح آهي- منهنجي طرفان توهان تي ڪائي ذمي داري نه آهي- هي رات توهان کي پنهنجي پردي ۾ ڍڪيندي- ان رات کي گهوڙو ٺاهيو ۽ توهان سان هر شخص منهنجي اهلبيت مان هڪ هڪ جو هٿ پڪڙي ۽ توهان هن رات جي اونداهي ۾ پکڙي وڃون ۽ مون کي انهن ماڻهن سان اڪيلو ڇڏيو جو هي فقط منهنجا طلبگار آهن.

*سندن ارشاد پنهنجي اهلبيت ۽ لشڪر لاءِ

آءٌ پنهنجي بيعت جي ڳنڍ توهان جي ڳردن کان کوليان ٿو توهان پنهنجي قوم و قبيلي ۽ رشتيدارن سان وڃي ملو ۽ پنهنجي عزيزن کي فرمايائون ته آءٌ اوهان لاءِ مباح ڪريان ٿو ته مون کي ڇڏي هليا وڃو- توهان انهن دشمنن سان مقابلو نٿا ڪري سگهو انهن جو تعداد تمام زياده آهي انهن جي قوت به زياده آهي ۽ هي صرف مون کي گهرن ٿا تنهنڪري مون کي ۽ انهن ماڻهن کي

* تفسير العسڪري.

چڏي ڏيو خداوند عالم منهنجي مدد ڪندو ۽ پنهنجي سٺي نگاه مون کان نه هٽائيندو جيئن منهنجي وڏن پاڪن سان ان جو دستور رهيو آهي ان حڪم کان بعد گهڻا لشڪر وارا جدا ٿي ويا ليڪن سندن عزيز ۽ قريبي رشتہ دار انهن وڃڻ کان انڪار ڪيو. انهن چيو تہ اسان اوهان کان جدا نہ ٿينداسون جيڪي اوهان سان ٿئي انجي سهڻ لاءِ اسان بہ تيار آهيون ۽ جو دک، اوهان سهندو ان سهڻ لاءِ اڳ ۾ اسان تيار آهيون ۽ جا مصيبت اوهان تي اچي سا اسان تي پهرين چو نہ اچي- اسين اوهان سان گڏ رهي خدا جي وڏيڪ ويجهو رهي سگهنداسون- ان تي پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن توهان بہ پنهنجي نفس کي ان ڳالهہ تي آماده ڪيو آهي جنهن تي منهنجو نفس تيار آهي تہ پوءِ هيءَ ڄاڻون جو خداوند عالم پنهنجي بندن کي سٺا مرتبا ۽ درجا مصيبتن سهڻ ۾ صبر ڪرڻ تي عنايت فرمائيندو آهي ۽ الله سائين مون کي منهنجي انهن بزرگن جي شرڪت ۾ جن جو آءٌ آخرين فرد آهيان مصيبتن جي برداشت جي سبب هي عزتون عطا ڪيون آهن انهن خداوندي اعزازن ۾ اوهان جو بہ حصہ هوندو ۽ توهان کي معلوم هجڻ گهرجي تہ دنيا ۽ ان جو تلخ شيرين جو ڪجهہ آهو سڀ خواب ٿي خواب آهي ۽ ان خواب جي جاڳ آخرت ۾ ٿيندي- جيڪو آخرت ۾

ڪامياب ٿيو درحقيقت اهوئي ڪامياب آهي ۽ جيڪو آخرت ۾ بدبخت رهيو اهوئي اصل ۾ بدبخت آهي. اي منهنجا دوستو. منهنجي سيڻ وارو ۽ اسان جو دامن پڪڙڻ وارو ڇا مناسب نه آهي جو آءٌ اوهان سان پنهنجو ۽ اوهان جو ڀهريون شروعاتي حال بيان ڪريان تان جو توهان لاءِ انهن مصيبتن جي برداشت آسان ٿي وڃي جي اوهان کي درپيش اچڻيون آهن. سيئي چيو ها اي فرزند رسول صہ ضرور بيان فرمايو. پاڻ فرمايئون ته جڏهن خداوند عالم آدم علہ کي پيدا ڪيو ۽ ان کي استقامت بخشي ۽ ان کي سيئي شين جا نالا ٻڌايا ۽ ملائڪن جي روبرو پيش ڪيو ته حضرت محمد مصطفيٰ - علي ابن ابي طالب - سيده فاطمه علہ - حسن و حسين علہ پنج شڪليون پشت حضرت آدم علہ ۾ وديعت فرمايو ان وقت اها حالت هئي جو انهن جي نور کان آفاق روشن هيا. ڪل آسمان - سڀ زمينون پردا عرش ۽ ڪرسي ۽ سڀ بهشت انهن جي نور کان روشن ۽ منور هئا. ان کان بعد خداوند عالمين آدم علہ جي تعظيم خاطر ملائڪن کي آدم کي سجده ڪرڻ جو حڪم ڪيو. حضرت آدم علہ کي خداوند عالمين انهيءَ سبب کان اها فضيلت بخشي جو ان کي خزينه دار بڻايو هئائين انهن شڪلين جو جن جي نور کان تمام آفاق نوراني هو. سيئي سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي ان حضرت آدم جي

عظمت ۽ اسان اهلبيت جي انوار جي اڳيان سر جهڪائڻ کان انڪار ڪيو حالانڪ سڀني ملائڪن سر جهڪايو مگر شيطان پاڻ کي رفيع المنزلت سمجهيو ۽ پنهنجي ان انڪار ۽ تڪبر کان ڪافرن ۾ شمار ٿيو.

* سندن اهل عراق کي نصيحت فرمائڻ

تمام تعريفون سوهن ٿيون ان معبود برحق کي جنهن دنيا کي خلقيو ۽ پوءِ ان کي فنا ۽ زوال جو گهر ۽ پنهنجي رهڻ وارن کي هڪ حال پٺيان ٻئي حال ۾ آڻڻ وارو بڻايو. ٺڳيو اهو آهي جنهن کي دنيا ٺڳي ۽ بدبخت اهو آهي جنهن کي دنيا ڦاسائي. پوءِ هي توهانکي ٺڳي ۾ نه وجهي ڇالاءِ جو جيڪو ان تي ڀروسو ڪندو آهي ان جي اميدن کي هي منقطع ڪندي آهي ۽ جو هن جي لالچ ڪندو آهي ان کي محروم ڪندي آهي. مان ڏسان تو ته اوهان سڀني اهڙي ڳالهه تي ايڪو ڪيو آهي جنهن جي سبب کان خدا کي اوهان پنهنجي مٿان غضبناڪ بڻايو آهي ۽ ان پنهنجو رخ اوهان کان ڦيري ڇڏيو آهي ۽ توهان تي پنهنجو عذاب مسلط ڪري ڇڏيو آهي ۽ پنهنجي رحمت اوهان کان الڳ ڪري

---

*- تاريخ طبري ۽ ناسخ

ڇڏي آهي. بهترين پروردگار اسانجو پروردگار آهي
۽ بدترين ٻانها توهان آهيو. توهان اطاعت جو اقرار
ڪيو پيغمبر صہ خدا تي ايمان آندو ان ڪان بعد توهان
پيغمبر جي ذريت تي ٽٽي پيوءِ ۽ هجوم ڪري انکي
قتل ڪرڻ گهرو ٿا. توهان تي شيطان غالب اچي ويو
آهي ۽ توهان ڪان خدائي بزرگ ۽ عظيم جي ياد
ڀلائي اٿس. برٻادي هجي توهان کي ۽ ان مقصد
جي ۽ جنهن کي اوهان چاهيو ٿا. اسين خدا جي لاءِ
آهيون ۽ ان جي طرف موٽڻ وارا آهيون. * هي قدم
ايمان آڻڻ بعد ڪافر ٿي ويئي. هلاڪت هجي قوم
ظالمن کي.

شمر ملعون اڳي وڌيو ۽ چيائين ته اسانکي سمجهائي
ڇڏيو ته اسان چڱيءَ طرح سمجهون. امام ارشاد فرمايائون
ته آءٌ چوان ٿو ته اوهان پنهنجي پروردگار معبود برحق
کان ڊڄو ۽ مونکي قتل نه ڪريو ڇا لاءِ جو منهنجو
قتل توهان لاءِ ڪنهن به طرح جائز ٿي نٿو سگهي ۽ نه
منهنجي هتڪ حرمت توهان لاءِ مباح ٿي سگهي ٿي
ڇا لاءِ جو آءٌ توهانجي نبي جي دختر جو فرزند آهيان

---

*ـ هولاء قوم كفرو بعد ايمانهم فبعدا للقوم الظالمين
(پ ١٨ من المومنين)

۽ منهنجي ناني خديجہ عليہ آهي جا اوهانجي پيغمبر جي پٽي هئي ۽ توهان پيغمبر جو هي قول ٻڌو هوندو تہ حسن عليہ ۽ حسين عليہ سردار جوانان جنت آهن. پوءِ پاڻ بلند آواز سان پڪاري فرمايائون تہ اي اهل عراق منهنجي ڳالهہ ٻڌو جلد بازي کان ڪم نہ وٺو ايستائين جو آءٌ اوهانکي وعظ ۽ نصيحت ڪريان جو اوهانجو حق آهي مونتي ۽ پنهنجو عذر بيان ڪريان. جيڪڏهن اوهان مونسان انصاف ڪيو تہ اوهان ان سبب کان نيڪبخت ٿيندؤ ۽ جيڪڏهن انصاف نہ ڪيو تہ بہ گهٽ کان گهٽ ايترو ڪريو جو هڪٻئي سان مشورو ڪريو تہ جو اوهانجو معاملو اوهان لاءِ پيچيدو نہ رهي پوءِ پنهنجي فيصلي کان مونکي آگاهہ ڪريو ۽ هي ڳالهہ نظر انداز نہ ڪجو تہ منهنجو نگران اهو الله آهي جنهن ڪتاب نازل ڪيو ۽ اهوئي نيڪوڪارن جو سرپرست آهي.

* سعدن بشارت ڏيڻ پنهنجي اصحابن کي بهشت ۽ ان جي قصرن جي.

اي عزت وارؤ - هي جنت آهي جنهن جا دروازا کوليا ويا آهن. جنهن جو نهرون هڪ ٻئي سان مليل آهن

---

*- ناسخ (اسرار)

۽ ميوا پچڻ وارا آهن ۽ ان جهون ماڙهون سينگاريون
ويون آهن ۽ ان جا حور ۽ غلمان گڏ ڪيا ويا آهن هيءَ
حضرت سرور ڪائنات ۽ هو شهيد آهن جي راهه خدا
۾ قتل ڪيا ويا. هي سڀ توهانجي اچڻ جا منتظر آهن
۽ توهانکي خوش آمديد چوڻ لاءِ تيار آهن. توهان دين
خدا ۽ پيغمبر جي دين جي حمايت ڪريو ۽ حرم رسول
کان دشمنن کي ماري ڀڄايو.

* سندن تقرير اهل ڪوفه جي مقابله ۾ احتجاج

حمد وثنا الاهي بعد فرمايائون. اي اهل ڪوفه
منهنجي شهرت نسب تي نظر ڪري غور ڪريو جو آءٌ
ڪير آهيان پوءِ پنهنجي نفس کي ملامت ڪريو ۽
سوچيو ته منهنجو قتل ۽ منهنجي هتڪ حرمت مناسب
۽ توهان لاءِ جائز ٿي سگهي ٿي. ڇا آءٌ توهانجي نبي
جو نواسو ۽ علي پيغمبر خدا جي وصي ۽ سوٽ جو پٽ
نه آهيان جو خدا تي سڀ کان پهريان ايمان آڻڻ وارو
۽ پيغمبر ۽ خدا کان آندل ڳالهين جي تصديق ڪرڻ
وارو هو. ڇا حمزه سيد الشهدا منهنجو چاچو نه آهي.
ڇا جناب جعفر جو جنت ۾ ٻن پرن سان مٿو پرواز

---

*- تاريخ طبري جلد ۴

آهي منهنجيو چڱو نه هو- ڇا پيغمبر جو هي ارشاد توهان
تائين نه پهتو آهي جو منهنجي ۽ منهنجي ڀاءُ لاءِ
فرمايائون ته هي ٻئي سردار جوانان جنت آهن جيڪي
اهو چئي رهيو آهيان ان جي اڳهين تصديق ڪريو ٿا ۽
مان سچ ٿي چئي رهيو آهيان- خدا جو قسم اهو جڏهن کان
سن شعور کي پهتو آهيان ڪڏهين ڪوڙ نه چيو اٿم
خدا ڪوڙن کي سندن ڪوڙ سبب دشمن رکندو آهي
توهان ۾ اهڙا ماڻهو موجود آهن جي قول جي تصديق
ڪري سگهن- جهڙو جابر بن عبدالله انصاري کان- ابو سعيد
خدري کان- سهل بن سعد ساعدي کان- براء بن عازب
کان- زيد بن ارقم کان يا انس بن مالڪ کان پڇو ته توهانکي
ٻڌائيندا ته انهن انهيءَ ڪلام کي خود رسالتماب کان
ٻڌو جو منهنجي ۽ منهنجي ڀاءُ لاءِ فرمايائون ڇا انهيءَ
حديث ۾ اهڙي ڳالهه نه آهي جا توهانکي منهنجي خون
وهائڻ کان روڪي- جيڪڏهن اوهان ان ۾ شڪ ٿا ڪريو
ته ڇا ان ۾ به اوهانکي شڪ آهي ته مان دختر پيغمبر صه
جو فرزند آهيان- خدا جو قسم مشرق ۽ مغرب جي
وچ ۾ توهان ۾ ۽ توهان کان سواءِ ٻين ماڻهن ۾ مون کان
سواءِ ڪوئي نه آهي، جو دختر پيغمبر جو فرزند هجي-
افسوس آهي اوهان تي ڇا مان توهان جي ڪنهن شخص

كي قتل ڪيو آهي جنهن جي قصاص ۾ اوهان مونکي قتل ڪرڻ گهرو ٿا يا مان اوهان جو ڪو مالي نقصان ڪيو آهي يا مان اوهان کي ڪو زخم پهچايو آهي جو جنهن جو انتقام وٺڻ گهرو ٿا- ان تي سڀ خاموش رهيا ڪنهن نه ڳالهايو.

وري پاڻ پڪاري چيائون اي شيث بن ربعي اي حجاز ابن بحر اي قيس بن اشعث اي يزيد بن حارث جا اوهان مونکي نه لکيو هو ته ميوا پچڻ جي قريب آهن ۽ ميدان سر سبز ۽ شاداب ٿي رهيا آهن- انهن ماڻهن چيو اسان نه لکيو هو- پاڻ فرمايائون سبحان الله يقينا خدا جو قسم توهان ئي لکيو هو- وري پاڻ فرمايائون جيڪڏهن توهان مونکي ناپسند ڪريو ٿا ته مان هن زمين جي ڪنهن ٻئي حصي ۾ هليو وڃان قيس بن اشعث چيو اوهان جيڪي چئي رهيا آهيو اسانجي سمجهه ۾ نٿو اچي- پر اوهان پنهنجي چاچي جي اولاد (يزيد) جي بيعت ۽ تعميل حڪم ڪريو، جو اوهان لاءِ اها صورت سا هون آڻيندو جا اوهان کي وڻندڙ هوندي.

پاڻ فرمايائون نه خدا جو قسم نه آءٌ ذلت سان پنهنجو هٿ ان کي نه ڏيندس نه غلامن جهڙو اقرار ڪندس- خدا جا بندا آءٌ پنهنجي ۽ اوهان جي پروردگار جي پناهه گهران ٿو هر ان شخص کان جو متڪبر آهي ۽ روز حساب جو ايمان نٿو رکي.

*سنڌ ن تقرير

جا تلوار کي ٽيڪ ڏيئي فرمايائون-

آءٌ اوهان کي خدا جو قسم ڏئي پڇان ٿو ته اوهان مونکي سڃاڻو ٿا ته ماڻهن چيو ها توهان پيغمبر جا فرزند ۽ ان جا نواسا آهيو- پاڻ فرمايائون توهانکي خدا جو قسم توهان ڄاڻو ٿا نه ته منهنجي والده فاطمه عليها بنت پيغمبر هئي- ماڻهن چيو اسانکي خبر آهي- پاڻ فرمايائون توهانکي خدا جو قسم هي ٻه ڄاڻو ٿا ته منهنجو علي ع بن ابي طالب منهنجو والد بزرگوار آهي- ماڻهن چيو اسانکي خبر آهي. پاڻ فرمايائون توهان کي خدا جو قسم هي ٻه ڄاڻو ٿا ته منهنجي ناني خديجه بنت خويلد آهي جا هن امت ۾ سڀ کان پهريون اسلام آڻڻ واري خاتون آهي- ماڻهن چيو ها ڄاڻون ٿا- پاڻ فرمائون توهانکي خدا جو قسم هي ٻه ڄاڻون ٿا ته ته جناب جعفر طيار جيڪو جنت ۾ مٿو پرواز آهي منهنجو چاچو آهي- ماڻهن چيو ها ڄاڻون ٿا- وري پاڻ فرمايائون اوهانکي خدا جو قسم هي ٻه ڄاڻو ٿا ته ته هي ترار جا مونکي آهي پيغمبر ص جي ترار آهي- ماڻهن چيو ها- پاڻ فرمايائون ته هي ڄاڻو ٿا ته هي دستار جا مونکي پيل آهي پيغمبر ص جي دستار آهي- ماڻهن چيو ها- پاڻ فرمايائون ته اوهانکي خدا جو قسم آهي هي ٻه ڄاڻو ٿا ته

١- ناسخ التواريخ

، منهنجو والد علي سڀ کان پهريون اسلام آڻڻ وارو- سڀ کان زياده عالم- سڀ کان وڏو حليم ۽ مومن مرد ۽ مومنه جو مولا هو- مان هن ڇيو هي ته ڄاڻو ٿا- پاڻ فرمايائون ته پوءِ ڪهڙي سبب کان مونکي ذبح ڪرڻ کي جائز سمجهو ٿا حالانڪ منهنجوئي والد حوض ڪوثر کان ساٿين کي هڪلڻ وارو آهي جيئن چشمي کان وڃندڙ اٺ هڪليا ويندا آهن ۽ قيامت جي ڏينهن لواءِ حمد منهنجي والد جي ئي هٿ هوندو- ماڻهن ڇيو هي سڀ اسان ڄاڻون ٿا- مگر توهان کي ان وقت تائين نه ڇڏينداسون جيستائين اڃ جي حالت ۾ توهان موت جو مزو نه چکو-

روز *عاشوره نماز صبح بعد اصحابن کي جنگ جي آمادگي لاءِ فرمايون-

حمد ۽ ثنا الاهي بعد فرمايائون اڄ ڏينهن خداوند عالمين توهان ۽ منهنجي قتل هجڻ جو فيصلو ڪري ڇڏيو آهي ان ڪري اوهانجو فرض آهي ته ثابت قدمي سان دشمن جو مقابلو ڪريو.

÷فرات جي ڪناري تي ساڻن خطبه دنيا کان پرهيز متعلق

بعد حمد الاهي پاڻ ارشاد فرمايائون- بندگان خدا- کان

---

* اثبا الموصيت سعودي

÷ تاريخ ڪبير ابن عساڪر

ڏجو ۽ هن دنيا کان هشيار ٿيو. جيڪڏهن هي دنيا ڪنهن لاءِ باقي رهي ها ۽ دنيا ۾ ڪوئي هميشه رهي ها ته انبيا هميشه باقي رهڻ لاءِ وڌيڪ حقدار هئا ۽ زياده مستحق هئا جو هر ڳالهه انهن جي مرضي جي مطابق هجي ۽ اهي سڀ کان وڌيڪ تقدير جا فيصلا پنهنجي پسندي جي موافق پائن مگر خدا هن دنيا کي بلا ۽ مصيبت لاءِ ٺاهي خلقيو آهي ۽ هن دنيا جي ماڻهن کي فنا ٿيڻ لاءِ. دنيا جي هر نئين شيءِ پراڻي ٿيڻ واري ۽ ان جون نعمتون بيڪار ٿيڻ واريون ۽ هن جي خوشي بس ڏماڻي خوشي آهي هي دنيا هڪ پيءُ منزل جي شروعات ۽ ناقابل سڪونت گهر آهي. الغرض هن دنيا مان سفر جو سامان گڏ ڪريو. بهترين سامان سفر تقويٰ آهي خدا کان ڊڄو اميد آهي جو اوهان فلاح پائيندو.

*پنهنجي اصحابن کي صبر جي تلقين ۽ آخرت جو شوق ڏيارڻ لاءِ.

هي تفصيل هن طرح آهي جو جڏهن سندن مصيبت انتها کي پهتي ته پاڻ پنهنجي همراهن جي طرف نگاه ڪيائون سندن اصحاب ايترا مطمئن نه هئا جيترا پاڻ

---

* معاني الاخبار صدوق رحه

مطمئن هئا ڇو لاءِ جو جڏهن انهن تي سختي وڌي پئي وڃي تہ انهن جا رنگ ڦري ٿي ويا ۽ بدن ڏڪي پيو ۽ دليون سست ٿي ويون ۽ خود امام ۽ سندن چند رفيق جي سندن خصوصيتن جا حامل هئا انهن جي حالت هي هئي جو انهن جي چهري جو رنگ ڪلندو ٿي ويو- دل مطمئن ۽ نفس کي سڪون ٿي ٿيو- سندن بعضي سائين ٻين اصحابن کي چيو تہ امام کي ڏسو کيس موت جي پرواه ئي نہ آهي- امام انهن کي ارشاد فرمايو صبر کان ڪم وٺو اي شريفن جي اولاد موت تہ هڪ پل آهي جنهن جي ذريعي توهان مصيبتون ۽ سختيون سهي وسيع جنت ۽ هميشه رهڻ وارين نعمتن تائين پهچي ويندو ۽ * موت توهانجي دشمنن لاءِ اهڙو آهي جيئن ڪوئي محلات مان منتقل ٿي قيد خانہ ۽ عذاب ۾ پهچي وڃي- † منهنجي والد ماجد پيغمبر خدا کان هي حديث روايت ڪئي آهي تہ دنيا مومن جو قيد خانہ آهي ۽ ڪافر لاءِ جنت ۽ موت مومن لاءِ جنت ۾ پهچائڻ وارو

---

* توهان مان ڪنهن کي ناپسند آهي جو هو قيد خانہ مان ڦري محلات عاليشان مان پهچي وڃي-

† عن رسول الله ان الدنيا سجن المومن و جنة الڪافر والموت جسر هو لاء الي جنانهم و جسر هولاء الي جحيم (حديث)

۽ ڪافرن کي جهنم ۾ پهچائڻ جي پل آهي- نه، مان ڪوڙ چوان ٿو ۽ نه مانکي ڪوڙ ٻڌايو ويو آهي.

*ڪوفه وارن جي مذمت ۾ سندن تقرير جا سندن غيرت وحميت ۽ بلند ڪرداري جو آئينه آهي.

حمد و ثنا الهي ۽ پيغمبر اڪرم ۽ ٻين انبيا ۽ ملائڪن تي درود ۽ سلام اهڙي طرح ادا فرمايائون جنهن طرح ڪنهن فصيح و بليغ ڳالهائيندڙ کان پهريون نه ٻڌل هو- ان کان پوءِ فرمايائون- هلاڪت ۽ مصيبت هجي توهان لاءِ اي لوڳو- جڏهن خود ٿي توهان ماٺهن بدحواس ٿي اسان سان فرياد ڪئي ۽ اسان پوري تياري سان توهان جي فرياد تي ڊوڙندا اچي پهتا سون ته، ڪالهه جي ترار يون توهانجي هٿن ۾ اسانجي حمايت لاءِ بلند هيون اڄ انهن ترارين کي توهان اسانتي ڇڪيو ۽ ڪالهه جا اهي اسان ۽ توهان ملي ڪري پنهنجي گڏيل دشمن لاءِ ٻرڪائي هئي اها باهه اڄ اوهان منهنجي لاءِ ٻرڪائي رهيا آهيو- دشمن جا هٿ ۽ بازو ٻڻجي اڄ توهان پنهنجي ئي دوستن تي ڪڙي پيوءُ- حالانڪ توهانجي دشمن توهان سان ڪوئي انصاف نه ڪيو ۽ نه انهن کان توهان کي

* ناسخ التواريخ

ڪنهن نفعي جي اميد آهي. انهيءَ ڪان سواءِ جو دنيا جون حرام شيون توهان انهن ڪان حاصل ڪيون آهن ۽ ذليل عشرت جي سامان جي انهن ڪن لالچ رکي آهي. حالانڪ اسان ڪان توهانجي ابتڙڪائي ڳالهه نه ظاهر نه ٿي ۽ نه اسان جي متعلق توهانجي عقيدو غلط ثابت ٿيو جا لاءِ ته توهان لاءِ بربادي ۽ هلاڪت هجي جو توهان اسانکي ناپسند ڪيو. اسان کي ڇڏي ڏنو جنگ جون تيار ٿيون ڪيون حالانڪ اسانجو ترارين ميان ۾ هيون دل توهانجي طرف کان مطمئن ۽ توهان جي لاءِ رائي بدليل نه هئي. پر اوهان جنگ لاءِ ائين چڙهي آيوءَ جهڙي طرح ماکڙ جا ميڙن جا ميڙ پيئجي پوندا آهن ۽ ائين ٽٽي پيو جيئن پروانو شمع تي ٽٽندا آهن. اي لوگو هلاڪت ۽ بربادي هجي توهانجي توهان امت جي سرڪش مڙهن مان آهيو. جماعت کان علاوه رهڻ وارا ۽ ڪتاب خدا کي ڇڏڻ وارا شيطان جي جادو جا شڪار. گنهگارن جي ٽولي. ڪتاب خدا ۾ تحريف ڪرڻ وارا. سنتن کي مٽائڻ وارا اولاد انبيا کي قتل ڪرڻ وارا. اوصيا جي نسل کي هلاڪ ڪرڻ وارا. زنا جي اولاد کي نسبي اولاد مقرر ڪرڻ وارا. مومن کي ڏک ڏيڻ وارا ۽ آيات الاهي سان مسخري ڪرڻ واري ٽولي جي اڳواڻ جي مدد ڪرڻ وارا آهيو. جن قرآن کي ٽڪر ٽڪر

ڪري ڇڏيو. تمام ٻيڙي شيءِ انهن جي نفسن انهن جي سامهون پيش ڪئي آهي هو عذاب ۾ هميشه رهندا. توهان حرب جي پٽ ۽ انهن جي پيروي ڪندڙ جي مدد ڪري رهيا آهيو ۽ اسان سان بي وفائي ڪري رهيا آهيو. هان ائين چو نه هجي. جو توهانجي بيوفائي ڪرڻ دنيا ڇانئي ٿي انهيءَ تي توهانجي پاڙن جاءِ پڪڙي انهيءَ کان اوهانجون شاخون بار آور ٿيون. انهيءَ تي توهانجون دليون قائم ۽ انهيءَ کي توهانجا سينا ڇپائي رهيا آهن. توهان بدترين ميرا آهيو. ڏسڻ وارن لاءِ رنج ۽ اونده ۽ غاصب لاءِ لقمون آهيو. خدا جي لعنت هجي عهد و پيمان ٽوڙڻ وارن تي جي عهد و پيمان ٻڌي ٽوڙيندا آهن. حالانڪ پنهنجي عهد و پيمان تي خدا کي ضامن بہ بڻائي چڪا هئا. خدا جو قسم توهان اهي آهيو.

ڏسو هي حرامي جو حرامي پٽ (ابن زياد) ٻن ڳالهين تي بيٺو آهي. يا تہ سونکي قتل ڪري يا تابعدار بڻائي ذليل ڪري. اطاعت جي ذلت ۽ خداري برداشت ڪرڻ اسان لاءِ ناممڪن آهي. خداوند عالم ۽ ان جو رسول صہ پاڪ گود. طيب و طاهر آغوش. اچي نڪ. غيرتمند نفس اسانکي قطعاً اجازت نٿا ڏين جو اسان شريفانہ موت کي ڇڏي ڪمينن جي اطاعت اختيار ڪريون. ڏسو مان پنهنجو عذر بيان ڪيو توهان کي خدا جو خوف ڏياريو.

هاڻي آءٌ پنهنجي همراهن سان گڏ حالانڪ هي تعداد ۾ تمام ٿورا آهن ۽ دشمنن جو تعداد تمام گهڻو آهي دوستن سنهن ڦيريو. احبابن مدد کان هٿ ڇڪيو (مگر ان جي باوجود) آءٌ مقابلو ڪندس ان کان بعد پاڻ مثال طور فروه بن مسڪيل مراوي جا هي شعر پڙهيا.

جيڪڏهن اڄ اسان شڪست کاڌي ته خير اڳي ته
اسان ٿي شڪست ڏيندا رهيا آهيون
۽ اڄ جيڪڏهين اسان مغصوب ٿياسين ته هميشه اٿين
نه ٿيو آهي جو مغلوب ٿيا آهيون
اسان ۾ ڪا بزدلي پيدا نه ٿي آهي مگر اسانجي
موت جو وقت اچي ويو آهي
۽ ٻين جي قسمت ۾ دنيا جو اقتدار حاصل ڪرڻ آهي
جيڪڏهن موت ڪجهه ماڻهن کان پنهنجو سينه هٽائي
ته ٻين جي مٿان مسلط ٿي رهندو
انهيءَ موت اسانجي سردارن کي فنا ڪيو
جنهن طرح اڳين زماني جي ماڻهن کي فنا ڪيو
جيڪڏهن بادشاه هميشه زنده رهن ها ته اسان
زنده رهون ها
جيڪڏهن شريف ۽ عزت وارا انسان هميشه باقي
رهيا هجن ها ته اسان به باقي رهون ها
جيڪي اسانجي موت تي خوش ٿين ٿا انهن کي
چئجو ته هوش ۾ اچو

اسانجي موت تي خوش ٿيڻ وارا انهيءَ مرت
جي ساڀون ايندا جنهن جي ساڀين اسان ٿينداسون
ان کان پوءِ فرمايائون تہ اسان کان پوءِ خدا جو قسم
آهي توهان ايتري ٿي دير اقتدار ۾ رهندو جيتري دير
گهوڙي تي سوار ٿيڻ ۾ لڳندي آهي. ايستائين جو
جلدئي جنبواري گردش توهان کي گردش ڏيندي
۽ چرخي وانگر اوهانکي چڪر ۾ وجهندي. هنجي
پدر بزرگوار منهنجي ناتا سرور ڪائنات کان پڌي
مون سان ان جو واعدو فرمايو آهي. توهان ۽ توهانجي
همراهہ سڀ ملي پنهنجو ڪم ٺيڪ ڪريو ۽ توهان جي
ڳالهہ توهان مان ڪنهن تي مخفي نہ رهي پوءِ
اوهان جو دل گهري مون سان ڪري گذرو ۽ مونکي
دوهيڙ جي مهلت نہ ڏيو. آءٌ تہ فقط خدا تي ٿي
ڀروسو ڪيان ٿو جو منهنجو ۽ اوهان جو پروردگار آهي
۽ زمين تي جيڪي هلڻ وارا آهن انهن جي چوٽي
ان پروردگار جي هٿ ۾ آهي. ان ۾ ڪو بہ شڪ
نہ آهي تہ منهنجو پروردگار انصاف جي سڌي واٽ
تي آهي. بار الها انهن کان بارش جي قطرن کي روڪ.
اهڙو ڏڪر انهن تي اڳيان آڻ جهڙو حضرت يوسف عليه
جي ڏينهن ۾ ٿيو هو. انهن تي ثقيف جي نوجوان
کي مسلط فرماءِ جي انهن کي ڪوڙا جام پيارين ۽ ان

وقت تائين انهن کي نه ڇڏي جيستائين انهن مان قتل جو بدلو قتل سان ۽ وار جو بدلو وار ڪري نه وٺي. منهنجو ۽ منهنجي سچي انصارن ۽ منهنجي اهلبيت ۽ منهنجي شيعن جو بدلو وٺي ڇالاءِ جو انهن اسان کي ڌوڪو ڏنو اسان کي جٺلايو. اسان جي مدد کان گريز ڪيو. تون ئي اسان جو پروردگار آهين ۽ توتي ئي اسان ڀروسو ڪيو آهي ۽ تنهنجي ئي طرف اسان رجوع ڪريون ٿا ۽ تنهنجي طرف ئي اسان جو موٽڻ آهي.

پاڻ* اهل ڪوفه جي طرف مخاطب ٿي فرمايائون ان وقت پيدل جهاد فرمائي رهيا هئا.

اڙي ڇا منهنجي قتل تي پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي اڀاريو ٿا. خدا جو قسم مونکي قتل ڪرڻ تي خداوند عالم جيتري قدر غضبناڪ ٿيندو مون کان بعد ٻئي ڪنهن به بندي جي قتل تي ايترو غضبناڪ نه ٿيندو. خدا جو قسم مونکي اميد آهي ته الله اوهان کي ذليل ڪري مونکي عزت بخشيندو ۽ وري منهنجو انتقام به توهان کان اهڙي طرح وٺندو جنهن جو اوهانکي وهم ۽ گمان به نه ٿيندو. قسم خدا جو ڪڏهن توهان مونکي قتل ڪيو ته خداوند عالمين پنهنجو قهر ۽ دٻدٻو ۽ غضب

---

* تاريخ طبري ۴

توهان تي مسلط ڪندو. توهانجو خون وهندو ۽ واءِ
ڪڏهن توهان کان خدا راضي نه ٿيندو ۽ توهان لاءِ
دردناڪ عذاب ڏهوڻون ڪندو.

* سندن ارشاد

پنهنجي اصحاب کي قتل ٿيندو ڏسي پنهنجي ريش مقدس هٿ ۾ وٺي فرمايائون -

خداوند عالم ڌهرين تي بيحد غضبناڪ ٿيو ڇالاءِ جو انهن ان جي لاءِ پٽ مقرر ڪيو. عيسائين تي گهڻو غضبناڪ ٿيو ڇالاءِ جو انهن خداوند عالم کي ٽن مان هڪ مقرر ڪيو. مجوس تي بيحد غضبناڪ ٿيو ڇالاءِ جو انهن خداوند عالم کي ڇڏي سج ۽ چنڊ جي پرستش ڪئي. هاڻي هن قوم تي غضبناڪ بي انتها ٿيندو جن پنهنجي پيغمبر صلعم جي پٽ جي قتل تي اتفاق ڪيو آهي. خدا جو قسم هو جو مون کان گهرن ٿا ان مان هڪ ڳالهه به آءٌ منظور نه ڪندس ايستائين جو آءٌ، پنهنجي خون ۾ رنگيل خداوند عالم جي ملاقات ڪندس. ان کان پوءِ پاڻ وڏي آواز سان فرمايائون ته ڪوئي فرياد ٻڌڻ وارو ڪونه آهي جو منهنجي فرياد تي پهچي. ڇا ڪوئي دشمن کي

---

* لهوف

دفع ڪرڻ وارو ڪير آهي جو حرم رسول صلعم کان
دشمن کي دفع ڪري (امام عليه جي ان فرياد تي
اهل حرم جي صدائي گريه و ناله بلند ٿي).

صبح * عاشوره جڏهن لشڪر عمر بن سعد جنگ جو آغاز ڪيو.

پاڻ دعا لاءِ هٿ کڻي عرض ڪيائون-

پالڻ دارا توتي ئي هر رنج ۽ اندوه ۾ منهنجو
ڀروسو آهي- هر سختيءَ ۾ تون ئي منهنجي اميدن
جو مرڪز آهين- جڏهن به مون تي ڪا مصيبت پئي
تون ئي منهنجو آسرو ۽ (ان مصيبت کان ڇوٽڪاري لاءِ)
سامان رهيو آهين ڪيترا مصائب ۽ آلام هئا جن ۾
دل ڪمزور وات ڇاري ۽ تدبير جي بند هئي-
دوستن سات ڇڏي ڏنو- دشمن خوشيون ملهايون-
مان انهن مصائبن ۾ ويڙهجي تنهنجي طرف رجوع ڪيو
تو سان منهنجو غم بيان ڪيو تو کان سواءِ ٻين کان
بي نياز ٿي آرزو مند ٿيس ۽ توئي اهي مصائب ۽
آلام دور ڪيا انهن جي گهيري کان تو مونکي ٻاهر
ڪڍيو- تون ئي هر نعمت جو مالڪ ۽ سڀ نيڪين
وارو آهين تون ئي قبله حاجات آهين.

---

* تاريخ طبري جلد ۴

سندن اهل حرم کان خيمن مان رخصت آخر ۽ صبر جو تاڪيد.

پاڻ فرمايائون مصيبتن سهڻ لاءِ تيار ٿي وڃو ۽ هي ڄاڻو جو خدا توهان جو مددگار ۽ محافظ آهي هو عنقريب توهانکي دشمن جي شر کان نجات ڏيندو ۽ توهانجو انجام بخير ڪندو ۽ توهانجي دشمن کي طرح طرح جي عذاب ۾ مبتلا ڪندو ۽ ان مصيبت جي بدلي توهانکي قسم قسم جي نعمت عزت ۽ شرف سان سرفراز فرمائيندو پر حرف شڪايت زبان تي نه اچي ۽ نا ڪائي اهڙي ڳالهه وات مان نڪري جا اوهان جي قدر ۽ منزلت گهٽائڻ جو سبب ٿئي.

*سندن هڪ خطبو

اي دين اسلام جي طرف پاڻ کي کوڙي نسبت ڏيڻ وارو. اي بدترين خلائق جا پيروي ڪندڙو هي آخري موقع آهي جو آءٌ اوهانکي متنبہ ٿو ڪريان ۽ توهان سان احتجاج ٿو ڪريان. توهان سمجهو ٿا ته مونکي قتل ڪرڻ بعد توهان دنيا جي نعمتن کان لذت اندوز ٿيندو. پنهنجي محلاتن ۾ رهندو ناممڪن آهي ناممڪن آهي. عنقريب توهان اهڙين آفتن ۾ گهيرجي ويندو جنهن کان اوهان جا جوڙ بند ڏڪڻ لڳندا.

---

* جلاء العيون مجلس رحـ

توهان جو دليون ڍهلجي وينديون ايستائين جو اهالکي ڪٿي به پناهه نه ملندي ۽ نه ڪٿي رهڻ جي جاءِ ملندي ۽ ايستائين جو اوهان ذليل ترين ماڻهو امت جا ٿي ويندؤ اوهان اهڙا ڇو نه ٿيندؤ جو اوهان پيغمبر جي خون وهائڻ لاءِ قسم کنيو آهي ۽ ان جي اولاد کي قتل ڪرڻ ۽ ان جي ٻچن کي بياسو ٿڙڦائڻ ۽ ان جي عورتن کي قيدي بڻائڻ لاءِ قمر ٻڌي اٿس. مان توهان جي اڳيان ڳالهيون پيش ڪيون ته انهن مان هڪڙي پسند ڪريو مگر اوهان هڪ به نه مڃي ۽ پنهنجي طاقت ۽ ڪثرت جي گهمنڊ ۾ رهيؤ. ڀلا آءٌ اوهان جي بي دين پيشوا (يزيد) جي اطاعت ڪريان! خدا جي پناهه. غيرت مند نفس ۽ اجرنڪ ذليل ڳالهين ۾ ڦاسڻ نه ڏيندو ۽ عزت ساڻ اسالڪي موت تائين پهچڻ لاءِ آماده ڪري ٿو (پوءِ ناڻ انصارن جي لاشن ڏانهن اشارو ڪري فرمايائون ته مونکي انهن نوجوانن سان جلد ملڻ ۽ پنهنجي معبود سان ڪيل واعدي جي پوري ڪرڻ جو ڪيترو شوق آهي. توهان سوچيو سمجهه پوءِ سڀ ملي مون تي حملو ڪريو ۽ مونکي ذرو به مهلت نه ڏيو.

بلاغت الحسين عليہ السلام

حصہ ٻيو

امام حسين جا خط

باسم سبحان

ٻاب ٻيو

حضرت سيد الشهدا جا مکتوبات

---

*بصري وارن "صمد" جو تفسير دريافت ڪيو ان جي جواب ۾ تحرير فرمايائون.

بسم الله الرحمان الرحيم. ڏسو قرآن ۾ دخل نه ڏيو ۽ نه سوائي علم جي ان ۾ بحث مباحثو ڪريون. ڇا لاءِ جو پنهنجي ڏاڏا پيغمبر صلعم خدا کان فرمائيندي ٻڌو اٿم ته جو شخص بغير علم جي قرآن جي متعلق گفتگو ڪري اهو پنهنجي جاءِ جهنم ۾ ٺاهي: خداوند عالمين لفظ صمد جو تفسير پاڻ فرمايو آهي. خداوند عالمين جو ارشاد آهي الله الصمد پوءِ ان لفظ صمد جو تفسير پنهنجي ان پوئين جملي سان فرمائي: لم يلد ولم يولد ولم يکن له کفوا احد. نه ته ان مان ڪو ڄائو ۽ نه هو ڪنهن مان ڄائو نه ان جو ڪوئي همسر آهي. لم يلد. يعني ان کان ڪائي جسم شئي نٿي نڪري. جيئن پٽ ڌيءَ يا ٻيون مادي شيون جي عموما مخلوقات مان پيدا ٿينديون رهنديون آهن ۽ نه ڪائي لطيف شئي ان مان نڪرندي آهي جيئن نفس

* توحيد الصدوق

۽ ٻه عارضي حالات ان ۾ ظاهر ٿين ٿا جيئن اونگهڻ- سمهڻ - انديشو- تصور- رنج - غم - خوشي - کلڻ - روئڻ- پوڻ - اميد - رغبت - ٽڪ - ٻڪ - هلڻ پيٽ ڀري هلڻ خدا وند عالم بزرگ ۽ برتر آهي جو ان مان ڪا به شيءِ خارج ٿئي ۽ ڪثيف يا لطيف شيءِ ان مان پيدا ٿئي- ولم يولد يعني هر ڪنهن شيءِ مان پيدا نه ٿيو آهي ڪنهن شيءِ مان نڪتو نه آهي- جيئن ٻيون ڪثيف شيون پنهنجي عناصر مان پيدا ٿينديون آهن- شيءِ شيءِ مان چوپايه چوپائي مان- نباتات زمين مان- پاڻي چشمن مان- ميوا وڻن مان ۽ نه ان طرح ڪنهن شيءِ مان ٻاهر آيو آهي جن طرح لطيف شيون پنهنجي مرڪز مان نڪرنديون آهن جيئن نگاهون اکين مان- سماعت ڪنن مان- سنگهڻ نڪ کان- چکڻ وات سان- ڳالهائڻ زبان سان- معرفت ۽ سڃاڻپ دل سان يا باهه پٿر کان- خدا لطيف ۽ ڪثيف ڪنهين شين مان نه پيدا ٿيو آهي) بلڪ هو الله الصمد آهي جو نه ڪنهن شيءِ کان آهي نه ڪنهين شيءِ ۾ آهي نه ڪنهين شيءِ تي آهي- مشين جي ايجاد ڪرڻ وارو ۽ انهن جو خالق آهي- پنهنجي قدرت ۽ اختيار سان شين کي خلقيندو آهي جن شين کي ان فنا لاءِ پيدا ڪيو آهي اهي ان جي مشيت سان نابود ٿي وڃن ٿيون ۽ جن شين کي بقا لاءِ پيدا ڪيائين اهي ان جي علم

جي سبب باقي رهن ٿيون. پوءِ اهوئي توهانجو خدا صمد ۽ بي نياز آهي جنهن مان نه ڪا شيءِ پيدا ٿي ٿي ۽ نه هو ڪنهن شيءِ مان پيدا ٿيو آهي. حاظر ۽ غائب جي ڄاڻڻ وارو بزرگ ۽ بلند تر آهي ڪوئي ان جو همسر نه آهي.

(۲) *سندن خط حسن بصري جي نالي ان قدر جي متعلق سوال ڪيو هو تنهن جي جواب ۾ تحرير فرمايائون

ٿس پيروي ڪر ان جي جو آءٌ قدرت جي متعلق لکان ٿو ان علم سان جو اسان اهلبيتن تائين پهتو آهي انهيڪري جو شخص سڄي ۽ بري هر قسم جي تقدير تي ايمان نه آڻي اهو ڪافر آهي ۽ جو گناهه جي ذمه داري الله تي آڻي ان خدا تي تمام وڏو بهتان ٻڌو خداوند عالمين جي اطاعت زبردستي سان نٿي ٿئي ۽ نه نافرماني خدا جي مقابلي ۾ غالب اچڻ جي بنا تي هوندي آهي ۽ نه هو پنهنجي حڪمت سان پنهنجي بندن کي مطلق آزاد ڇڏيندو آهي. بلڪ هو مالڪ آهي ان جو به جنهن کي ان جي ملڪيت ۾ ڏنو اٿس ۽ قادر آهي ان تي به جنهن کي ان جي تصرف ۾ ڏنو اٿس. جيڪڏهن هو ان جي حڪم جي اطاعت ڪرڻ

---

*فقه الرضا

گهرن ته الله ان کان روڪڻ وارو يا ڏير ڪرڻ وارو نه
گهرندو ۽ جيڪڏهن گناهه ڪرڻ گهرن ته ان وقت
جيڪڏهن هو چاهي خو پنهنجي احسان سان ڪجهه
مدافع پيدا ڪري ان کي ان جي ارادي ڪيل گناهه
کان باز رکي ته ائين ڪندو آهي پر جيڪڏهن ائين نه
ڪري تڏهن به ان جي گناهه جو باعث ۽ مجبور ڪرڻ
وارو هو نه آهي ۽ نه هي هو ان زبردستيءَ ان کي
مرتڪب ڪيو هوندو. پاڪ قدرت ڏيڻ سان ان کي
نيڪ بد پڌائڻ ۽ حجت تمام ڪرڻ کان بعد ان مالڪ
الهيءَ بندي کي پنهنجي افعالن تي طاقت ڏني آهي
۽ ان جي لاءِ رستو کليو رکيو آهي ان لاءِ جو هي ان
عملي کي اختيار ڪرين جنهن جي طرف ان پنهنجي
دعوت ڏني آهي ان کي ترڪ ڪن جنهن کان ان منع
ڪئي آهي. الهن کي پوري طرح قادر بڻيو انس الهن
عملن جي ڪرڻ تي جن جي ڪرڻ لاءِ ان حڪم ڏنو
آهي پوءِ چاهي هو ان کي بجا نه آڻن ۽ پڻ قادر بڻايو
انس الهن عملن جي ترڪ تي جن کان ان منع ڪئي
آهي چاهي هو ان کي ترڪ نه ڪن. ۽ مسلسل ۽ متصل
حمد آهي ان الله جي لاءِ جنهن پنهنجي بندن کي طاقت
ڏئي رکي آهي پنهنجي احڪامن جي تعميل تي ۽ الهيءَ
طاقت سان جڏهن چاهين ته اهي تعميل ڪندا آهن ۽

احڪام جي مخالفت تي به طاقت ڏني اٿس ۽ جنهن جي لاءِ رستو تعميل احڪام جو موجود ئي نه هجي ان کي معذور ڪيو اٿس يعني هو مڪلف نه ئي آهي اهوئي منهنجو مسلڪ آهي ۽ خدا جو قسم الهي جوئي آءٌ قائل آهيان ۽ منهنجا تمام اصحاب بحمدالله الهيءَ تي قائم آهين.

[۳] پاڻ † هڪ ڪنيز کي آزاد ڪري ساڻس نڪاح ڪيو هئائون ان تي معاويه اعتراض ڪندي کين خط لکيو جنهن جي جواب ۾ پاڻ تحرير فرمايائون.

تنهنجو نوشتو مونکي مليو جنهن ۾ تو مونتي اعتراض ڪيو آهي ته مان پنهنجي آزاد ڪيل ڪنيز سان عقد ڪيو آهي ۽ قريش جي ڪنهن برابريءَ جي ڇوڪريءَ سان شادي نه ڪئي. ظاهر آهي ته رسول صه جي قرابت کان وڌيڪ (جو مونکي حاصل آهي) نه ته ڪوئي شرف آهي نه ان جي برابر ڪنهن جي ڪا منزلت آهي. هو پهريون منهنجي ڪنيز هئي جنهن کي مون ثواب خدا حاصل ڪرڻ لاءِ آزاد ڪري پنهنجي

† زهرالادب قيرواني

ملڪيت مان ڪڍيو ويو مان پيغمبر صلعم جي سنت تي عمل ڪري (عقد ڪري) ان کي ٻاھر وٽ وڏائي آندو. خداوند عالم اسلام جي ذريعي ھر شيءِ کي بلندي بخشي آھي ۽ انھيءَ اسلام جي ذريعي ھر ڪنھن کي اسان (مسلمانن) کان دور ڪري ڇڏيو. ان ڪري مرد مسلمان ان وقت مستحق ملامت ٿيو آھي جيستائين ان کان ڪنھن گناہ جو ارتڪاب ٿئي. ذليل ۽ گھٽتائي ۽ وڏي ڪمينائپ تہ ھي آھي جو مسلمان ٿي ڪري ڪنھن جاھليت جي ذھنيت تي برقرار رھي.

* [۴] سندس خط معاويہ جي خط جي جواب ۾ ملڪي معاملات متعلق.

مونکي تنھنجو خط مليو جنھن ۾ لکيو آھي تہ منھنجي متعلق تو کي ڪجھ خبرون پھتيون آھن جن کي تون منھنجي لاءِ ناپسند ڪرين ٿو ۽ جيڪڏھن ڳالھيون مون کان ظاھر نہ ٿين ھا تہ تنھنجي نزديڪ زياده بھتر ھو. حالانڪ حقيقت امر ھي آھي جو نيڪين جي ھدايت ڪرڻ وارو ۽ منھنجي توفيق شامل حال ڪرڻ وارو صرف خداوند عالم آھي ۽ تو جو لکيو آھي تہ تو تائين منھنجي متعلق ڳالھيون پھتيون آھن تہ معلوم

---

* الامة و السياسة ابن قتيبہ

هڻڻ گهرجي ته اهي ڳالهيون تو تائين پهچنديون ۽ قوت
۽ جهڙ واري- ڪوڙي گمراه ماڻهن ٺهرايون آهن-
منهنجو تو سان جنگ جو ڪو ارادو نه آهي ۽ نه تو سان
مخالفت ڪرڻ جو (هاڻي تائين) قصد ڪيو اٿم.
اگرچه ائين نه ڪرڻ جي سبب آءٌ خدا کان ڊڄان ٿو
(جو هو مونکان جواب طلب نه ڪري) جو مان تنهنجي
مقابلي ۾ تنهنجي الهن ستمگار ۽ لامذهب ساٿين جي
مقابلي ۾ جي ظالمن جو جٿو ۽ شيطانن جا پيروُ آهن
پوري پوري امڪاني ڪوشش ڇو نه ڪئي- ڇا تون
حجر بن عدي جو قبيلي ڪنده کان هو ۽ ان جي
عبادت گذار نمازي اصحاب جو قاتل نه آهين جو ظلم
کان انڪاري ۽ بدعتن جو مخالف هو- امر بالمعروف
ڪندو هو ۽ بري ڳالهين کان روڪيندو هو ۽ خدا جي
باري ۾ ڪنهن ملامت ڪرڻ واري جي ملامت کان
نه ڊڄندو هو. پوءِ ان کي سخت قسم جي عهد و پيمان
ڪرڻ ۽ پڪي واعدي ڪرڻ جي باوجود خدا تي
جرائت ڪري ۽ ان جي عهد کي خفيف سمجهي
ڪري محض ازراه ظلم ۽ جور شهيد ڪري ڇڏيو ۽
ڇا تون عمر بن حمق جو قاتل نه آهين جو رسولﷺ جو
صحابي ۽ نيڪوڪار الله جو بندو هو جنهن کي عبادت
ايترو لاغر ڪري ڇڏيو هو جو ان جو جسم ڍرو ۽

رنگ زرد ٿي ويو هو. تہ ان کي امان ڏيڻ بعد اھڙا
اھڙا سخت واعدا ڪرڻ بعد جو جيڪڏھن اھڙا واعدا
جبل جي بڪرين سان ڪيا وڃن تہ ھو بہ جبل ڇڏي
ھيٺ لهي اچي - ان کي قتل ڪيائين - ڇا تو زياد بن سميہ
کي جو ثقيف جي غلام جي گهر پيدا ٿيو هو پاڻ نہ
ٻڌايو ۽ ھن دعوا نہ ڪئي تہ ھو تنهنجي پيءُ جو پٽ
آھي - حالانڪ پيغمبر صہ فرمائي چڪا آھن پٽ مڙس
لاءِ آھي ۽ زناڪارن لاءِ سنگسار آھي- تو ارادي سان
شريعت پيغمبر صہ کان پاسو ڪيو ۽ پنهنجي خواهش جي
پيروي ڪئي ۽ ان پر خدا جي کان تون بلڪل هدايت تي نہ
ھئين پوءِ ان تي تو بس نہ ڪئي ان زياد کي تو
مسلمانن تي مسلط ڪيو جو هو انهن کي قتل ڪري-
انهن جا هٿ پير ڪاٽي - انهن جي اکين ۾ سرايون
ڦيرائي ۽ کجين جي وڻن تي ڦاسي چاڙهي - ائين معلوم
ٿو ٿئي تہ ڄڻ تون هن امت مان ئي نہ آھين ۽ نہ ھي
امت اسلام تو سان ڪو سروڪار رکي ٿي - ڇا تو
حضرمي جماعت کي قتل نہ ڪيو جن جي متعلق زياد
توکي لکيو ھو تہ ھي علي ع جي دين تي آھن پوءِ
تو زياد کي لکيو جو بہ علي عليہ جي دين تي ھجي
ان کي قتل ڪري ڇڏ - تنهنجي حڪم جي بنا تي ان
سڀني کي قتل ڪري ڇڏيو ۽ تنهنجي حڪم جي سبب

حالانڪ ڪدو (ڏيا ڪا پير رحمت) ناڻا جا انهن ان ڪان
علي جو دين بعينہ محمد مصطفيٰ جو دين آهي اهو
محمد مصطفيٰ جنهن جي سبب ڪان تون اڄ هن جاءِ تي
(حڪومت) وينو آهين. جيڪڏهين هو تہ هون ها تہ
تنهنجي ۽ تنهنجي آبا و اجداد جي عزت بس قربون
لڳائڻ هجي ها. سر دين جون قربون ۽ قربين جون
قربون ۽ تو تنهنجي خط ۾ هي بہ لکيو آهي تہ توهان
تنهنجي ۽ تنهنجي مذهبي ذمہ دارين جي متعلق چڱي
طرح غور ڪريو. مان خوب غور ڪيو تہ تنهنجي لاءِ
۽ تنهنجي مذهبي مفاد ۽ امت حضرت محمد مصطفيٰ صہ
جي لاءِ ان ڪان بهتر نٿو نظر اچي جو جيسائين ٿي سگهي
آءٌ تنهنجو مقابلو ڪريان. هاڻي جيڪڏهين مان ائين
ڪيو تہ منهنجي لاءِ رضا الاهي جو ذريعہ ٿيندو ۽
جيڪڏهين ان کي ترڪ ڪيو تہ پوءِ خدا ڪان مونکي
تنهنجي مذهبي فريضہ جي بناتي طالب مغفرت
ٿيڻ پوندو. ۽ ان کي منهنجي درخواست آهي تہ
هو مونکي صحيح رستي ڪار جي اختيار ڪرڻ جي
توفيق عطا فرمائي. ۽ تہ تنهنجي سلسلي ڪلام
۾ مونکي تہ ڪافي آهي تہ جيڪڏهن مان تو سان
مخالفت ڪندس تہ تون بہ منهنجو مخالف ٿي ويندين
۽ جيڪڏهن آءٌ تنهنجي مقابلي ۾ تدبير ڪندس

ته تون به تدبير ڪندين ته ڇوڻ ته تون جو چاهين منهنجي خلاف تدبير ڪر موٽڪي اميد آهي ته تنهنجي تدبيرن سان موٽڪي ڪو به نقصان نه پهچندو ۽ سڀ کان زياده نقصان انهن جو خود توکي پهچندو. انهيءَ ڪري جو تون جهالت جي سواريءَ تي سوار آهين ۽ پنهنجي عهد ٽوڙڻ جي فڪر ۾ آهين ۽ موٽڪي منهنجي زندگي جو قسم آهي ته تو هڪ شرط به پورو نه ڪيو آهي ۽ تو هان منهنجي عهد ٽوڙي چڪو آهين اهڙن ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏي تو سان مصالحت ڪري چڪا هئا ۽ جن جي لاءِ اسان ذريعي جا قسم ۽ عهد و پيمان ٿي چڪا هئا تو انهن کي قتل ڪري ڇڏيو بغير انهيءَ جي جو هو جنگ ڪن ها ۽ ڪنهن کي قتل ڪن ۽ تو هي سلوڪ انهن سان صرف ان ڏوهه ۾ ڪيو جو هو اسان اهلبيتن جا فضايل بيان ڪندا هئا ۽ اسانجي حقن جو احترام ڪندا هئا ته تو انهن کي قتل ڪري ڇڏيو صرف انهن خطرن جي وهمن جي بنا تي جو جيڪڏهن تون انهن کي قتل نه ڪرين ها ته شايد تنهنجي زندگي ۾ اهي خطرات در پيش نه اچن ها يا ممڪن آهي جو ان قسم جي اقدامن کان پهريان اهي مري وڃن ها هاڻي توکي مبارڪ هجي جو انهن جو قصاص تو کان ضرور ورتو ويندو ۽ توکي

آخرت جي باز پرس جو يقين رکڻ گهرجي ۽ معلوم هجڻ گهرجي جو خداوند عالم جي طرف کان هر شخص جو هڪ اعمال نامون مرتب ٿيندو رهندو آهي جنهن ۾ ڪوئي ننڍو خواه وڏو اهڙو ڪم نه هوندو جو درج نه ٿئي. ۽ خدا فراموش نه ڪندو تنهنجي انهن افعالن کي جو تو ماڻهن کي فقط بدگمانين جي بنا تي گرفتار ڪيو ۽ دوستداران خدا کي بي بنياد الزامن تي قتل ڪيو ۽ انهن کي گهرن کان جلا وطن ڪري پرديس پهچايو ۽ ماڻهن کي پنهنجي ان گمراه ڇوڪري جي بيعت تي مجبور ڪيو جو شراب خوار ۽ ڪتن سان کيڏڻ وارو آهي. مان نه هي سمجهان ٿو ته تو پاڻ کي وڏي خساري ۾ مبتلا ڪري رکيو آهي ۽ پنهنجي دين کي تباهه ۽ برباد ڪيو آهي ۽ پنهنجي رعيت سان کوٽ ڪيو آهي ۽ پنهنجي امانتدارن کي رسوا ڪيو آهي ۽ جاهلن احمقن کي ڳالهين تي عمل ڪيو آهي ۽ متقي ۽ پرهيزگار افراد کي خوف و هشت ۾ مبتلا ڪيو آهي.

(۵) اهل* ڪوفه مان هڪ شخص کين لکيو ته مولا دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ٻڌايو ان جي جواب ۾ تحرير فرمايائون.

بسم الله الرحمن الرحيم- جو شخص ماڻهن کي

---

* بحارالانوار جلد ١٧

ناراض ڪري خدا جي خوشنودي چاهي ته خداوند عالم ان کي ماڻهن جي امداد کان بي نياز ڪري ڇڏيندو ۽ جيڪو خدا کي ناراض ڪري ماڻهن کي خوش رکڻ گهري خدا ان کــي ماڻهن جـي ئي حوالي ڪندو (۽ پنهنجي توفيق ۽ تائيد سلب ڪري ڇڏيندو).

[٦] هڪ * شخص کين لکيو ته ٻن حرفن ۾ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي ٻڌايو جواب لکيائون.

جو شخص خدا جي نافرماني ڪري ڪوئي ڪم ڪرڻ گهري ته جنهن شئي جي اميد رکي ٿو اها نه ملندي ۽ جنهن شئي کان ڊڄي ٿو (چاهي ٿو ته ان جو مقابلو نه ٿئي) ته اها جلد پيش ايندي.

[٧] † سندن خط امام حسنعليه جي نالي.

توهان موڪلان بهتر چاڙهون ٿا ته مال اهو چڱو آهي جنهن سان آبرو جي حفاظت ٿئي.

---

* بحار الانوار جلد ١٧

† تاريخ ڪبير ابن عساڪر

[٨] ‡ عراق ڏانهن تياري وقت عمر و بن سعيد جي خط جي جواب ۾-

جو شخص خدا جي طرف دعوت ڏني ۽ عمل صالح ڪري ۽ هي چوي ته آءٌ مسلمان آهيان ته اهو خدا ۽ رسول ص جو مخالف هرگز سمجهي نٿو سگهجي- تو مونکي امان- سلوڪ- صلہ رحم جي دعوت ڏني ته امان خدا جي ئي بهتر آهي- خدا قيامت جي ڏينهن ان شخص کي هرگز امان نه ڏيندو جيڪو دنيا ۾ خدا کان نه ڊڄندو رهيو- اسان خدا کان دعا گهرون ٿا ته اسان دنيا ۾ ان کان ڊڄندا رهون ٿا جو قيامت جي ڏينهن ڏئين امان جو اسانکي مستحق سمجهي- باقي رهيو هيءُ ته جيڪڏهن تو خط لکي صلہ رحم ۽ مونسان نيڪي ڪرڻ گهري آهي، ته خدا توکي دنيا ۽ آخرت ۾ انهي ايڪ جزا ڏئي.

[٩] عراق * روانه ٿيندي پنهنجي ڀاءُ محمد بن حنفيہ ڏانهن بطور وصيت نامه-

بسم الله الرحمن الرحيم- هي وصيت آهي حسين بن علي ع جي پنهنجي ڀاءُ محمد کي جو ابن حنفيہ

‡ مقتل خوارزمي
* ناسخ التواريخ

هي ڳالهه سان مشهور آهي جنهن گواهي ڏئي ٿو ته
ڪوئي معبود نه آهي سوائي ان معبود حقيقي جي ۽
اهو واحد ۽ يڪتا آهي ان جو ڪو شريڪ نه آهي ۽
محمد مصطفيٰ خدا جو بندو ۽ ان جو رسول صہ آهي ۽
ان وڏان حق ڳالهيون ڪٺي آيو آهي ۽ جنت ۽ جهنم
حق آهي- قيامت اچڻ واري آهي ان ۾ ڪوبہ شڪ ۽
شبهہ نہ آهي ۽ خدا قبر جي مردن کي زنده ڪندو ۽
آءٌ وڏو بندهڻ- آڏري جڏهن- فساد ڦيلائڻ ۽ ظلم ڪرڻ
لاءِ نٿو نڪران بلڪ پنهنجي ناناا جي امت ۽ پنهنجي
والد بزرگوار جي شيعن جي اصلاح جي ارادي سان
نڪتو آهيان جو مونکي سمجهي قبول ڪندو تہ خداوند
عالم حق جو زياده لائق آهي (يعني اهوئي ان جي
حقيقي جزا ڏيندو) ۽ جو مونکي رد ڪندو تہ آءٌ صبر
ڪندس ايستائين جو خداوند عالمين منهنجي ۽ ان جماعت
جي درميان حق سان فيصلو ڪري ۽ اهو بهترين فيصلو
ڪرڻ وارو آهي- هي منهنجي وصيت آهي توکي اي
منهنجا ڀاءُ- مونکي توفيق شامل حال هجڻ خدا جي ئي
ذريعي آهي ان تي ئي ڀروسو ڪريان ٿو ۽ ان جي طرف
ئي رجوع ڪريان ٿو پوءِ پاڻ لکيل ڪاغذ کي ٿلا
ڪري پنهنجي بندي سان مهر ڪري پنهنجي ڀاءُ
کي ڏنائون.

(١٠) شرفائي بصره جي نالي سنڌن مدد لاءِ لکيل خط.

بسم الله الرحمن الرحيم - حسين بن علي جي طرف کان مالک بن مسمع - احنف بن قيس - منذر بن جارود مسعود بن عمرو ۽ قيس بن هثيم جي طرف - توهان تي منهنجو سلام هجي آءٌ اوهان کي حق جا آثار زنده ڪرڻ ۽ بدعتن کي مارڻ جي طرف دعوت ڏيان ٿو - جيڪڏهن توهان منهنجي دعوت قبول ڪئي ته فلاح ۽ نيڪي جي رستن جي طرف هدايت پائيندءُ.

(١١) بني † هاشم جي نالي

حسين بن علي جي طرف کان بني هاشم جي نالي - جو مون سان اچي ملندو اهو درجه شهادت تي فائز ٿيندو ۽ جو گريز ڪندو اهو ڪامراني کي نه پهچندو.

(١٢) ‡ سنڌن مڪتوب اهل بصره جي نالي مدد لاءِ

بسم الله الرحمن الرحيم - حسين بن علي بن ابي طالب جي طرف کان - خداوند عالم محمد مصطفيٰ کي پنهنجي تمام مخلوقات کان برگزيده ڪيو ۽ نبي بڻائي ان کي معزز بڻايو ۽ ان کي رسالت بخشي پوءِ عزت ۽ احترام سان ان کي پاڻ وٽ گهرايو - محمد مصطفيٰ بندن جي

---

* ناسخ. † ناسخ التواريخ. ‡ تاريخ طبري

خير خواهي ڪئي. خدا جو پيغام انهن تائين پهچايو ۽ ان کان بعد ان جا اهلبيت ۽ ان جا پيارا سندس جانشيني لاءِ زياده حقدار آهن. هڪ قوم اسان تي زبردستي حڪمران ٿي ويٺي اسان انهن سان جهڳڙو نه ڪيو ۽ بظاهر راضي رهياسون مسلمانن ۾ شورش انگريزي کي ناپسند ڪرڻ ۽ امن قائم رکڻ جي خيال سان. هي خط آءٌ توهانکي موڪليان ٿو ۽ توکي ڪتاب خدا ۽ سنت پيغمبر جي طرف سڏيان ٿو. جيڪڏهن توهان منهنجي ڳالهه ٻڌي ۽ منهنجو حڪم مڃيو ته آءٌ ڀلائي جي واٽ جي طرف توهانجي رهبري ڪندس.

(١٣)* سندن سوٽ عبدالله بن جعفر طيار جي خط جي جواب ۾.

تنهنجو خط مليو ۽ مان ان کي پڙهيو ۽ تنهنجو مطلب سمجهو ٻڌ. مان پنهنجي نانا پيغمبر صہ خدا کي خواب ۾ ڏٺو آهي ان مونکي اهڙي ڪم جو حڪم ڏنو آهي جنهن کي آءٌ بهر حال پورو ڪندس. چاهي نتيجو منهنجي موافق هجي يا مخالف. اي ياءٌ خدا جو قسم جيڪڏهن مان جيتن ماڪوڙين مان ڪنهن جيت جي سوراخ ۾ به وڃي ڇپان ته به هي اتان به مونکي ڪڍي ايندا. خدا جو قسم سون سان اهڙي طرح زيادتي ڪندا جيئن يهودين سبت جي ڏينهن ۾ زيادتي ڪئي هئي.

---

* مقتل الخوارزمي

(١٤)*جناب مسلم بن عقيل جي جواب ۾ سندن مڪتوب

بسم الله الرحمن الرحيم - حسين بن علي جي طرف ڪان ان جي چاچي جي پٽ مسلم بن عقيل جي طرف - مان ڏٺان ٿو ته ڪنهن دل جي ڪمزوريءَ ته توکي هي خط لکڻ تي آماده ڪيو هجي - جنهن ۾ تو معافي گهري آهي ان طرف وڃڻ کان جيڏانهن مان توکي روانه ڪيو آهي - اي منهنجا پيارا مان جنهن طرف توکي روانه ڪيو آهي تون بنا ويچار اوڏانهن متوجه رهه - مان پنهنجي نانا محمد مصطفيٰ کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو آهي جو اسان اهلبيت مان اهو نه آهي جو ٻيڻو سوڻ وٺي يا جنهن

---

* جڏهن حضرت مسلم بن عقيل مدينه مان حضرت امام حسين جو سفير ٿي ڪوفه وڃي رهيو هو ڪوفه جي حالات معلوم ڪرڻ لاءِ ته ساڻس ٻه ماڻهو واٽ جا سوهان به هئا مگر رستو ڀلجي وڃي هڪ بيابان ۾ پيا جنهن ۾ اهي ٻئي سوهان پياس کان مري ويا ۽ حضرت مسلم امام حسين ڏانهن خط موڪليو ته موکي رستي ڀلڻ ۽ سائين جي پياس سبب مرڻ کان بدشگوني ٿئي ٿي تنهنڪري موکي ڪوفه وڃڻ کان معافي ڏني ڪنهن ٻئي کي موڪليو - ناسخ التواريخ

جي ذريعي شگون ورتو وڃي- لهاذا جڏهن هي منهنجو خط تنهنجي نظر کان گذري تہ جيڏانهن جو مان حڪم ڏنو آهي اوڏانهن روانو ٿي وڃ- توتي سلام ۽ خدا جي رحمت ۽ برڪت هجي.

(١٥) *عراق رواند ٿيندي ڪوفه وارن ڏنهن خط

بسم الله الرحمن الرحيم- حسين بن علي ؏ جي طرف کان برادران مومنين ۽ مسلمين جي نالي- توهان تي منهنجو سلام هجي- آءٌ حمد ۽ ستايش ڪريان ٿو ان معبود حقيقي جي جنهن کانسواء ڪوئي معبود نہ آهي مون کي مسلم بن عقيل جو خط مليو جنهن ۾ ان توهانجي راءِجي عمدگي ۽ اسانجي مدد ۽ اسانجي حق جي طلب تي توهانجي جماعتن جي متفق هجڻ جي خبر ڏني آهي- آءٌ خدا کان دعا گهران ٿو تہ هو اسان سان سٺو سلوڪ ڪري ۽ انهيءَ عمل تي توهانکي گران قدر اجر بخشي آءٌ مڪي مان اڱاري جي ڏينهن ٨ ذوالحج † ترويہ جي ڏينهن توهانجي طرف روانہ ٿي رهيو آهيان- جڏهن منهنجو قاصد توهان وٽ پهچي تہ پنهنجي ڪم ۾ تيزي سان مصروف ٿي وڃو ۽ سرگرمي سان ڪوشش ڪريو- آءٌ انهن ڏينهن ۾ توهان وٽ انشاءالله پهچڻ گهران ٿو- توهان تي سلام خدا جي رحمت ۽ برڪت هجي.

* ناسخ التواريخ- † ترويہ

(١٦)* ڪوفي وارن جي خطن جي جواب ۾ سندن مڪتوب

بسم الله الرحمن الرحيم - حسين بن عليءَ جي طرف کان مومنن ۽ مسلمانن جي گروهه جي طرف. هاني ۽ سعيد مون وٽ توهانجا خط کڻي پهتا. هي پڇاڙي توهانجا آخري قاصد آهن جي مون وٽ آيا. توهانجي ڳالهيون بيان ڪيون آهن ۽ جن امرن جو ذڪر ڪيو آهي انهن کي مون سمجهيو. توهانجي معزز ماڻهن جو هي قول آهي. اسان جو ڪو امام نه آهي جلد تشريف آڻيو جو خدا توهانجي وسيلي اسانکي هدايت ڪري. هاڻي آءٌ توهانجي طرف پنهنجي ڀاءُ. چاچي جي پٽ ۽ پنهنجي اهلبيت مان ڀروسي جي لائق شخص (مسلم بن عقيل) کي روانه ڪريان ٿو. جيڪڏهن اتي پهچي لکيو ته توهانجي معزز فردن ۽ صاحب دانائي ۽ عقل جي راءِ به اهائي آهي جا اوهانجي قاصدن اچي بيان ڪئي آهي ۽ جنهن کي مان اوهانجي خطن ۾ پڙهيو آهي ته آءٌ جلدئي توهان وٽ پهچي ويندس. پنهنجي زندگي جو قسم امام بس اهوئي آهي، جو لڙو ئي ڪتاب الاهي فيصله ڪرڻ وارو. انصاف قائم ڪرڻ وارو. خدا جي دين جو پابند ۽ پنهنجي نفس جو محاسبو ڪرڻ وارو آهي.

---

* ناسخ التواريخ

(١٧) * حبيب ابن مظاهر ڏانهن ڪوفه ويلدي سندن لکيل خط.

جڏهن سندن سوت مسلم بن عقيل جي شهادت ۽ اهل ڪوفه جي بيوفائي جي خبر ڪن ملي ته پاڻ ٻارهن نشان تيار ڪيائون ۽ چند افرادن کي منتخب فرمائي حڪم ڏنائون ته هر شخص هڪ هڪ نشان کڻي. ماڻهن نشان کنيا ته هڪ نشان بچي پيو بعض اصحابن عرض ڪيو ته ان جي کڻڻ جو شرف اسانکي عنايت ڪريو. پاڻ انهن جي حق ۾ دعا خير فرمائي ۽ فرمايو ته انجي کڻڻ وارو اڳي رهيو آهي ان کان پوء پاڻ هي خط لکيائون.

حسين بن علي؏ جي طرف کان مرد فقيه حبيب بن مظاهر جي ڏانهن. اي حبيب تون خوب ڄاڻين تو ته اسانکي رسول سان ڪهڙي قرابت آهي ۽ ٻين جي نسبت اسانجي معرفت به توکي زياده آهي ۽ تون غيرت ۽ مروت وارو شخص آهين. لهذا پنهنجي جان اسانکان عزيز نه رک ان جي جزا توکي اسانجو نانا پيغمبر خدا قيامت جي ڏينهن ڏيندو.

---

* اسداد الشهادة

بلاغة الحسين عليه السلام

حصہ سوم

حضرت سيدالشهداء امام حسين عليه السلام

جا مختصر كلمات

باسمہ سبحانہ

باب ٽيون

امام مظلوم جا مختصر فقرا

جن ۾ حڪمت جون ڳالهيون به آهن. نصيحتون به ۽ چڱا آداب به.

١- فرمايو حضرت ته- جنهن خداوند عالم جي پوري پوري عبادت ڪئي خداوند عالم ان کي انجي تمنائن کي زياده ۽ ضرورتن کان وڌيڪ عنايت فرمائيندو.

٢- فرمايو حضرت ته- جنهن پنهنجي افضل ۽ اشرف پيءُ (روحاني) يعني محمد مصطفيٰ ۽ علي مرتضيٰ جا حق سڃاتا ۽ انهن جي پوري اطاعت ڪئي ته ان کي چيو ويندو ته جنت ۾ جتي دل گهري رهه.

(٣) فرمايو حضرت ته- هڪ جماعت خدا جي عبادت ثواب جي اميد ۾ ڪئي - هي واپارين جهڙي عبادت

١ تفسير امام عسڪري-٢ - تحف العقول ٣-٤- بحار الانوار جلد ٧١

آهي - ۽ هڪ جماعت عذاب جي خوف کان عبادت ڪئي. هي غلامن جهڙي عبادت آهي ۽ هڪ جماعت از راه شڪرگذاري عبادت ڪئي. هي آزاد ۽ شريف ماڻهن جي عبادت آهي ۽ سڀني عبادتن ۾ افضل عبادت آهي.

۴- ڪنهن پڇيو ويو ته توهان ڪهڙي حال ۾ صبح ڪيو ته پاڻ فرمايائون ته مان اهڙيءَ طرح صبوح ڪيو جو منهنجو پروردگار منهنجي مٿان هو ۽ آتش جهنم سامهون ۽ موت منهنجو طلبگار آهي ۽ حساب مون تي نگاهه جمايل آهي ۽ آءٌ پنهنجي اعمالن جو اسير آهيان - جو چاهيانٿو سو پايانٿو ۽ جنهن کان بيزار آهيان انکي پاڻ دور نٿو ڪري سگهان ۽ ڪل امور ٻئي ڪنهنجي هٿ ۾ آهن - هو چاهي ته مونتي عذاب ڪري ۽ جيڪڏهن چاهي ته مونکي بخشي ڇڏي - لهاذا هاڻي ڪهڙو نادار مونکان وڌيڪ نادار ٿي سگهي ٿو.

(۵) پاڻ فرمايائون جيڪڏهن ٽي شيون نه هجن ها ته فرزند آدم ڪنهن شئي جي اڳيان سر نه جهڪائي ها - ناداري - بيماري ۽ موت.

(٦) پاڻ فرمايائون - جو شخص اسالوت اچي اهو ڇهن ڳالهين مان ڪنهن هڪ کان محروم نه رهندو - پهريون ڪنهن محڪم آيت جي معنيٰ ۽ مطالب جي تفسير کان واقفيت حاصل ڪندو - ٻيو ڪنهن عادلانه

۵- نزهة الناظر في تنبيه الخاطر - ٦- ڪشف الغمه

فيصلي کان واقف ٿيندو ٽيون پنهنجي ڪوئي پاءُ پائيندو يا چوٿون علما جي همنشيني حاصل ٿيندس.

(٧) سندن خدمت ۾ ڪنهن ماڻهو ڪنهن جي غيبت ڪئي - پاڻ روڪيائون جو غيبت کان باز رهو ڇالاءِ جو غيبت جهنم جي ڪتن جي غذا آهي.

(٨) فرمايائون ته - خدا جو پنهنجي ٻانهي کي ٻير ڏيڻ هي آهي جو نعمتن سان نهال ڪري ڇڏي ۽ شڪر ڪرڻ جي توفيق کسي وٺي.

(٩) فرمايائون - بخيل اهو آهي جو سلام ڪرڻ ۾ بخل ڪري.

(١٠) هڪ شخص چيو جو جڏهن نيڪي نا اهل سان ڪجي ويندي ته ضايع ويندي - پاڻ فرمايائون ته ائين نه آهي احسان بارش جي ڦڙن هوندن وانگر هجڻ گهرجي جو هر نيڪوڪار ۽ بدڪار کي پهچندو هجي.

(١١) هڪ شخص بغير سلام ۽ دعا جي گفتگو جي شروعات هيئن ڪئي ته ڪيئن آهيو اوهان - خدا اوهانکي تندرستي نهايت فرمائي - پاڻ فرمايائون - ڳالهه کان پهرين سلام هجڻ گهرجي - خدا توکي به تندرستي عنايت فرمائي - ان کان پوءِ پاڻ فرمايائون - ڪيستائين ڪوئي سلام نه ڪري گفتگو جي اجازت نه ڏيو.

(١٢) هڪ شخص سندن خدمت ۾ حاضر ٿي سوال ڪيو - پاڻ فرمايائون سوال ڪرڻ ٽن وقتن ۾ ئي مناسب

---

٧ - ڪان ١٢ - بحار الانوار جلد ١٧

آهي جڏهن سخت قرض هجي يا جان ونڃڻ ناداري هجي يا ناقابل برداشت بار هجي پٺيءَ مٿان. ان ماڻهو ڇيو ته آءٌ انهن ڏن ڳالهين مان ني هڪ جي سبب خاطر ٿيو آهيان. پاڻ سڄو ديدار ڏيڻ جو حڪم ڏنو.

(١٣) ڪائون. † وما بنعمتک ربک فحدث (پنهنجي پروردگار جي نعمت جو اظهار ڪريو) جي معنيٰ پڇي ڏئي. پاڻ فرمايائون. خدا حڪم ڏنو آهي ته دين جي جا نعمت، خدا بخشي آهي ان جو اظهار ڪريو.

(١٤) پاڻ پنهنجي فرزند علي کي فرمايو. خبردار اهڙي ني ڪڏهن ظلم نه ڪجه جو تنهنجي مقابلي ۾ خدا کان سواءِ ڪو مددگار نه رکندو هجي.

(١٥) انصارين مان هڪ شخص ڪنهن حاجت براري لاءِ سوال ڪرڻ آيو. پاڻ ان کي فرمايائون. اي انصاري پاڻ سوال جي ذلت کان پاڻ کي بچايو. توهانجي جيڪا حاجت هجي اها خط ۾ لکي ڏيو خدا گهريو ته توهانجي خوشيءَ جي ڳالهه ڏيندي. ان خط لکيو. اي ابو عبدالله فلاڻي شخص جا ٥٠٠ دينار مون تي قرض آهي. هاڻي

١٣، ١٤ ۽ ١٥ - بحارالانوار جلد ١٧.

† قرآن پاره وسره

هو مون کان سخت گهر ڪري رهيو آهي اوهان انکي چئي ايتري وقت تائين مهلت ڏياريو جيستائين آءٌ ايتري رقم مهيا ڪري سگهان. جڏهن پاڻ اهو رقعو پڙهيائون. گهر ۾ ويا ۽ هڪ ٿيلهي آڻايائون جنهن ۾ هزار دينار هئا ۽ ان کي اها ٿيلهي ڏئي فرمايائون ٥٠٠ دينار سان تون پنهنجو قرض ادا ڪر ۽ باقي ٥٠٠ وقت ضرورت ڪم ۾ آڻج ۽ ڏس پنهنجي گهرج ٽن شخصن مان ڪنهن هڪ سان بيان ڪر. پهريون. ديندار سان. ٻيو. مروت واري سان. ٽيون حسب واري سان. ديندار سان انڪري جو جڏهن تون ان کي سوال ڪندين ته هو دين جي حفاظت جي خيال کان تنهنجي حاجت روائي ڪندو ۽ مروت واري سان انڪري جو هو جيڪڏهن تنهنجي حاجت پوري نه ڪندو ته پنهنجي مروت جي سبب کان شرمائبو ۽ اچي حسب واري کان انڪري جو هو ڄاڻي ٿو ته تو پنهنجي حاجت بيان ڪرڻ ۾ پنهنجي آبرو عزيز نه ڪئي ته هو به بغير تنهنجي حاجت پوري ڪئي توکي موٽائڻ ۾ پنهنجي آبرو بچائيندو.

(١٦) مقبوليت جي نشانين مان صاحبان عقل جي صحبت آهي ۽ جهالت جي علامتن مان ڪافرن کي

ٻڌي خود پنهنجي سان الجهڻ آهي ۽ عالم جي علامت ئي آهي جو هو پنهنجي ڳالهه جي حوالي ڪري ۽ ان جي حقيقت کان آگاهه هجي.

(١٧) مومن جو شان ئي آهي جو الله ان کي گناهن کان بچڻ جي توفيق ڪرامت فرمائيندو آهي ۽ ان جي گفتار ان جي باطن جو آئينو هوندي آهي. هو ڪڏهن مومنن جي اوصاف تي نظر ڪندو آهي ۽ ڪڏهن جبار ۽ سرڪش ماڻهن جي اوصاف تي غور ڪندو آهي (تاڪه انهن صفتن مان پاڻ کي سينگاري ۽ ٻين کان پري رهي) انهيءَ طرح هو هميشه پنهنجي دلبستگين ۾ لڳو رهندو آهي ۽ پنهنجي نفس جي ئي شناخت ڪندو آهي ۽ پنهنجي خيالات ۾ يقين جي درجي تي ۽ پنهنجي تقدس ۾ قرار ۽ سڪون جي منزل تي رهندو آهي.

(١٨) انهيءَ ڪم کان بچو جنهن ۾ عذر ۽ معذور جي ضرورت پيش اچي. ڇالاءِ جو مومن نه ته برائي ڪندو آهي نه معذرت ڪرڻ جي ان کي ضرورت لڳو پوندي آهي ۽ منافق هميشه برائي ڪندو آهي ۽ وري ان جي معذرت ڪندو آهي.

---

١٧ ۽ ١٨ بحارالانوار جلد ١٧.

(١٩) سترُ ڍيکيون آهن- انهتر ان جي لاءِ جو ڪنهن خير جي ڪم جي شروعات ڪري ۽ هڪ ان جي لاءِ جو ان کي دهرائي-

(٢٠) خدا خوب ڄاڻي ٿو تہ جيڪو عمل ظاهر ٿيو آهي اهو ان ھــي لاءِ آهي يا ان جــي غير لاءِ- جيڪڏهن ڄاڻي ٿو تہ ڪنهن شخص صرف خوشنودي الاهي لاءِ پنهنجي ڪار خير کي نظر خلق کان ڇپايو آهي تہ هو ان کي ظاهر ڪندو آهي- جيڪڏهن هي بي ايمان نفس انصاف کان ڪم وٺي تہ پنهنجي رفتار ۾ ڪمي ڪري ۽ ان جي شرارتن جي ڪمي ان کي خير جي نزديڪ ڪري-

(٢١) صاحب حاجت تو کان سوال ڪري پنهنجي آبرو جو خيال نہ ڪيو تہ تون پنهنجي آبرو جو خيال ڪري ان کي محروم موٽائڻ کان پرهيز ڪر-

(٢٢) فرمايائون- جنهن خوشنودي خدا جي لاءِ اسانکي محبوب رکيو تہ اسان ۽ اهو نمي وٽ ائين گڏ ھونداسون جئين هي ٻہ آڱريون (ٻاڻ ٻہ آڱريون ملائي ڏيکاريون) ۽ جيڪو اسانکي دنيا جي لاءِ

١٩، ٢٠، ٢١- بحارالانوار جلد ١٧ ٢٢- ابن عساڪر جلد ۴ ص ٣٢٣

محبوب رکندو ته دنيا ۾ نيڪ ۽ بد سڀني کي ملندي آهي.

(٢٣) جو شخص رائي قائم نه ڪري سگهي ۽ وات تدبير ۽ حيلي جي بعد هجي ته لڙمي ان جي ڪنهي آهي.

(٢٤) جو شخص اسانجي ڪنهن يتيم کي (جنهن کي اسانجي غيبت تي مجبوري ٿي اسانکان جدا ڪيو هجي) اهڙي طرح ڪفالت ڪري جو ان کي اسانجي الهن علمن مان جي هن وت پهتا هجن بهره مند بڻائي ايستائين ان جي رهبري ۽ هدايت ڪري ته خدا تعاليٰ ان کي فرمائيندو ته اي همدردي ڪرڻ وارا نيڪ مدد توکان زياده فياضي ڪرڻ جو حقدار آءٌ آهيان- اي منهنجا فرشتو هن جي لاءِ بهشت ۾ هڪ هڪ حرف جي تعداد جي مطابق جنهن جي هن تعليم ڏني آهي هزار هزار محل بڻايو ۽ هڪ هڪ قصر ۾ جي ڪون مناسب نعمتون آهن اهي سڀ گڏ ڪريو.

(٢٥) جيڪڏهن تقيه جو فريضو نه هجي ها ته اسان جي دوستن ۽ دشمنن ۾ امتياز نه هجي ها. ۽ جيڪڏهن

٢٣- بحارالانوار جلد ١٧ ٢٤- تفسير العسڪري ٢٥- بحارالانوار جلد ١٧

پاڻ ري جي حقن جي شناخت نه هجي ها ته ڪائي
خطا ڪنهين ڪان اهڙي نه ٿئي ها جنهن جي سزا ان
کي نه ملي. مگر خداوند ڪريم جو ارشاد آهي جا
مصيبت اوهانکي پهچي ٿي اها توهانجي هٿن جي آهي
۽ گهڻين ڳالهين کي خدا معاف ڪندو آهي.

(٢٦) هڪ شخص ڪين چيو اي فرزند رسول آهي
اوهانجي مخصوص شيعن مان آهيان.

پاڻ فرمايائون - تڏهن ته تون مثل خليل خدا ابراهيم
جي آهين جنهن جي متعلق خداوند عالم فرمايو آهي
* يقينا ان جي ئي شيعن مان ابراهيم به هو جڏهن اهو
پروردگار جي طرف اهڙي دل وٺي وڃيو جا هر عيب
کان پاڪ هئي نه جيڪڏهن تنهنجي دل به انهن جي
دل جهڙي آهي ته تون به اسانجي شيعن مان آهين ۽
جيڪڏهن تنهنجي دل ان جي دل جهڙي نه آهي مگر
مڪر ۽ فريب ۽ کوٽ کان صاف آهيو ته تون اسانجي
دوستدارن مان آهين ۽ جيڪڏهن اهڙو به نه آهين ۽
تو اهو فقرو چاٽي واطي ڪوڙ چيو آهي ته توکي فالج

٢٦- بحارالانوار جلد ١٧

* ان من شيعته لابراهيم اذ جاء ربه بقلب سليم قرآن
پاره ٢٣ سورت صافات

ٿيندو جنهن ۾ مرادي دم ااڻين مبتلا هوندي يا ڪوڙهه ٿيندو جو تنهنجي ڪوڙ جو ڪفارو ٿي سگهي.

(٢٧) هڪ ٻئي شخص ٻه چيو اي فرزند رسول آءٌ اوهانجي شيعن مان آهيان.

پاڻ فرمايائون- خدا کان ڊڄ ۽ ڪوڙي ڳالهه جي دعوا نه ڪريو خدا جو اهوئي حڪم توهان لاءِ آهي- تون پهنجي دعوا ۾ ڪوڙ ڳالهايو ۽ گنهگار ٿيئن- اسانجي شيعن مان اهي آهن جن جون دليون کوٽ گذاريل فساد جي ڳالهين کان پاڪ ۽ صاف هجن- هان هي چئو ته مان اوهانجي دوستدارن ۽ محبن وارن مان آهيان.

(٢٨) هڪ شخص چيو ابن رسول الله مون کي نصيحت فرمايو.

پاڻ فرمايائون- پنج ڳالهيون ڪر ان کان بعد جو گناهه چاهين ڪر- پهريون هي ڳالهه ته خدا جو رزق نه کاءُ ان کان بعد جو گناهه چاهين ڪر ٻيو هي ته خدا جي سلطنت کان نڪري وڃ ان کان بعد جو گناهه چاهين ڪر- ٽيون هي جو اهڙي جاءِ تلاش ڪر جتي

خدا ٺوڪي نہ ڏسي پوءِ گناهہ چاهين ڪر- چوٿون، هي تہ جڏهن ملڪ الموت تنهنجي روح قبض ڪرڻ لاءِ اچي تہ ان کي پنهنجي نفس کان دور ڪري روح قبض ڪرڻ نہ ڏي- پوءِ جو گناهہ چاهين ڪر- پنجون هي جو جڏهن مالڪ خازن جهنم ٺوڪي جهنم ۾ وٺي وڃي تہ وڃڻ کان انڪار ڪرين پوءِ جو گناهہ چاهين سو ڪر.

(٢٩) پاڻ فرمايائون- ڀائر ٽن قسمن جا آهن انهن مان هڪ هي جو تنهنجي لاءِ بہ مفيد ۽ پنهنجي لاءِ بہ مفيد هجي، ٻيو اهو جو سراسر تنهنجي لاءِ مضر نہ تنهنجي لاءِ مفيد ۽ نہ پنهنجي لاءِ مفيد هجي- ڪاٿن ان جي سمجهاڻي گهري وئي تہ فرمايائون اهو ڀاءُ جو توهان ۽ پنهنجي لاءِ مفيد هجي اهو آهي جنهن جو مقصد هي هجي تہ ڀائري هميشہ قائم رهي ۽ ان جي ڪڏهن نہ هجي تہ ان جي خود غرضين کي ڏسي برادري بلڪل ختم ٿي ٿي وڃي- هي اهو آهي جو توهان ۽ پنهنجي ٻنهي لاءِ مفيد هوندو- انهيءَ ڪري جڏهن برادري اهڙي مڪمل هوندي تہ ٻنهي جي زندگي خوشگوار ٿيندي ۽ جڏهن برادري جو اهو عالم ٿيو جو اختلاف طبيعتن ضدم ضدا جي صورت اختيار ڪئي تہ ٻنهي

٢٩- بحارالانوار

طرفن جا رشتا قطع ٿي ويندا- ۽ اهو ياءُ جو تنهنجي ئي لاءِ مفيد آهي اهو آهي جنهن هر طرح لالچ کي ڇڏي بس تنهنجي رضا مندي جي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻ کي وقف ڪيو آهي ان تنهنجي ياڻپي لاءِ دنيا جي لالچ کي دل کان ڪيڏي ڇڏي آهي هي اهو آهي جو بلڪل تنهنجو ئي ويو آهي- ۽ اهو ياءُ جو تنهنجي لاءِ ضرر رسان آهي اهو آهي جو طرح طرح سان توکي نقصان پهچائڻ جي ڪئي آهي- تنهنجي رازن کي کوليندو ۽ مجمعن ۾ تو تي تهمتون لڳائيندو ۽ تنهجي ڇهري تي حسد سان نظر ڪندو آهي هي اهو آهي جنهن تي واحد حقيقي جي لعنت آهي- ۽ اهو ياءُ جو نه تنهنجي لاءِ مفيد آهي نه پنهنجي لاءِ سو اهو آهي جنهن جون ڳالهيون حماقت سان پريل هونديون آهن خدا ان کي غارت ڪري پاڻ کي هو تو تي ترجيح ڏيندو آهي ۽ وري تو مان نفع حاصل ڪرڻ جو به طلبگار رهندو آهي.

(٣٠) پاڻ فرمايائون - ته هڪ بيگناهه شخص کي ڪنهن ظالم جي هٿ کان بچائڻ کان (جو ان کي قتل ڪري رهيو هجي) وڌيڪ بهتر آهي جو هڪ ابوجهه شيعه عوام کي جنهن کي هڪ دشمن اهلبيت گمراه ڪرڻ گهرندو

٣٠- تفسير العسڪري

هجي ۽ نون ان کي اهڙو دليل پڌائي گمراهي کان بچائين ان ڪري جو ارشاد الاهي آهي تہ جو هڪ نفس کي زنده ڪري گويا ان تمام نوع انسان کي زنده ڪيو- ان جو مطلب هي نہ آهي تہ هو فولادي تلوارين سان قتل ٿي ويا هئا (بلڪ گمراه ٿي رهيا هئا انهن جي هدايت ڪئي)

(٣١) بادشاهن جي بدترين خصلت دشمن جي مقابلي ۾ بزدلي- ڪمزورن تي سختي- عدل ۽ انصاف کان بخل آهي-

(٣٢) جنهن ڪم کي اوهان سنڀالي نٿا سگهو ان لاءِ تڪليف نہ ڪريو ۽ جنهن کي هٿ ڪري نہ سگهو ان جي پويان نہ پئو ۽ پنهنجي هٿ آيل ڪم کي ڇڏي اهڙي ڪم لاءِ ڪوشش نہ ڪريو جو قابو نہ اچي سگهي ۽ ايترو ٿي خرچ ڪريو جيتري سان اوهان فائدو حاصل ڪري سگهو ۽ جيترو ڪريو اوتري تي عيوض طلب ڪريو ۽ خوش هجو ان ڪم تي جو خدا جي اطاعت ۾ پورو ڪيل هجي ۽ ان تي هٿ وجهو جنهن جي لائق پاڻ کي سمجهو-

(۳۳) امانت دار- مطمئن ۽ اہي قصور- دلير ۽ بچندڙ ۽ بدڪار سرپيشان ھوندو آھي- جڏھن مرد عقلمند ٿيءَ ڪا مصيبت اچي پوندي آھي ته ھشياري ڪان ڪم وٺي رنج ۽ غم کي نزديڪ اچڻ نه ڏيندو ۽ عقل کي ڪسوٽي سان وات جاري ۽ تدبير ۾ لڳائيندو آھي-

(۳۴) ڪنھن بادشاھ جي سامھون ڪنھن دوا جي تعريف نه ڪريو- جا لاءِ جو جيڪڏھن اھا دوا ڪيس فائدو پھچائيندي ته بادشاھ توھان جو شڪر گذار ٿيندو ۽ جيڪڏھن نقصان ڪيائين ته توکي تھمت وارو ڪندو-

(۳۵) ھڪڙي ڀيري صفين ۾ امير المؤمنين سان شريڪ نه ھئڻ تي بھان جو عذر بيان ڪرڻ جي لاءِ ڪر ڪيو جو ھو سامھون ڪجھ ماڻھن عبدالله بن عمرو عاص ڪندو ھو- ہاڻ فرمايائون- گھڻا گناھ عذر گناھ کان بھتر ھوندا آھن (عذر گناھ بدتر از گناھ)

(۳۶) تنھنجو مال جيڪڏھن تنھنجي لاءِ نه ھوندو تہ ٻيون ان جي لاءِ آھين- ان تي ترس نه کاءُ جا لاءِ جو

۳۳- ۳۴- بھارالانوار جلد ۱۷ ص ۱ - ۳۵- تنبيه الخاطر في التنبيه الخاطر- ۳۶- بھارالانوار جلد ۱۷

اهو به توتي به ترس نه کائيندو ۽ اڳي انهيءَ کان هو اهو سال توکي کائي وجي تون ان کي کائي ڇڏ.

(٣٧) جنهن تنهنجو عطيو قبول ڪيو ان فياضيءَ ۾ تنهنجي مدد ڪئي.

(٣٨) معبود منهنجا مون تي احسان ڪري مونکي ڍر نه ڏي ۽ بلا ۽ مصيبت جي ذريعي منهنجي تاديب نه ڪر.

(٣٩) پاڻ فرمايائون ته سچائي عزت- ڪوڙ عاجزي- راز امانت- همسائگي رشتيداري- مددگاري دوستي- عمل تجربو سٺو خلق عبادت خاموشي زينت- ڪنجوسي ناداري- سخاوت مالداري ۽ نرمي عقلمندي آهي.

(٤٠) حسن بصري کي فرمايائون (ان وقت حسن بصري کين نه سڃاڻندو هو) اي پير مرد تون ان ڏينهن جي لاءِ جڏهن خدا جي سامهون آندو ويندين پنهنجي موجوده حالت تي اطمينان رکين ٿو. ان چيو نه- پاڻ فرمايائون ته ڇا انهن افعالن جي ترڪ جو ارادو رکين ٿو جن جي وجه کان روز حشر و نشر جي لاءِ غيرتون مطمئن آهين. حسن چيو هائو مگر حقيقي طرح نه- پاڻ فرمايائون پوءِ توکان وڌيڪ پنهنجي نفس جو بدخواه

٣٧، ٣٨- بحارالانوار جلد ١٧.

٣٩، ٤٠ تاريخ اليعقوبي.

ڪير نٿي سگهي ٿو جو تون حقيقي طور تي انهن عملن جي ترڪ ڪرڻ لاءِ تيار نه آهين جيڪي تو ن پنهنجي لاءِ باعث نقصان سمجهين ٿو.

(٤١) هڪڙي ڏينهن ابن عباس کي چيائون ته مطلب ڳالهين لاءِ چپ نه کول ڇاڪاڻ ته جو ڪنهن بار هيٺ دٻجي نه وڃين فضول شين لاءِ گفتگو نه ڪر ۽ ستائين جو ڳالهائڻ جو موقع ۽ محل ڏس. گهڻا ڳالهائڻ وارا هوندا آهن جو ڳالهائيندا حق آهن مگر وري نه (بي موقع ڳالهائڻ سبب) انهن کي عيب لڳايو ويندو آهي- ۽ ڪنهن مرد حليم ۽ بردبار يا بيوقوف ۽ جاهل سان بحث ۽ تڪرار نه ڪر- حليم شخص ته حلم کان ڪم وٺي توکي موٽائيندو ۽ بيوقوف شخص توکي ڏک ۽ تڪليف پهچائيندو- ۽ جڏهن ڪوئي برادر مومن تو وٽ موجود نه هجي ته ان جي متعلق اهڙي ٿي ڳالهه بيان ڪر جهڙي ڳالهه تون پڻهنجي متعلق پنهنجي غير موجودگي ۾ چئي وڃڻ پسند ڪرين (مطلب ته جنهن طرح تون نٿو چاهين جو مونکي پر پٺ ڪوئي برو چوي انهي طرح برادر مومن کي ان جي پر پٺ برو نه چئو) ۽ ان شخص وانگر عمل ڪر جو هي سمجهندو هجي جو هو پنهنجي ڏوهن جي

٤١- بحارالانوار جلد ١٧ ۽ نزهته الناظر.

سبب کان گرفتار ٿيندو ۽ ان کي پنهنجي نيڪين جي بوجهه کان سزا ڏني ويندي.

(۴۲) پاڻ فرمايائون. عزت جو موت ذلت جي حياتي کان بهتر آهي.

(۴۳) هڪ شخص چيو اوهان ۾ تڪبر آهي. پاڻ فرمايائون. ڪبريائي اڪيلي خدائي وحده لاشريڪ جي لاءِ آهي ۽ ان کان سواءِ ڪنهن جي لاءِ نه آهي. خداوند عالم فرمايو آهي عزت بس خدا ۽ رسول ۽ مومنن جي لاءِ آهي.

(۴۴) پاڻ ارشاد فرمايائون. علم جو سکڻ معرفت جي پيداوار جو ذريعو آهي ۽ ڊگهو تجربو عقل جي زيادتي جو باعث آهي ۽ شرف جو تقويٰ تي انحصار آهي. قناعت بدن جي راحت آهي. جو توکي محبوب رکندو سو توکي ناپسنديده ڳالهين کان روڪيندو ۽ جيڪو دشمن هوندو اهو وڌيڪ پاڻ پاريندو.

(۴۵) ڪائون پڇيو ويو خداوند عالم بندن تي روزا ڇو واجب ڪيا.

۴۲، ۴۳، ۴۴- بحارالانوار جلد ۱۷ ۽ نزهته الناظر
۴۵- مناقب آل ابيطالب لابن شهر آشوب ج ۱۰

پاڻ فرمايائون - ان لاءِ ته مالدار ۾ ٻڪ جو مزو چکن ۽ پوءِ فقراءِ ۽ مسڪينن تي احسان ڪن.

(٤٦) جڏهن توهان ڪنهن جي لاءِ ٻڌو ته ماڻهن جي عزت تي حملا ڪري ٿو، ته ڪوشش ڪريو جو اهو توهان کي ڄاڻي سڃاڻي نه - ڇالاءِ جو اهڙي شخص جي سڃاڻپ وارن ماڻهن جي عزت ٿي نه سوا زياده ٿيندي آهي.

(٤٧) ڪائون پڇيو ويو ته اوهان خدا کان ڪيترو ڊڄو ٿا - جواب ۾ چيائون جيڪو خدا کان دنيا ۾ ڊنو رهجي اهو ٿي قيامت جي ڏينهن امن ۽ اطمينان پائي سگهندو.

(٤٨) ڪائون سوال ڪيو ويو ته جهاد سنت آهي يا فرض - پاڻ فرمايائون ته جهاد چئن قسمن جو ٿيندو آهي ٻه جهاد فرض آهن ۽ هڪ جهاد سنت آهي مگر ڪنهن نه ڪنهن فرض سان شامل آهي ۽ هڪ جهاد سنت آهي - ٻه جهاد جي فرض آهن انهن مان هڪ انسان جو پنهنجي نفس سان جهاد ڪرڻ آهي (نفس خدا جي نافرماني ۽ گناه جي طرف راغب هجي ۽ انسان نفس

٤٦- الحسين سيد علي جلال مصري.

٤٧- اعيان الشيعه.

٤٨- تحف العقول لابن شعبه.

تي جبر ڪري گناهه کان باز رهي) هي جهاد تمام جهادن کان افضل آهي - ٻيو ڪفار حربي سان جهاد ڪرڻ آهي ۽ تيون جهاد جو سنت آهي مگر فرض جي ادائگي سان وابسته آهي اهو دشمن سان جنگ ڪرڻ آهي جو سڄي امت تي فرض آهي - جيڪڏهن امت وارا جهاد نه ڪن ته انهن تي عذاب نازل ٿئي ۽ هي فقط امام جي لاءِ سنت آهي جو هو امت سان گڏ جهاد ۾ دشمن جي مقابلي ۾ اچي ۽ ان سان جنگ ڪري ۽ چوٿون اهو جهاد جو سنت آهي ان کان مراد هر اها سنت آهي جنهن جي انسان پابندي ڪري - ان جي قائم ڪرڻ - ان جي زنده رکڻ ۾ جد و جهد ڪري - هن امر ۾ ڪوشش افضل اعمال کان ٿيندي - ڇالاءِ جو هي سنت جو زنده ڪرڻ آهي - حضرت رسول خدا فرمايو آهي جو ڪوئي سٺو طريقو ايجاد ڪندو ان کي ان ايجاد جو به ثواب ملندو ۽ جيترا ماڻهو قيامت تائين ان جي ايجاد ڪيل طريقي تي عمل ڪندا انهن جي عمل جو ثواب ان موجد شخص کي ملندو ۽ وري عمل ڪرڻ وارن جي ثواب ۾ به ڪمي نه ٿيندي.

(٤٩) هڪ شخص ڪاٿون آيت - * يوم ندعو کل الناس بامامهم - جي معنيٰ پڇي - ٻاڻ فرمايائون - هڪڙا

٤٩- ذڪرالحسين جلد ٩.

امام ته اهي آهن جن ماڻهن کي خدا جي طرف سڏيو ۽ ماڻهن انهن جي آواز تي لبيڪ چيو ۽ انهن جي سڏڻ تي آيا ۽ هڪڙا امام اهي آهن جن ماڻهن کي گمراهي جي طرف سڏيو ۽ ماڻهو ٻڌي ڪيا- ته پهريان ماڻهو سڀئي جنت ۾ ويندا ۽ ٻيا سڀئي جهنم ۾- اهوئي مطلب آهي خداوند عالم جي ان ارشاد جو ته هڪ جماعت جنت ۾ هوندي ۽ هڪ جهنم ۾.

(٥٠) فرمايائون، اي فرزند آدم توهان ڏينهن جو مجموعو آهيو جو ڏينهن گذريو توهان جو هڪ جز گهٽ ٿيو.

(٥١) خداوند عالمين چار ڳالهيون فرض مقرر ڪيون آهن- عبادت- اشارت- لطائف- حقائق. عبادت عوام لاء فرض آهي- اشارت خواص لاء- لطائف اوليا جي لاء ۽ حقائق انبيا جي لاء.

(٥٢) هڪ شخص کين چيو ته ويهو اسان دين جي متعلق بحث مباحثو ڪريون.

پاڻ فرمايائون آءٌ دين جي معرفت پوري رکان ٿو ۽ منهنجو سڌي راه تي هجڻ مون تي واضح آهي- البت جيڪڏهن توهان پنهنجي دين کان ناواقف آهيو ته

٥٠- ارشاد ديلمي. ٥١، ٥٢- جامع الاخبار صدوق رح

وچ ۾ ڳالهين کي بحث ۽ تڪرار سان آڪڙجڻ ڪرڻ ۽
شيطان انسان کي وسوسي ۾ وجهندو ۽ انهن سان
ڪا اڻوڻي ڳالهه ڪرائيندو آهي ۽ چوندو رهندو آهي ته
ماڻهن سان دين جي باري ۾ مناظرو ڪر ته ڪي ماڻهو
توکي عاجز ۽ جاهل نه خيال ڪن. پوءِ ڄاڻو بحث ۽
تڪرار چئن صورتن کان خالي نه آهي - پهريون. يا ته
تون ۽ تنهنجو ساٿي اهڙي امر جي متعلق بحث مباحثو
ڪندؤ جنهن کي تون ۽ اهو ٻئي اڻڄاڻندا هوندؤ. انهي
ڪري توهان خيرخواهي نه ڪئي ۽ رسوائي جا طالب
ٿيا ۽ پنهنجي عمر کي ضايع ڪيو - ٻيو. يا ته توهان
ٻئي ان کان جاهل هوندؤ. ته ان صورت ۾ توهانجي
بحث ۽ تڪرار جو مطلب هي ٿيو ته توهان پنهنجي
جهل جو اظهار ڪيو ۽ ٽيون. يا ته تون ان امر کي ڄاڻين
ٿو ۽ تنهنجو ساٿي نٿو ڄاڻي ته ان صورت ۾ بحث
جو مطلب هي ٿيندو جو تو ان جي ڪمزوري ظاهر
ڪئي ۽ ان تي ظلم ڪيو ۽ چوٿون. يا ته تون اڻ ڄاڻ
آهين ۽ تنهنجو ساٿي ڄاڻندڙ آهي ته ان صورت ۾
بحث جو مطلب هي ٿيو ته تو پنهنجي ساٿي جو احترام
نه ڪيو ۽ نه ان جي منزلت برقرار رکي (ڇالاءِ جو تون
جاهل ۽ هو عالم ۽ تون جاهل هوندي ان سان تڪرار
ڪيو) هي سڀ ڳالهيون محال آهن. جنهن شخص انصاف

کان ڪم ورتو ۽ حق کي قبول ڪيو ۽ حمق ۽ تڪرار
کان گريز ڪيو ان پنهنجي ايمان کي مضبوط ڪيو-
پنهنجي دين جو سٺو ساٿ ڏنو ۽ پنهنجي عقل جي
حفاظت ڪئي.

(۵۳) جڏهن مومن جي اکين مان هڪ قطرو ڳوڙهو
اسان جي غم ۾ نڪتو ته ان جي لاءِ اسان جو حق (خدا
تي) هي آهي جو خداوند عالم ان کي جنت ۾
جاءِ ڏيندو.

(۵۴) پس ان شخص تي ٿي اطمينان ڪريو جو
خوف خدا رکندو هجي.

(۵۵) خدا جي خوف کان روئڻ آتش جهنم کان
نجات جو باعث آهي.

(۵٦) اکين جو روئڻ ۽ دلين جو ڏڪڻ خدا جي
رحمت آهي.

(۵۷) جو ڪنهن تي اعتراض گهٽ ڪري ان کي ء
غلطين ڪرڻ تي معاف ڪيو ويندو.

(۵۸) پنهنجو گذريل نعمت تي شڪرگذار هجڻ-
آئينده نعمت ملڻ جو سبب ٿيندو.

۵۳، ۵۴، ۵۵، ۵٦- جامع الاخبار الصدوق.
۵۷، ۵۸- نزهة الناظر [illegible]

(٥٩) اقتدار، غصي ۽ ڪاوڙ ڪي ڏيڙپا ٻڌائي ڇڏيندو آهي. انسان پنهنجي حالت کان نہ پاڻ وڏيڪ واقف آهي.

(٦٠) حق پروري جي تقاضا ۾ جي ناگوار صورتون درپيش هجن انهن تي صبر ڪريو ۽ هدايت جي راه تي هلڻ ۾ دلپسند ڳالهين جي جدائي کي برداشت ڪريو.

(٦١) ابان بن تغلب بيان ٿو ڪري تہ مظلوم ڪربلا فرمايو جو شخص اسان کي دوست رکندو اهو اسان اهلبيت مان ٿيندو. مان عرض ڪيو اوهان اهلبيت مان. امام فرمايو "اسان اهلبيت مان" هي جملہ پاڻ تي دفع فرمايائون. ان کان بعد فرمايائون تہ ڇا تو عبد صالح جو قول نہ ٻڌو آهي. تہ جو منهنجي پيروي ڪندو اهو مون مان آهي.

(٦٢) منذر بن جا درد سندن خدمت ۾ آيو ان پڇو اي فرزند رسول اوهان تي قربان وڃان ڇا حال آهي.

پاڻ فرمايائون. صورت حال هي آهي جو عرب وارا عجم وارن تي فخر ڪن ٿا پيغمبر خدا اسان مان آهن تنهن تي عجم وارا ان ڳالهہ جو اعتراف ڪن ٿا. ۽ اسان جو ۽ قريش وارن جو هي عالم آهي جو هو اسانجي فضل ۽ شرف جا معترف آهن مگر اسانکي امام ٻڌائڻ

٥٩، ٦٠، ٦١، ٦٢، نزهتہ الناظر تنبيہ الخاطر.

تي تيار نه آهن. هن امت لاءِ مصيبت هي، آهي جو جڏهن اسان انهن کي سڏيون ٿا ته هو اسانجي پڏن نٿا ۽ جيڪڏهن اسان انهن کي ڇڏي ٿا ڏيون ته هو بغير اسانجي هدايت نٿا پائي سگهن.

(٦٣) هڪ دفعو اخطب جو وفد لنگهيو ته پاڻ فرمايائون جو سمجهه ۾ نٿو اچي ته اسان رحمت جي گهر وارا نبوت جا شهر ۽ علم جي ڪاڻ آهيون. آخر اسان کان ڪهڙي ڳالهه تي ماڻهو ناراض آهن.

(٦٤) سندن هڪ معصوم جو انتقال ٿي ويو مگر سندن مٿان رنج ۽ غم جو ڪوئي اثر نه ڏٺو ويو. ان تي ماڻهن ڇنگريون ڪيون. تنهن تي پاڻ فرمايائون. اسان اهڙيءَ طرح خدا کان سوال ڪندا آهيون ته هو اسان کي عنايت فرمائيندو آهي ۽ جڏهن هو ڪنهن اهڙي ڳالهه جو ارادو ڪندو آهي جنهن کي اسان نا پسند ڪندا آهيون مگر ان جي مرضي الهيءَ ۾ هوندي آهي ته پوءِ اسان به ان جي مرضي تي راضي ٿي ويندا آهيون.

٦٣- نزهة الناظر في تنبيه الخاطر.

٦٤- الحسين سيد علي جلال مصري.

(٦٥) هڪ شخص سندن خدمت ۾ آيو سلام ڪيائين امام جواب سلام جو ڏنو. ان شخص چيو مولا سوال پڇڻو آهي امام فرمايو پڇ. ان چيو ايمان ۽ يقين ۾ ڪيترو فرق آهي. فرمايائون چئن آڱرين جو. ان چيو ڪيئن- فرمايائون اسان جو ڪجهه ٻڌون اهو آهي ايمان ۽ هو ڪجهه اکين سان ڏسون اهو آهي يقين- اک ۽ ڪن جي وچ ۾ چئن آڱرين جو فاصلو آهي- ان چيو آسمان ۽ زمين جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو آهي- فرمايائون هڪ مقبول دعا جو (يعني مقبول دعا کي آسمان تائين پهچڻ ۾ دير نٿي لڳي) ان پڇو مشرق ۽ مغرب جي وچ ۾ ڪيترو فاصلو آهي- فرمايائون بس ايتروئي جو سج هڪ ڏينهن ۾ طئي ڪري ٿو- ان پڇيو مرد جي عزت ڇا آهي- فرمايائون ماڻهن کان بي نياز رهڻ- ان پڇو بدترين شئي ڇا آهي- پاڻ فرمايائون بدڪاري پوڙهي لاءِ بدترين آهي- تيزي ۽ تندي بادشاه لاءِ بدترين آهي- ڪوڙ صاحب ڪمال لاءِ بدترين آهي- بخل مالدار لاءِ بدترين آهي- لالچ عالم لاءِ بدترين آهي- ان شخص چيو سچ چيو- اي فرزند رسول ص. چڱو مونکي ٻڌايو بعد پيغمبر ص ڪيترا امام ٿيندا پاڻ فرمايائون ٻارهن نقيبن بني اسرائيل جي تعداد جي مطابق- ان چيو سيني

---

(٦٥) ڪفايت الاثرفي النصوص علي الائمه الاثنا عشر

ها ڏالا ٻڌايو. امام کهه ڏير سر جهڪائي رهيا پوء پاڻ سر مٿي ڪري ارشاد فرمايائون چڱو اي عرب جي رهڻ وارا آءٌ توکي لا بہ ٻڌايان ٿو. پيغمبر کان بعد امام ۽ خليفہ اميرالمومنين علي بن ابي طالب آهن. ان کان بعد حسن عليہ. ان کان بعد آءٌ ۽ مونکان بعد منهنجي نسل مان نو فرد. منهنجو فرزند علي عليہ. ان کان بعد علي عليہ جو فرزند محمد ص. ان کان بعد محمد جو فرزند جعفر عليہ. ان کان بعد جعفر عليہ جو فرزند موسيٰ عليہ. ان کان بعد موسيٰ عليہ جو فرزند علي عليہ (رضا) ان کان بعد سندس فرزند محمد ۽ ان کان بعد سندس فرزند علي عليہ. ان کان بعد سندس فرزند حسن. عليہ. ان کان بعد سندس فرزند مهدي عليہ. اهو منهنجي نسل مان نائون فرزند هوندو جو آخر زماني ۾ دين جو حاڪم هوندو.

(٦٦) اميرالمومنين عليہ پنهنجي فرزند امام حسين عليہ کان پڇو. فرزند سرداري ڇا آهي

پاڻ جواب ڏنائون. قرابتدارن سان احسان ڪرڻ. انهن کان جيڪڏهن ڪائي خطا ٿي وڃي جنهن جو انهن کي تاوان ڏيڻو پوي تہ ان جي طرفان تاوان ڀري ڏي. اميرالمومنين عليہ سلام پڇو ما داري ڇا آهي. امام حسين عليہ چيو آرزن جو گهٽ هجڻ ۽ بقدر ضرورت تي راضي رهڻ.

---

(٦٦) بحارالانوار جلد ١٧

وري پڇيائون- محتاجي ڇا آهي- چيائين لالچ ۽ بيحد مايوسي- پڇيائين ذلت ڇا آهي- چيائين انسان جو پنهنجي جان عزيز رکڻ ۽ زن مريد ٿيڻ- پڇيائون بي ڏنگائپ ڇا آهي- چيائين پنهنجي حاڪم ۽ ان کان جو ان جي نفع نقصان تي قدرت رکندو هجي دشمني رکڻ- ان کان بعد اميرالمومنين عليه حارث اعور ڏي طرف متوجه ٿيو ۽ فرمايو ته- اي حارث هي حڪمت ڀريون ڳالهيون پنهنجن کي تعليم ڪر ڇا لاءِ جو هي (امام حسين عليه جو ڪلام عقل ۽ دورانديشي ۽ سمجهه بوجهه ۾ زيادتي جو باعث آهي-

(٦٧) حضرت امام عليه فرمايو ته تمام انسانن ۾ قدر ۽ منزلت ۾ اهو وڏو آهي جنهن کي اها پرواه نه هجي ته دنيا ڪنهن جي هٿ ۾ آهي-

(٦٨) هڪ شخص عرض ڪيو ته مان هڪ گهر ٺهرايو آهي چاهيان ٿو ته اوهان ان ۾ جلوه افروز ٿيو ۽ دعا فرمايو- پاڻ ان گهر ۾ تشريف آڻيائون گهمي ڏٺائون پوءِ ارشاد فرمايائون ته تو پنهنجي اصلي گهر کي ويران ڪيو ۽ ٻئي گهر کي آباد ڪيو- زمين جي رهڻ وارا ته هن گهر سبب تنهنجي عزت ڪندا ۽ آسمان وارا تو کي ناپسند ڪندا-

---

٦٧- جامع الاخبار ٦٨- مجموعه ورام

(٦٩) امام عليه فرمايو زياده قسم کڻڻ کان پرهيز ڪريو- ڇالاءِ جو انسان ڇهن ڳالهين جي سبب کان ئي قسم کڻندو آهي يا ته احساس ڪمتري جي سبب کان جو ان کي آماده ڪندو آهي جو قسم کڻي ماڻهن کي پنهنجي قول جي تصديق جي التجا ڪري. يا ٻيءَ طرح ڳالهه ڪرڻ جي سليقي نه هجڻ سبب کان پنهنجي گفتگو ۾ وچ ۾ پورتي ۽ اڪيلي ڪلام جي طور قسم کڻندو آهي يا تهمت وار هجڻ جي سبب ڄاڻندو هوندو ته ماڻهو مونکي سچو نه سمجهندو ۽ جستائين مان قسم نه کڻندس ماڻهو ته منهنجي ڳالهه تسليم نه ڪندا. يا ڇو ته پنهنجي زبان کي بي لغام ڇڏڻ جي سبب قسم کڻندو آهي-

(٧٠) پاڻ فرمايائون. جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو ته هڪ منادي ڪندڙ آواز ڪندو ته اي لوگو توهان مان جنهن ڪنهن جو اجر خدا جي ذمي هجي اهو اٿي کڙو ٿئي- هيءَ آواز ٻڌي نيڪي ڪرڻ وارا اٿي کڙا ٿيندا- پاڻ اڪثر هيئيون شعر پڙهندا هئا.

اي شخص توکي دنيا جون لذتون حاصل آهن مگر
انهن لذتن کي بقا نه آهي-
زائل ٿيڻ واري پاڇي کان فريب کائڻ حماقت آهي-

٦٩- نزهة الناظر. ٧٠- ارشاد ديلمي

(٧١) ٻاڻ فرمايائون ماڻهو دنيا جا ٻانها آهن ۽ دين انهن جي زبان تي مثل چاٽ جي آهي. جيستائين ان دين جي ذريعہ سامان گذاري جو ملندو رهي ٿو ان دين جي حفاظت ڪن ٿا. مگر جڏهن آزمائش ۾ پون ٿا تہ دين دار تمام ٿورا رهندا آهن. (هن ڪلام جي قدر ۽ قيمت جو اندازو ٿي نٿو سگهجي. نہ ڪوئي ڪلام هن ڪلام جي برابر سمجهي سگهجي ٿو ۽ هي جملہ غور ۽ فڪر ڪرڻ وارن لاءِ نصيحت. حڪمت ۽ عبرت لاءِ ڪافي آهي).

(٧٢) قرآن جو ظاهر گهڻو خوش نما ۽ باطن بيحد اونهو آهي.

(٧٣) هڪ شخص اميرالمومنين عليہ جي خدمت ۾ آيو ۽ چيائين ڪڏهن اوهان واقعي عالم آهيو تہ ٻڌاءِ. اشباہ ناس ۽ نسناس جو مطلب مونکي ٻڌايو اميرالمومنين عليہ امام حسين عليہ کي فرمايو تہ هن شخص کي جواب ڏيو. امام حسين عليہ ارشاد فرمايو. اي شخص تو جو هي چيو آهي تہ ناس (حقيقي انسان)

٧١- ڪشف الغمہ. ٧٢- جامع الاخبار ٧٣- مرآة لعقول شرح ڪافي.

جي متعلق ٻڌايو ته پڪ حقيقي انسان اسان آهيون انهي
سبب کان خداوند عالم پنهنجي ڪتاب ۾ فرمايو آهي -
* افيضوا من حيث افاض الناس - رسول الله صلعم ٿي ته
اهو هو جو ماڻهن کي گڏ ولي ڪري هليو - هاڻي
اشباه (يعني انسان جهڙا شخص) جي متعلق ته اهي
اسانجي دوستدار ۽ شيعه آهن ان سبب کان جناب
حضرت ابراهيم عليه چيو هيو ته † جنهن منهنجو اتباع
ڪيو اهو مون کان آهي - باقي رهيا نسناس ته آهي
‡ سواد اعظم آهن هي فرمائي پاڻ ماڻهن جي ميڙ جي
طرف اشارو ڪيائون - ان کان بعد هي آيت پڙهيائون -
قال تعاليٰ - ان × هم الا کالانعام بل هم اضل سبيلا - معني
اهي چوپاين مثل آهن بلڪ اهي انهن به راه کان ڀٽڪيل -

---

* قرآن پاره ٢ سوره بقر.

† قال ابراهيم فمن تبعني فانه مني - پاره ١٣
سوره ابراهيم -

‡ اهل الجماعة

× قرآن پاره ١٩ سوره فرقان.

(۴) پاڻ فرمايائون ته انسان جي خوبي مان هڪ ڳالهه آهي جو ٻي مطلب ڳالهيون ڇڏي ڏئي. (هي نڪتو سرور ڪائنات کان به مروي آهي)

(۷۵) معاويه وٽ ماڻهن عقل جو تذڪرو ڪيو. پاڻ فرمايائون عقل ان وقت ڪامل ٿيندو جڏهن حق جي پيروي ڪجي.

(۷۶) هڪ شخص پڇو اي ابو عبدالله ٻار کي ڏيڻ ڪڏهن واجب آهي. پاڻ فرمائون ته جڏهن ٻار پيدا هجڻ بعد بلند آواز سان روئي تڏهن ان جي عطا ۽ رزق واجب ٿيندو.

(۷۷) جنهن اسان سان عداوت ڪئي ان پيغمبر خدا سان عداوت ڪئي.

(۷۸) پاڻ فرمايائون. آسمان جيترين شين تي طلوع ڪري ٿو. شرق و غرب. خشڪي ۽ تري. هموار ۽ ناهموار زمين غرض ته تمام شيون خدا جي اولياء مان هر ولي ۽ حق خدا جي معرفت رکڻ وارن جي نزديڪ ائين آهين جهڙو سايه دار شئي جو پاڇو. پوءِ پاڻ فرمايائون. شريف شخص هن دنيا کي دنيا وارن

۷۴،۷۵– بحارالانوار جلد ۱۷. ۷۶– الحسين سيد علي جلال بصري. ۷۷– قواعدالدين جلد ۶ سيد حسين عرب.

۷۸– نفثة المصدور المحدث شيخ عباس قمي.

لاءِ ئي ڇڏي ويندو آهي. توهانجي نفس جي ڪائي شيءِ قيمت ٺهجي ئي نٿي سگهي سوا جنت کان سواءِ ٻي ڪنهن شيءِ جي بدلي پنهنجي نفس کي نه وڪڻو ڇالاءِ جو شخص خدا کان دنيا وٺڻ تي راضي ٿيو اهو گهٽون ذليل ۽ ردي شيءِ تي راضي ٿيو.

خاتمون...... مختلف موضوعات تي سٺن ڪلمات.

(٧٩) پاڻ فرمايائون. اسان ۽ بني اميه خدا جي باري ۾ هڪ ٻئي جا دشمن آهيون. اسان ۽ اهي قيامت تائين هڪ ٻئي جا دشمن رهنداسون. جبرئيل حق جو علم کڻي آيو ۽ ان الهيءَ علم کي اسانجي وچ ۾ نصب ڪيو ۽ شيطان باطل جو جهنڊو کڻي آيو ۽ ان کي بني اميه جي وچ ۾ نصب ڪيائين. پهرئون قطرو منافقن جي خون مان روئي زمين تي وهيو آهي اهو عثمان جو خون هو.

(٨٠) پاڻ فرمايائون ته عثمان پل صراط تي هڪ مردار آهي جو ان وٽ اچي بيهي رهيو اهو اهل

٧٩، ٨٠- بحارالانوار جلد صفحه ٣٤٣.

هيئن ۾ مقيم ٿيندو ۽ جو ان تان لنگهي ويو ته هو لنگهي جنت ۾ پهچي ويندو.

(٨١) جناب حبيب بن مظاهر کائون پڇيو ته جناب آدم جي خلقت کان اڳ اوهان ڇا هئا. ناڻ فرمائون ته اسان نور جا پيڪر هئا سين عرش خدا جي چوڌاري گهمندا ۽ ملائڪن کي تسبيح ۽ تهليل ۽ تحميد جي تعليم ڏيندا هئا سين.

(٨٢) فرمايائون. ابوبڪر ۽ عمر. اهر خلافت کي قبضي ۾ ڪيو حالانڪ خلافت پوري اسان لاءِ هئي. مگر انهن خلافت ۾ اسانجو اوتروحصو رکيو جيترو ميراث ۾ ڏاڏي جو ٿيندو آهي. خدا جو قسم جنهن ڏينهن ماڻهو اسانجو شفاعت جا طلبگار ٿيندا. ان ڏينهن سندن نفس انهن کي فڪر ۽ اولاهه ۾ وجهندا.

(٨٣) ناڻ فرمايائون. آءٌ ملت ابراهيم عليہ تي ته ڪنهن کي نٿو ڏسان بس اسان ۽ اسانجا شيعه. ملت ابراهيمي تي آهن ۽ باقي تمام ماڻهو ملت ابراهيمي کان الڳ آهن.

٨١ـ اسماوالعالم ص ٣٦٦. ٨٢ـ بحارالانوار جلد ٨ صفحه ٢٨. ٨٣ ـ نزهة الايمان صفحه ١٥.

(٨٤) انظر ابن مالڪ کان روايت آهي ته هو چوي ٿو
مان حضرت امام حسين کي عرض ڪيو ته اي ابا
عبدالله قول خدا وند عالم* هذا ان خصمان اختصموا في
ربهم - يعني - هي ٻه جهڳڙالو آهن جن پنهنجي پروردگار
جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو - ان جو تفسير فرمايو - پاڻ
فرمايائون - اسان ۽ بني اميه الله جي باري ۾ تڪرار
ڪيو - اسان چيو ته خدا سچ چيو آهي ۽ بني اميه چيو
خدا ڪوڙ چيو آهي (معاذالله) لهاذا اسان ۽ بني اميه
ٻئي قيامت جي ڏينهن ٻه جهڳڙط وارا هونداسون.

(٨٥) حارث اعور امام حسين کي عرض ڪيو ابن
رسول الله قربان وڃان خدا وند عالم پنهنجي ڪلام پاڪ
۾ ÷ والشمس وضحاها جو فرمايو آهي ته ان کان ڇا امداد
آهي - پاڻ فرمايائون وائي هدي اي حارث تو ٿي شمس
۽ ان مراد حضرت محمد مصطفيٰ آهن - حارث چيو
والقمر اذا تلها (قسم آهي چنڊ جيڪو سج جي پويان
هلي ٿو) مان ڪهڙي مراد آهي - فرمايائون ان کان
مراد اميرالمومنين علي ابن ابي طالب آهن جي
آنحضرت جي نقش قدم تي هلط وارا آهن - وري ان
چيو والنهار اذا جلها (قسم آهي ڏينهن جو جڏهن ان

---

(٨٤) خصاالصدوق جلد ١ (٨٥) بحار جلد ٧ صفحه ١٤٥

کي روشن ڪيو) کان ڇا مراد آهي - فرمايائون ان کان مراد قائم آل محمد آهي جو زمين کي عدل ۽ انصاف سان ڀريندو ۽ والليل اذا يغشاها (قسم آهي رات جو جڏهن هو ڍڪيندي کي ڍڪي) کان مراد يعني اميه آهن.

٨٦) ٻاڻ فرمايائون اسان مان ٻارهن مهدي ٿيندا اول انهن جو اميرالمومنين علي ابن ابي طالب ۽ آخر انهن مان منهنجي نسل مان نائون فرزند آئيندو ۽ اهو امام قائم بالحق آهي - خدا ان جي ذريعي زمين کي ان جي مرڻ بعد زنده ڪندو ۽ دين کي فتحياب ڪندو ۽ تمام دينن تي پورو پورو غلبو عنايت ڪندو ڇا ڀي مشرڪن کي ناپسندئي ڇو نه هجي - ان کي غيبت ٿيندي جنهن ۾ ڪيترا گروهه مرتد ٿي ويندا ۽ ڪجهه گروهه دين تي باقي رهندا جن کي ستايو ويندو ۽ انهن کي چيو ويندو ته جي اوهان سچا آهيو ته (مهدي جي ظهور جو) وعدو ڪڏهن پورو ٿيندو. جو شخص ان جي وقت غيبت ۾ ڏکن تي ۽ ڪوڙي سڌ جڙ اي صبر ڪندو ته ان شخص جو قدر ۽ منزل ان شخص جهڙي ٿيندي جيڪو تلوار کڻي پيغمبر صه خدا جي قدمن ۾ جهاد ڪري.

---

(٨٦) ڪمال الدين صدوق صفحه ٨٤

(۸۷) پاڻ فرمايائون منهنجي نائين فرزند ۾ جناب يوسف عليه جي سيرت به هوندي ۽ جناب موسيٰ عليه جو ڪردار به هو اسان اهلبيت عليه جو قائم آهي خدا ان جي اور کي هڪ رات ۾ ٺيڪ ڪندو.

(۸۸) فرمايائون هن امت جو قائم منهنجي نسل مان هوندو اهوئي صاحب غيبت آهي. اهو اهو آهي جنهن جي ميراث ان جي حياتي ۾ تقسيم ٿي ويندي.

(۸۹) حدث بن مغيره نضري چوي ٿو ته مان حضرت امام حسين کان پڇيو ته اسان ڪهڙين علامتن سان امام مهدي عليه کي سڃاڻون. فرمايائون. سڪون ۽ وقار ڏسي مان عرض ڪيو ٻئي ڪهڙي نشاني سان چيائون حرام ۽ حلال خدا جي معرفت سان حاصل هجڻ ۽ ماڻهن جو ان جو محتاج هجڻ ۽ ان جو ڪنهن جو محتاج نه هجڻ سان.

---

(۸۷) ڪمال الدين صدوق صفحه ۱۸۳
(۸۸) بهجة الابرار
(۸۹) عقد الدار جمال الدين يوسف شافعي